هِندُ سِندُ وِنگرَ جا سَنت
سَماجُ سيوڪَ



ڀائي ڊاڪٽر سڀاش (سوني)

(U-5)

!! ॐ !!

000078

ڪتاب جو نالو :

’هِندُ- سِندُ- سِنڌونگرَ جا سَنت ۽ سَماجِ سيوڪَ‘

★

ليکڪ، پرڪاشڪ ۽ گڏ ڪندڙ :

ڀائي ڊاڪٽر سُڀاش (سوني) بابا تُلسيداس اُداسي

ميمبر- اکل ڀارتيه سنڌي ساڌو سماج

ميمبر- پوج ٻيڪه ڀڳوان منڊل، سنڌونگر

اڳيون ميونسپل ڪائونسلر (اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل)

اڳيون اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ (مهاراشٽرا گورنمينٽ)

مکيه سمپادڪ / مالڪ - ’سوني‘ ماهوار اخبار

★

ڇاپو ڇپرائيون — سڀ حق واسطا قائم — ڊزائين جا پڻ

شايع ٿيو ٣٠ نومبر ١٩٩٨ (هڪ هزار ڪاپيون)

★

سڪ شرڌا پريم سان پڙهو ۽ آسيس ڪيو!

مول لاڳت پيتا :- هڪ سو رُپيا (-/١٠٠)

★

’هميشه پريوءَ کي ياد ڪيو - ڀڳتيءَ ۾ شڪتي آهي‘

پوئين ڪَوَر پيج جا نالا

١. پرم پوڄنيه مهامنڊليشور شري ١٠٨ سوامي شويندرپوري جي مهراج
سوني اخبار جو مهورت ڪري رهيا آهن.
اخبار ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي جهلي بيٺا آهن.
پاسي ۾ سوامي برهمداس مهراج اُداسين (جئه بابا ڌام وارا سنت) ويٺا آهن ۽ ٻيا سنت منڊلي.

٢. سائين آتمارام صاحبن جو سواگت ڪري رهيا آهن
سائين ٻلرام صاحب ۽ ڀائي ڊاڪٽر سوني اُداسي ۽ ڀائي ديپڪلعل اُداسي. (ڌرم دربار ۾ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج گڏجاڻيءَ وقت)

٣. پرم پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهراجن ڀاڪر ڀائي ڊاڪٽر سياش سوني اُداسيءَ کي آشيرواد ڏيندي پاسي ۾ سوامي ديوپرڪاش جن ۽ ميونسپل پريزيڊنٽ سريش (پپو) ڪالاڻي، ائڊمنسٽريٽر ٽائون شپ جو شري دولترام جڳياسي ۽ ڀائو سندرداس ٻنيڄا سوتنترتا سنگرامي، ٻچو روپچنداڻي ۽ ٻيا سنت منڊل ۽ ڪاريه ڪرتا.

٤. ڀاڪر ڀائي ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي پرم پوڄنيه سوامي ديوپرڪاش مهراجن جو سواگت ڪندي.

٥. برهملين بابا ٻڌررام بابا سيرورام جڳياسي صاحب (ڪولهاپور گانڌينگر وارا سنت)

٦. سنتن جي ڌرم دربار ۾ گڏجاڻيءَ وقت سوامي برهمداس اُداسين ۽ سنت سائين روپارام صاحب، ڀائي ڊاڪٽر سياش (سونيءَ) کي آسيس ڪندي ۽ ڀائي ميولداس ۽ دادا نارائڻداس (ڀارتي راڄا) نظر اچي رهيا اهن ۽ ٻيا سنت.

٧. شري هريرام سانولاڻي (ڪولهاپور گانڌينگر وارا)

٨. برهملين بابا ١٠٨ مهنت گيلارام اُداسي صاحب.

!! ॐ !!

”جئہ شري گڻيشايہ نمہ“

پهرين ڪوَر پيج جا نالا :-

★ شِوَ روپ اُداسين آچاريہ جڳت گرو شري سريچندر ڀڳوان

★ وچ ۾ آواهن پيناڌيشور آچاريہ مهامنڊليشور شري ١٠٨ سوامي شيويندر پوري جي مهراج آسيس ڪندي

★ مهنت شري ١٠٨ سوامي بابا ڀڳتِرامُ صاحب اُداسين

★ مهنت شري ١٠٨ سوامي بابا ٽيڪِرامُ صاحب اُداسين

★ مهنت شري ١٠٨ بابا گرمُکداسُ صاحب اُداسين

★ مهنت شري ١٠٨ بابا رامداسُ صاحب اُداسي

★ مهنت شري ١٠٨ بابا تُلسيداسُ بابا رامداس اُداسي صاحب

ڊاڪٽر ڀائي سياش (سوني) بابا تُلسيداس اُداسي
(ليکڪ - پرڪاشڪ - گڏ ڪندڙ)

ڀائي ديپڪلعل گورڌنداس اُداسي

وشيه سوچي يعني فهرست
پاڳو پهريون - سنت سيڪشن

٩. شري جواهر (جي.ڪي.) ڪشنچند جڳياسي (وڪيل ۽ انڪم ٽئڪس پرئڪٽشنر ۽ ويسٽرن ريلوي بورڊ ڪاميٽي ميمبر ۽ فلم سينسر سرٽيفڪيٽ ڪاميٽي ميمبر)

١٠. سنتن جي گڏجاڻي ڏرم دربار ۾ اڪل پارت سنڌي ساڌو سماج جي اُن جي پريس ڪانفرنس ۾ سڀاهه ڏيندي ڳالهائي رهيو آهي مائڪ تي ڊاڪٽر سوني، اهو گڏجاڻيءَ جو پروگرام اڪل پارت سنڌي ساڌو سماج جي اڌيڪش شرڌييہ شرومڻي سوامي نارائڻداس صاحب جي اڌيڪشتا ۾ ٿيو ۽ سائين هلرام صاحب جي نظرداريءَ ۾. (سڄي ڪاريہ ڪرڻيءَ جا گڏ سنت)

١١. ڀائي سريش لعل منڪاڻي (اُداسي)

١٢. سنت مورتي پرمہ آدرڻيہ سنت ڀائي پريتمداس چيتنداس اُداسي (انڊور وارا سنت)

١٣. ڪائونسلر چونڊجڻ بعد ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسيءَ جي سواگت سماروه وارڊ واسين طرفان گڏ پريزيڊنٽ شري سريش (پپو) ڪالاڻي ۽ وائيس پريزيڊنٽ ڀائو گوپ ٻهراڻي.

١٤. ڊاڪٽر سياش (سوني) ميئر شري گڻيش چوڌري ۽ ڊپٽي ميئر ڪمار آئلاڻيءَ کي ١٤ آگسٽ، رات جو، ٥٠ سال آزاديءَ جي ڪائونسل ۾ پروگرام وقت سوني اخبار ۽ جوهر جڳياسيءَ طرفان سنڌ نالي سان خاص نهرايل ڊائري ڀيٽ ڪري رهيو آهي.

پاڱو ٻيون
پوج ٻيڪہ پيگوان منڊل سنڌونگر

ڀاڱو ٽيون
سماج سيوڪ سيڪشن

”منهنجا آراڌيہ ۽ آڌياتمڪ مارگہ درشڪ“

منهنجا ماتا پتا :

★ برهملين ماتا روپونتي ديوي

★ برهملين مهنت ١٠٨ بابا تلسيداس رامداس اُداسي

چاچي چاچو :

★ برهملين ماتا ديوي ڀائي ڀائي مانڌو داس اُداسي

سهرو :

★ برهملين ڀائي ٻڌررام بابا سيرورام جگياسي

★ راجہ رشي آچاريہ سوامي گڻيشداس جي مهراج
(شري ساڌ ٻيلا اُداسين آشرم)

★ آچاريہ مهامنڊليشور سوامي شويندرپوري جي مهراج
(اونڪارانند آشرم، سنڌونگر-٥)

★ سائين آتمارام صاحب (سائين وسڻ گهوٽ دربار جا گاديسر)

★ برهملين ڪرم يوگي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج
(سوامي ستگرو ٽيئونرام آشرم)

★ سنت شرومڻي سوامي نارائڻداس اُداسين (اُمرڌام آشرم)
★ سائين روپارام صاحب (سوامي هرچورام ڌام جا گاديسر)
★ سائين ٻلرام صاحب (گاديسر سوامي ڌرمداس دربار)
★ ڀائي گرداسرام رنگيراماڻي
(سوامي آتم پرڪاش دربار پيرگوٺ جا گاديسر)

ڀائر :
برهملين ڀائي ڊاڪٽر گوپالداس اُداسي
برهملين گورڌنداس (گوريلعل) اُداسي

داس
”سوني“



وينتي ۽ ڌنيواد

ليکڪ، پرڪاشڪ ۽ گڏ ڪندڙ طرفان

هن ڪتاب روپي پستڪ يا ننڍڙي گرنٿ کي هن ننڍڙي ٻالڪ داس ڀائي ڊاڪٽر سپاش (سوني ۽) لکيو آهي بروبر، پر هن پستڪ ۾ ٻين ڪيترن مهاپرشن، ليکڪن، ودوانن ۽ تعليمدانن اڳ ئي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، ننڍا وڏا ڪيترا شاستر، گرنٿ، ڪتاب هن ڪلجڳ جي سمي ۾ لکي ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، هن سنسار کي صحي مارگ ڏيکارڻ لاءِ، ڪڙي محنت ۽ لگن سان انسان ذات لاءِ ڀلائي ۽ نيڪ رستو ڏيکارڻ ۽ صد ڪرم ڪرڻ لاءِ راه ڏيکارڻ لاءِ، هي به اُنهن جي آسيس جو ڦلُ آهي، جن جي پريرڻا جي ملڻ ڪري خاص ڪري سوامي نارائڻداس اُداسين (اُمرڌام وارا سنت)، برهملين سوامي ڪمياداس اُداسين، سائين ٻلرام صاحب، ڀائي گُرداسرام رنگيراماڻي، ڊاڪٽر ديال آشا صاحب، دادا هرولعل راجپال، سردار هونداسنگهه ڦيرو سنگهه گربخشسنگهاڻي ۽ منهنجي ماتا سروپ ڀاڄائي ڪانتا ديوي گورڌنداس اُداسي، شري هريرام سانولاڻي ۽ شري ٻلرام سانولاڻي (ڪولهاپور) ۽ ٻين سنتن، ليکڪن، ودوانن جي مهرباني ۽ جو ڦل آهي ۽ امرتسر جي سنگهل والا آکاڙي جي مهنت سوامي آننتانند جي مهراج جن جي آسيس ۽ مارگ درشن مليو ۽ پڻ پوڄ ٻيڪ ڀڳوان منڊل سنڌونگر جو ۽ ٻين ڪافي سنتن جو مارگ درشن مليو آهي.

سِڪَ، شَرڌا سان سندن چَرنَ ڪَمَلنِ ۾ هيءَ تُڇ پيٽا قبول پوي.

سڪ پريم ۽ شرڌا سان هي ننڍڙو سنتن ۽ سماج سيوڪن تي لکيل هي پستڪ منهنجي پهرين ڪوشش آهي، ڪُل سڀني سنتن، مهاتمائن، ودوانن، تعليمدانن ۽ ليکڪن جي اسان مٿان هميشه آسيس رهي.

هي پستڪ يا ننڍڙو گرنٿ اُنهن مهان وِڀوتين کي ارپڻ آهي.

شِوَ روپ اُداسين آچاريه جگت گرو ۱۰۰۸ شري سريچندر ڀڳوان
آدي شڪتي ديوي ماتا سروپ سرسوتي ديوي ماتا
ڀڳوان شري ڪرشن مرلي منوهر
برهملين ماتا روپونتي ديوي بابا تلسيداس اُداسي
اَمن جا پيغمبر برهملين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج
دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻي
پرم آدرڻيه شري ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ صاحب (منهنجا اُستاد)

هيءَ رچنا سڀني سنتن مهاتمائن کان ورتل سماچار تي ۽ گرنٿن، پستڪن جو اڌين ڪري ٺاهي آهي، سڀني مهان وڀوتين ۽ سنتن جي چرنن ۾ قبول پوي ۽ سندن آسيس اسان مٿان رهندي اچي.

- داس ’سوني‘

آتَ اُداسين آچاريہ شِوَ روپ شري سريچندرؔ ڀڳوان جي ڪيءِ

شري ماترا صاحب

ايڪو اونڪارُ، ستگر پرساد،
مَتِ ڪهہُ ري ٻال؟

ڪِسني موُنڊا، ڪِسني مونڊيا، ڪِسڪا پيجا نگري آيا .
ستگرو مونڊا، لبک مونڊيا، گرو ڪا پيجا نگري آيا.
چيتهہُ نگري تارو گانءُ،
الک پُرک ڪا سِمَرهہُ نانءُ
گُرَ ابناسي کيلَ رچايا
اگم نِگمَ ڪا پنت بتايا
گيان ڪي گودڙي کِميا ڪي ٽوپي
جت ڪا آڙ بند شيلَ لنگوٽي
اڪالَ کنٿا نراس جهولي
جُڳت ڪا ٽوپ گُرمَتي بولي
ڌرمَ ڪا چولا ست ڪي سيلي
مريادا ميکلي لئہ گلي مون ميلي
ڌيان ڪا بٽوئا نرکت ڪا سُئي
برهم انچلا لي پهري سوئي
ٻهہُ رنگہ مورَچت نرليپ وشي
مِنرِ پيوَ جنگ ڌورا تاڪو دشي
جاپَ جگوتا صِفتِ اُڙاني
سِگتي شبد انا هت گرَ باڻي
سرِمَ ڪي مندرا شِوَ وِيوُتا
هر پيُت مرتا ني ليءِ پهري گر پوُتا
سنتوک سوُتَ پبيک ڌاڳہ
انيک نڪي تهان لاڳي
سُرَتِ ڪي سُئي لي ستگرو سيوي
جو راکي سو نِربوءِ ٿيوي

مون کو نئون کم کونہ کيو آهي پر ٿوري ڪوچ ۽ آڏين ڪري هي پستڪ لکيو آهي. جيتوڻيڪ محنت سڀني ودوانن، تعليمدانن، سنتن مهاتمائن ۽ ليکڪن جي آهي، پريرڻا بہ توهان صاحبن وٽان ملي آهي.

تنهن ڪانپوءِ بہ ڪنهن سچڻ جگياسوءَ يا ساڌو سنت يا ليکڪ کي ڪجھ گهٽ وڌائي نظر اچي يا ڪجھ نہ وڻي تہ پنهنجو ٻالڪ سمجھي ڪرپا درشٽيءَ سان معافي ڏئي آئينده لاءِ سٺي صلاح ڏيندا تہ مهرباني ٿيندي.

شيوا ۾ داس :
ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) بابا تلسيداس اُداسي
بئرڪ-١٥٨٥، روم-٢، سيڪشن-٢٧،
ڀائي تلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ،
سنڌونگر-٠٠٤ ٤٢١، ٿاڻا ضلع (مهاراشٽرا)
فون نمبر : ٥٢٢٩٥٩/٥٢٢١٣٤

نرباڻ وديا اپار ڀيدَ
اکنڊ جَنيئؤ نرمل ڏوتي
سوهم جاپ سچ مال پروتي
سَنيا گر منتري گايتري هري نام
سنچل آس کر ويسرام
تلڪ سنپورڻ ترپڻ جس
پوجا پريم ڀوگ مهارسَ
نِر وئين سنڌيا درشن ڇاپا
واد وواد متائو آپا
پيتَ پيتمبر من مرِگ شالا
چيت چتنَرا رڻُ جھُڻ مالا
ٻڌ با گمبرکُلا پوستين
کوس کڙا وا اي مَتِ لينَ
وتڙا چوُڙا اوَر جنجيرَ
لي پهري نانڪ شاه فقير
جَتا جوُت مُڪت سِراهوءِ
مُڪتا ڦيري ٻنڌن نهين ڪوءِ
نانڪ پوُتا سِريچندر بولي
جُڳت پڇاڻي تَتوَ ورولي
اَئيسي ماترا لي پهري ڪوءِ
آوا گونُ مِٽا وه سوءِ

ماترا صاحب پڙهنتي سُڻهنتي
موکيہَ مُڪت کو لهنتي
گرو سريچند بابا کي چرڻون ۾
نمسڪار نمسڪار نمسڪار

★★★★★


نوٽ : ڇپ چُڪ يا ڪا غلطي هجي تہ مهرباني ڪري سُڌاري موڪليندا تہ سُڌاربي.

—— داس سوني.

سياه سفيد زَردَ سُر خائي
جو لئہ پهري سو گُرَ پائي
نِرَءِ گڻ چقمق اگن مَٽ پائي
دُک سُک ڏوُٽي ديهہَ جلائي
سنجم ڪِرپالي سوپا ڏاري
چرنَ ڪمل مهہَ سُرت هماري
پاٹ پوڄن امرت ڪَر پايا
ملا بسُ من نهبن بسايا
پاٽر وِچارا ڦروُ ٿا بهہُ گٽا
ڪر منڊل تنبا ڪِستي گهٽا
امرت پيالا اُدَڪَ مَنَ دَيا
جو پيوي سو سبٽل پيا
اِڙا ميءِ آوَهِ پنگلا ميءِ ڏاوَهيہ
سُک منا ڪي گهر سهج سماوَهِ
سنراس مَٽَ نرتنتر ڏيان
استر رِڌ امر پد ڊنڊا
ڏيرج ڦهوُڙي تپَ ڪر ڪنڪرا
وس ڪري آسيا سِمِ درشٽ چوَ گان
هرک سوگ نهبن مَٽ مَهِہ آن
شهج وئراگي ڪري وئراگ
مايا موهني سگل تياگ
نام کي پاکر پون کا گهوڙا
نهڪرم جبن ٽنڪا جوڙا
نرگڻ ڍال گر سبد ڪمان
اڪل سنجوگ پربت کي باٹ
اڪل کي بر سي گٽا ڪي ڪٽ
من کو مارِ ڪَرو آشواس
بڪمَ گڙه توڙ نرپوڻ ڪر آيا
نوبت سنک سنگارا وائيا
گر ابناسي سوُشمَ ويدَ

साधुबेला उदासीन आश्रम

१८-अे, भूलाभाई देसाई रोड, बम्बई - ४०० ०२६ (भारत)



दिनांक : २३ फरवरी, १९९८

प्रियवर श्री सोनीजी,

आशीर्वाद।

यह जानकर मुझे अत्यंत प्रसन्नता हुई कि आप शीघ्र 'हिंद सिंध सिंधुनगर जा संत और समाज सेवक' नामक पुस्तक प्रकाशित करने जा रहे हैं।

कोई भी राष्ट्र या प्रदेश संतों से अछूता नहीं रहा है। उन्होनें अपनी उपस्थिति से सदैव ही समाज को प्रभावित किया है, सभ्यता एवं संस्कृति को नई दिशा दी है तथा बड़े पैमाने पर व्याप्त रूढ़िवादी कुरीतियों को दूर करने का प्रयास किया है। संतों का अपना कुछ नहीं होता, जो कुछ वे समाज से लेते है उसे व्याज सहित वापस कर देते हैं।

यह सही है कि सब कुछ परिवर्तनशील है। समय कें साथ मान्यतायें एवं संस्कार बदलते रहते हैं किन्तु संतों ने अपने आदर्श नहीं छोड़े हैं, मान्यताओं एवं परम्परोओं का सतत निर्वाह किया है और अपने राष्ट्र में ही नहीं अपितु विदेशों में भी अपनी विध्वता एवं पण्डित्य की अमिट छाप छोड़ी है एवं राष्ट्र का नाम ऊंचा किया है।

संतों के उदात्त चरित्र, जीवन शैली, व्यवहार कुशलता एवं कर्तव्यनिष्ठा तथा उनके द्वारा की गई समाज - सेवा को आप सबके सामने लाने का प्रयास कर रहे हैं, यह आपका बहुत ही सराहनीय कदम है और निश्चय ही आपके प्रयास को व्यापक समर्थन मिलेगा।

मैं आपके सत्प्रयास की सफलता की कामना करता हूं।

आपका अपना

आचार्य स्वामी गणेशदास बनखण्डी


साधुबेला - पीठाधीश्वर

آرتي صاحب

جڳت گرو اُداسين آچاريہ شري سريچندر ڀڳوان جي ڪي

اوم جئہ گرو شري چندرديوا - سوامي جئہ گرو شريچندرديوا
سُر نر مني جن ڌياوَت - سنتن ڪي صاحب - اوم جئہ
ڪليگہ گهور انڌار ديکہ ڪر - ڌريو اوتارا
شنڪر؛ روپ سدا شِوَ ٢ - هر اُپرنپارا - اوم جئہ
يوگيندر اوَڌوت سدا تم - ٻالڪ برهمچاري -
ڀيش اُداسين چالڪ چالڪ - مهما اَتي ڀاري - اوم جئہ
رامداس گرو ارجن - سوڍي ڪُل پوشڻ -
سبوت چرڻ تُمهاري تمهري - مِٽ گيئي سڀ دوشڻ - اوم جئہ
رِڌي سڌي ڪي داتا - ڀڳتن ڪي تراتا
روگہ شوڪ سڀ ڪاٽو - شرڻي جو آتا - اوم جئہ
ڀڳت گِري سنياسي - چرڻو وچ گريو-
ڪاٽ ديو يو ٻنڌن ٻنڌن - ششيہ اپنا ڪريو - اوم جئہ
اُداسينو ڪي مالڪ - پالڪ دُکہ گهالِڪ
آچاريہ شِرڌارم ڌاريہ - جڳہ ڪي سنچالڪ - اوم جئہ
ويدي ونش رکيو جڳہ ڀيتر - ڪرپا ڪري ڀاري -
ڌرم چندر اُپديسيو - جاوا ٻلهاري - اوم جئہ
گوُر وَرن تن ڀسم - ڪانہ ۾ سَجي مُندرا -
باوريا سَرِ براجي - پگہ ڪر جڳہ اُڌارا - اوم جئہ
پدماسن ڪو ٻانڌ - يوگہ ڪو ليو ڌاري -
ائسو ڌيان تمهارو تمهارو - مَن ۾ نت ڌاري - اوم جئہ
جو جن آرتي نشدن - بابي ڪي گاوي
بسي بئڪنٺ نر ناري - سُکہ يش ڦل پاوي - اوم جئہ
رام نارائڻ آرتي - بابي ڪي ساجي
ٻال يني شري چندر جي چندر جي - جن پر رهو راضي
اوم جئہ شري چندر ديوا

★★★★★



شڀ سنديش : 'آشيرواد'

شري ١٠٨ سوامي نارائڻداس
اُداسين

امرڌام، او.ٽي. سيڪشن،
بابا امرداس روڊ،
سنڌونگر - ٠٠٢ ٤٢١
فون : ٥٤٢١٦٥ (٠٢٥١)

پريزيڊنٽ، پوڄ بيکہ ڀڳوان سنڌونگر ۽
پريزيڊنٽ آکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج.

!! ॐ !!

آدرڻيہ ڊاڪٽر سڀاش سوني اُداسي،

سادر هري اوم بعد لکجي ٿو تہ اها هڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو اوهين سنڌونگر جي سنتن تي هڪ سمارڪا ڪڍي رهيا آهيو، ڀڳوان شري سريچندر جن اوهانجي سنڪلپ کي ساڪار ڪندا ۽ سڀني سنتن جي سهيوگہ سان گڏ اوهانکي آشيرواد پڻ پراپت ٿيندي. اهڙا ڪاريہ سدائين ساراہ يوگيہ ٿيندا آهن.

اسانجي سڀني سنتن پاران اوهانکي ڪوٽي ڪوٽي ڌنيواد آهي.

ايشور شال اوهانکي سُکہ، صحت ۽ آنند سان گڏ وڏي آورجا پڻ بخشيش ڪندو جو آئينده بہ اهڙا شڀ ڪاريہ ڪري پنهنجو ۽ سماج جو نالو روشن ڪندا رهندا.

اوهانجو شڀ چنتڪ :
سوامي نارائڻداس پريمداس اُداسين
اڌيڪش، اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج،
سنڌونگر - ٠٠٢ ٤٢١

शिवार्चन आश्रम ट्रस्ट

५, महागणेश सोसायटी, देवलाली नासिक (भारत)

अध्यक्ष :

आवाहन पीठाधीश्वर आचार्य महामण्डेश्वर श्री १०८ स्वामी शिवेन्द्रपुरीजी महाराज



दिनांक : २०-११-९७

भारतीय संस्कृति एवं संस्कारों का परियार्जन एवं उनके प्रति आस्था के मूलस्तांत संत ही माने गये हैं। आनुशर्वी ग्रंथों एवं अभिलेखों से भी इस कथन की दृष्टि होती है। आज के परिपेक्ष्य में ऐसे ग्रंथों का प्रणयन, जन कि दर्शन, चल चित्रों द्वारा हमारी भावनाओं को आहत किया जा रहा है। अत्यावश्यक हो गया है।

प्रस्तुत ग्रंथ हिन्द-सिन्ध सिंधुनगर के संत एवं समाज सेवक में डॉ. सुभाष (सोनी) उदासी ने सभी समप्रदाय के सन्तों, समाज सेवियों के बारे मे अच्छी जानकारी देने का भगीरथ प्रयास किया है। जिनके जीवन चर्चा से हमारे नवीन पीढ़ी के सहज ही आस्था का दीप हस्तगत होगा, ऐसी आशा है।

शुभकामनाओं सहित

शिवार्चन आश्रम ट्रस्ट

Gram . C/o SWIFTSURE
Office 266 03 00

Personal Phones : N H G President
Off. : 281 06 81
Resi. : 2187254 / 2187623
Fax : 91-022-2187254

International Sindhi Panchayats' Federation

(ALL INDIA SINDHI PANCHAYATS' FEDERATION)

Room No. 10, 1st Floor, Onlooker Bldg., Sir P.M. Road, MUMBAI-400 001.

(50) YEARS

GOLDEN JUBILEE YEAR

"To Give Is To Get" *"Service Before Self"*

President :
Nari H. Gursahani
Senior Advocate, Supreme Court

Associate President :
Murlidhar S. Aswani B.A.
Phones : (R) 6480992/6482965
(O) 6482349

Secretary General :
Shankar D. Nankani Advocate B.A.LL.B
Phones : (R) 2834055/2832805
(O) 2619344/2614676

Treasurer :
Hari Pahlajani B.Com.
Phones : (R) 4379548/4378851
(O) 2036760/2033004


General Secretary :
Mohan P. Mirchandani Advocate
Phones : (R) 2151404
(O) 2151967/2151935

Shankar Lalwani
Phones : (R) 6401442
(O) 6433325/6411010

Chandru M. Manghnani
Phones : (R) 6429011/6426802
(O) 4940320-29

Lachhman Keswani (Bhopal. M.P.)

Date : 29/04/1998




پيارا ڀاءُ ڊاڪٽر سوني،

بيحد خوشي ٿي توسان سالن بعد ملڻ جي.

تون هڪ ڪتاب آرٽ پني تي ڪلر ۾ سنتن مهاتمائن ۽ سماج سيوڪن تي لکي رهيو آهين - تنهنجي ڪتاب جي وشيه شاندار آهي. هيءُ سرشٽي ۽ ڀارت ديش ۽ پاڪستان بعد سنڌي جاتي هلي رهي آهي گرو نانڪ ديو ۽ جهولڻ سائين، سنت، مهاتمائن جي ڪرپا، ديا ۽ مهر سان - اڄ جون حالتون اسان سنڌين جي وڏي ۾ وڏي نگر 'سنڌونگر' جنهنکي ناهڻ، سنڌس لاءِ قانوني لڙايون لڙڻ ۽ ٻين حقن وٺي ڏيڻ ۾ هن بندي ۴۹ سال خدمت ڪئي آهي ۽ رهيل سال ٻه ڪندو رهندس - مان مالڪ کان تو لاءِ تنهنجي ڪتب پريوار لاءِ ۽ تنهنجي تيار ٿيندڙ ڪتاب جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا پنان ٿو.

— ناري گرسهاڻي.
پرڌان ۽ سماج سيوڪ.



آشريواد جا ٻه اکر ..


ڊاڪٽر ديال 'آشا' صاحب.

سنت سماج جا سچا سونهان آهن، هو سُتلن کي سُجاڳ ڪري ست مارگ بتائين ٿا، روشن راه ٻڌائين ٿا. اهڙن مهاپرشن جا جيون چرتر پڙهڻ سان اسان مانسڪ ۽ آتمڪ اُنتي ڪري سگهون ٿا.

پيارو ڀاءُ ڊاڪٽر سپاش (سوني) سنتن جي سنتان آهي. سِنڌ سنتن درويشن جو ديش هئي، هي پيارو اُنهن سنتن درويشن ۽ زنده سنڌي سنتن جي سنبنڌ ۾ پستڪ پرڪاشت ڪري اُتم ڪاريه ڪري رهيو آهي، اُميد خاص نئين ٽهيءَ کي سنڌي سنتن جي جيون ڪان پريچت ڪرڻ گهرجي جئن ڪين ڄاڻ پوي ته سِنڌُ ۾ اُملهه خزانو هئو.

اهو گيان جو خزانو خلاص ٿيڻ جو ڪين آهي. اُن گيان ڀڳتي روپ جي خزاني سان اسين ٻه مالامال ٿيون، مانوَ جيون سڦل بڻايون.

- ديال 'آشا'.



ٻه اکر مشهور ليکڪ شاعر
۽ بزرگ ودوانن-طرفان ...

ڊاڪٽر ارجن سڪايل

مهاڳ :

ڊاڪٽر سياش (سونيءَ) کي مان سالن کان سڃاڻان، هڪ طرف هو لذيذ طبيعت ۽ مِٺي زبان وارو آهي ته ٻئي طرف سماج ڏانهن پڻ پنهنجي جوابداري محسوس ڪندي هر ويل سماج شيوا لاءِ چوويهه ڪلاڪ تيار رهڻ وارو شخص آهي ۽ جنتا به کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندي ٻه ٻه دفعا ميونسپل ڪائونسل ۾ چونڊي پئي موڪليو آهي، هن اُتي به بخوبي پارٽ ادا ڪندي، سٺو ناماچار حاصل ڪيو آهي.

هن جي قلم سان پُراڻي دوستي رهي آهي، ليکڪ لکڻ ۽ اخبار جي سمپادڪي ڪرڻ تائين پنهنجي قلم جو جوهر ڏيکاري چڪو آهي.

هاڻي هن سنتن مهاتمائن جي جيون ۽ ڪاريه ڪُشلتا سان گڏ سماج سيوڪن بابت هڪ سهڻي ڪتاب لکڻ جو ساهس ڪيو آهي، جنهن لاءِ کيس گهڻو جس هجي - مونکي خاطري آهي ته سندس هي ڪتاب عام لوڪن کي به برابر پسند پوندو ۽ درويشن فقيرن جي پڻ کيس آشيرواد حاصل ٿيندي، مطلب ته هن مانش جنم کي سڦلو ڪيو آهي ۽ زندگيءَ کي ڪارائتو ڪري اسان جو پيار حاصل ڪيو آهي. نيڪ تمنائن سان.

آرجن سڪايل
اي-٧٠٠، هيرا پوري چونڪ، سنڌونگر-٠٠٥ ٤٢١
فون : ٥٢٣٣٤٠ (٠٢٥١)



آشريواد ...

! جئہ بابا کي جئہ !

سوامي برهمداس تي. اُداسي

جئہ بابا ڌام،
پرسان نيتاجي اسڪول جي،
سنڌونگر - ٠٠٥ ٤٢١
فون : ٥٢٩٤٦٣ (٠٢٥١)

23-1-1998

بيحد خوشيءَ وچان لکڻو پوي ٿو تہ شري سنگرن جي پياري پائي ڊاڪٽر سپاش (سوني) هڪ پستڪ سنتن ۽ سماج سيوڪن تي شايع ڪري ساڌو سماج جو جس وڌايو آهي ۽ پڻ اهم رول ادا ڪيو آهي. سيني سنتن روپي گلن کي ملائي هڪ سندر سهڻو خوشبودار گلدستو پيش ڪري رهيو آهي جو پاٺڪ پڙهي ڪري ازخود ساراه ڪندا. اڄ بہ ڊاڪٽر سوني ساماجڪ سانسڪرتڪ ۽ ڌارمڪ ڪارين ۾ اڳرو رهيو آهي.

پنهنجي وڏڙن جو نالو روشن ڪيو آهي.
اسان جون شڀ اڇائون سندس سان ساڻ آهن.

سوامي برهمداس
جئہ بابا ڌام،
سنڌونگر - ٥.

شل سيني گرُن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
آسان مٿان رهندي اچي

With Best Compliments From

Vijay D. Mangtani

VIJAY BAKELITE TRADING CO.

Manufacturers Of :

Ready to use LDPE Bungs, Caps, Spoons, Stopper, Bottles & other Packaging Items for Pharmaceutical Companies

Office : 8, Sheriff Devji Street,
Mumbai - 400 003.
Tel. : 3420381, 3420382
Fax : 09122-3441578

Factory : 51, Industrial Area,
Doulatram Mangtani Rd.,
Ulhasnagar - 421 004.
Tel. : 531301, 521302 / 3 /4

سيني گرُن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
آسان مٿان رهندي اچي

Nikhileshwara

BUILDCON INDIA LTD.

Presents


RAMESHWARA COMPLEX

(ULHASNAGAR MUNICIPAL CORPN. APPROVED)

At Section 28, VTC Ground Road, Ulhasnagar-421 004.

ANIL I. SHARMA
Managing Director

For Details Contact :
4, Amrit Tower, Opp. Prabhat Garden,
ULHASNAGAR - 421 005.
✆ 0251-523923



ٻه پشپ

هِندُ سِندُ سنڌونگر جا
سنت ۽ سماج سيوڪ


پستڪ سامانيه گيان ۽ آتمڪ گيان سان ڀريل آهي. ڊاڪٽر سپاش (سوني ء) کي شاباس آهي جو تڪليف وٺي، ڪشٽ سهي ۽ اپياس ڪري اهڙو پستڪ سنڌي ساهتيه ۾ جوڙيو اٿائين، جنهن ۾ سنت ۽ سماج سيوڪ گڏ آهن، هن پستڪ لاء ليکڪ لاشڪ کيرون لهڻيون.

هن کان اڳ پستڪن ۾ صرف سنتن جون جيونيون هونديون آهن، ڪنهن ٻه هئڙي نموني جو پستڪ ڪونه لکيو آهي. هن قسم جو هي پهريون پستڪ آهي، جنهن ۾ نه صرف هِندُ جي سنتن - سماج سيوڪن جو احوال آهي، پر سِندُ ۽ سنڌونگر جو پڻ. آفرين - آفرين.

پروفيسر گوپ روپچند اڏٽي.
او.ٽي. سيڪشن، بئرڪ ۱۲۹۲، روم-۲،
سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۴
فون : ۵۲۴۴۱۴

شل سيني مهان آتمائن، سنتن، مهاتمائن سان گڏو گڏ
گرو پائي صاحب ڀڳوانداس صاحبن جي آسيس
آسان مٿان هميشه قائم دائم رهي

International Sindhi Panchayat's Federation



Nari H. Gursahani
PRESIDENT

Room No. 10, 1st Floor, Onlooker Bldg., Sir. P.M. Rd., MUMBAI-400 001
Phone : 2660300
Fax : 91-022-2187254

(50) YEARS
GOLDEN JUBILEE YEAR

"To Give Is To Get"
"Service Before Self"

With Best Compliments From


NARI GOPI HARDASMAL GURSAHANI FOUNDATION MUMBAI & ALL TRUSTEES

Shri Nari H. Gursahani
Residence . 901, Atur Terrace, 19, Cuffe Parade, MUMBAI - 400 005
✆ 2187254, 2187623

چيٽي چنڊ جي شب ڏينهن تي (جنهن کي سڀ سنڌي پنهنجو نئون سال ڪري ملهائيندا آهن). ٻالڪ ته اوتار هئو ۽ هندو ڌرم جي رکشا لاءِ ئي جنم ورتو هو، سو سائين اوچتو رات جو مورکه مِرکَ بادشاهه کي سپني ۾ آيو ۽ ڏسي ٿو ته جهوليلال سائين هڪ وڏي پلي تي ويٺو آهي ۽ هزارين نر ناريون آراڌنا ڪري رهيا آهن ۽ وري ڏٺائين ته جهوليلال سائين درياهه مان وري گهوڙي تي ويٺو آهي ۽ سنڌس کي للڪاري رهيو آهي، ڪڏهن ڏسي پيو ته سنڌس کي گهلي درياهه ۾ ٻوڙي رهيو آهي، اُتي سنڌس جي اک کلي ته سڄو پسينو پسينو ٿي ويو هو، هڪدم پنهنجن صلاحڪارن وزيرن کي گهرائي جاچ ڪرائي ۽ سُپني جون ڳالهيون ٻڌايون ته سڀ اُواڪ رهجي ويا ۽ پئنچ پڻ آڪاشوائيءَ جي ياد ڪري اندر ۾ خوش ٿيا ته چمتڪاري ڏُلهه ڏلارو لال سائين سندن ڏُکَ نِوارڻ وارو اچي پرگهٽ ٿيو آهي ۽ چيائون ته قبلا توهان به هلي درشن ڪيو، اُن تي بادشاهه مِرکَ ويتر ڪاوڙيو ۽ آکڙ مان چيائين ته ڏسان ته هو توهان کي ڪيئن ٿو بچائي ۽ رکشا ڪري.

بادشاهه هڪ وزير کي موڪليو ته وڃي اُن ٻالڪ کي ڏسي ۽ سزا ڏي يا جان ڪان ماري ڇڏي پر هو وزير ڇا ڪري، اوتاري پرش ٻالڪ کي ڏٺائين مس ته بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ بيهوشيءَ ۾ انيڪ ڪوتڪ ليلائون ڏسي ڊڄي ويو ۽ اُتي اُتڻ شرط لال سائينءَ جي قدمن ۾ ڪري معافي گهري پلل بخشائي بادشاهه سلامت وٽ اچي سربستي ڳالهه بيان ڪئي ۽ سنڌس کي به صلاح ڏني ته هلي پلَ بخشايو، تنهن تي بادشاهه، وزير کي چيو ته وڃي اهڙي اوتار کي عرض ڪر ته هت اچي اسان کي درشن ڪرائي، وزير درياهه شاهه جي ڪناري تي اچي عرض ڪيو ته سائين اچي درشن ڏيو ۽ ڏسي ٿو ته درياهه شاهه مان لال اُڏيرو سائين گهوڙي تي سوار پرگهٽ ٿيو ۽ پٺيان وڏي فوج به پرگهٽ ٿي ۽ اها خبر سڄي شهر ۾ وڄ جيان ڦهلجي ويئي ته لال سائين جهولڻ سائين پرگهٽ

لال سائين - جهوليلال سائين - اُڏيرو لال سائين



سنڌين ڏک سٺا، ڏک ڏٺا، وطن ڇڏيو، پر پنهنجي اِشٽ ديوتا کي ۽ سنڌي سڀيتا کي نه وساريو. اڄ به ڇوٽي آهي نه سنڌين جي سڃاڻپ آهي جهوليلال سائين - دولهه سائين ۽ موهن جو دڙو، اُن کان وڏيڪ سنڌو سنسڪرتيءَ کان جهوني سڀيتا اڄ تائين ڪونه ٻڌي آهي نه ڪٿي پڙهيو آهي، اها آهي سنڌي جاتيءَ جو ورثو سنڌو سنسڪرتي ۽ سڀيتا.

اُوائلي سنڌ تي مسلمان بادشاهه مِرکَ انڪل ڏهين صديءَ ۾ حڪومت ڪندو هو، هو هڪ ظالم ۽ ڪٽر مسلمان بادشاهه هوندو هو ۽ اُن وقت هن جي گادي ٺٽي شهر سنڌ ۾ هئي، سندس کي مولوين مذهب وڌائڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ هن مِرکَ بادشاهه به اُنهن جي چوڻ تي لڳي هِندُن مٿان ظلم اتياچار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هندن کي حڪم ڪيو نه مسلمان ٿيو يا سِرُ ڏيو. هندن درياهه شاهه وٽ اچي پرارٿنا ارچنا ڪئي نه هي سائين پرگهٽ ٿيءَ ۽ اچي اسان جي رکشا ڪر، وَرون ديوتا آڪاشواڻي ڪئي نه آنءُ جلد هندو ڌرم جي رکشا ڪرڻ لاءِ ايندس ۽ سڀ خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳا.

جلد ئي نصرپور جي شري رتنلال جي گهر جنم ورتو.

لال سائينءَ کي اوتار ڪري مڃيو ويندو آهي، جتي درياه شاهه ۾ اُڏيرولعل سائين پرگهٽ ٿيا هئا. اُن کي جِندَ پير بہ چوندا آهن ۽ سندن جنم ڏِنَ ٿي چيٽي چنڊ ڪري ملهايو ويندو آهي ۽ سنڌين جو نئون سال بہ اُن ڏينهن شروع ٿيندو آهي ۽ اُن ڪري چوندا آهن تہ :

'سنڌين جي سڄاڻپ آهي لال سائين جهوليلال'

نوٽ :- جهوليلال سائينءَ لاءِ ڪافي بيون بہ ڪهاڻيون ليکہ لکيل آهن ۽ ڪافي ودوانن گهڻو ڪجهہ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. سيني پنهنجي پنهنجي نموني اُستتي ڪئي آهي.

★★★★★

جيڪو ڀڳوان جو نام جپي ٿو، ڀڳوان هر وقت اُن سان گڏ آهي.

—شري رامچندر ڪيشو ديو ڏونگري جي مهراج.

ڀيو آهي، ڇوڏاري جئہ جئہ ڪار ڦهلجي ويئي، لال سائينءَ فوج کي واپس درياه شاه ۾ موڪلي ڏنو، جيڪو ڪوتڪ ڏسي بادشاه پڻ ڏکي جُهڪي پنهنجي ڪيل گناهن جي معافي ورتي ۽ پوءِ بادشاه کي سمجهائي ڏنائون ته ڪترپٽو سُنو ڪونہ آهي، سيني کي هڪ نظر سان ڏسندين ته پلو ڀبندءِ، پر سندس جي من ۾ ڪو ٻيو ڪجهہ هو ۽ قازين بہ وري پڙڪايس ۽ سپاهين کي حُڪم ڪيائين ته هن کي پڪڙي جيل ۾ بند ڪيو پر لال سائين ته اوتاري پُرش هئا. اوچتو آواز آيو، بادشاه هاڻي ڏِسُ ۽ اوچتو انترڌيان ٿي ويا ۽ وري آڪاشواڻي ٿي ته سڀ وڃي منهنجي ناهيل مندر جيڪو درياه شاه وٽ اٿو، اُن ۾ شرن وٺو، مان پاڻيهي ٿو بادشاه کي مزو چکايان، هندو هڪدم مندر ۾ ٻارين ٻچين وڃي سرهيا ۽ ورَنِ ديوتا اُڏيرولعل پنهنجو ڪرشمو ڏيکاريو جو درياه شاه ڪاهي پيو شهر ۾ ۽ ٻوڙ ٻوڙان ٿي ويئي، هاهاڪار مچي ويو، قاضي ۽ بادشاه اها حالت ڏسي ڏکي ويا ۽ آخر لال سائين جهوليلال سائينءَ کان معافي گهري ۽ انجام ڪيو ته اڳتي اهڙي ڀُلَ ڪونہ ڪندس ۽ رحم ڪيو. سائينءَ چيو ته مندر ۾ اچو. پوءِ هو مندر ۾ آيا، ڏسن ته مار لال سائين ته اڳہ ئي مندر جي سنگهاسڻ تي براجمان هئا، پوءِ ته بادشاه مِرکتہ چرنن ۾ ڪري معافي گهري ته خطا معاف ڪيو.

اهڙي نموني اُڏيري لال سائينءَ هندن جي ۽ هندو ڌرم جي رکشا ڪئي ۽ سيني کي فرمايو ته مونکي جل ۽ جوت جو روپ سمجهو، اُن ڪري ئي سنڌي اڄ بہ چاليهي صاحب جو ورتُ ۽ جل جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ٻهراڻو صاحب ڪڍي جوت ٻاريندا آهن.

لال سائينءَ کي مسلمان پڻ مڃڻ شروع ڪيو، سندس کي مسلمان مست ڪلندر بہ چوندا آهن ۽ چوندا آهن ولي جا ڀلا نصبر .....

الَمست دربار جي گاديسرن جي ياد ۾ اُستتي

سائين ڀڳترام صاحب ڪَئي ڀڳوان جي ڀڳِتي
مليس اَز غئبي ايشوري شڪتي

سئين ٽيڪِرامُ صاحب ڪَئي شيوا خلق جي
ڪيائون ياترا پيرين پنڌ ساري مُلڪ جي


سائين گُرمکداس صاحب هئا گُڻي ۽ گِياني
هٿ جا سَکي هئا مهاداني

بابا رامداس صاحبن نامَ جو جاپ جپايو
الَمست دربار جو ناماچار وَڌايو

ڀائي سائين تلسيداس صاحب اُلهاسنگر ۽ مهيم ۾ موج مچائي
ڪري روز ستسنگ، ڪئي سچ جي ڪَمائي

ساري سنگت سان گڏ هريءِ، گوپال، گوري ۽ سوني پڻ
پيا آهيون الَمست سنتن جي پناري
'ديا' ڪري پار ٻيڙي لڳائيندا ڪناري
سائين ديا ڪري مَهِرَ ڪري پار پهچائيندا ڪناري.

رچيندڙ :
ديارام ايس. منوجا



!! ॐ !!

(سامهون واري فوٽو پيج جا نالا)

(۱) جڳت گرو اُداسين آچاريہ شري سريچندر ڀڳوان.

(۲) ساڌو ٻيلا پيٺاڌيشور يوگيراج وڪنڊي جي مهراج.

(۳) ساڌو ٻيلا پيٺاڌيشور سوامي هرنامداس جي مهراج.

(۴) راج رشي پيٺاڌيشور آچاريہ سوامي گڻيشداس جي مهراج.

(۵) مهنت سوامي نارائڻداس جي مهراج (اُمرڌام جا گاديسر).
اُلهاسنگر پوج ڀيکہ ڀڳوان منڊل ۽ اُکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج
جا اڌيکش

(٦) برهملين سوامي ۱۰۸ تلوڪداس اُداسين (نج ڌام وارا
سنت)

(۷) برهملين ماتا روپونتي ديوي برهملين سوامي ۱۰۸ بابا
تلسيداس رامداس اُداسي.

(۸) ڀائي هريرام تلسيداس اُداسي (ڀائي شيواداس)

(۹) برهملين ڀائي ڊاڪٽر گوپالداس تلسيداس اُداسي.

(۱۰) برهملين ڀائي گورڌنداس (گوريلعل) تلسيداس اُداسي.

(۱۱) ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) تلسيداس اُداسي.

(۱۲) ڀائي اَشوڪ لعل ڀائي مانڌوداس اُداسي.

اَلوڪڪ مهاپُرش سنت شرومڻي
يوگي راج شري وڏڪنڊي جي مهاراج

’سنت جي گت سنت ئي ڄاڻي‘ چوڻي سورهان آنا سچ آهي، اڄ به وڏڙن کي سکر ساڌ ٻيلو ياد آهي، چوندا آهن ته سکر ته ساڌ ٻيلو، روهڙي ته وسڻ گهوٽ، پير ڳوٺ ته سائين سيئورام ۽ سائين ڏامارام، لاڙڪاڻو ته سائين ڌرمون رام صاحب، اُن ۾ به رايا ڪونه آهن، اُن وقت سنڌ سونهاري ڀارت ورش جو سناتن ڌرم ۽ ڀارتيه هندو سنسڪرتيءَ جو سونهري ورق اُن وقت جو هو. سنت پنهنجي ڪرڻي ۽ چوڻيءَ کي ثابت ڪيو هو.

اٽڪل ۱۷۷ سال پهرين اهڙي الوڪڪ، دويه شڪتي، سوپياوان، پرم گياني ديوتا سوروپ هوندي به هن پاون ڀارت ورش (اُن وقت سڄو ڀارت هوندو هئو) جي ڌرتيءَ تي مانُش جنم ورتو، اهڙي نموني هو ڌرم، سُڌِ ٻُڌِ ۽ گيان جي ورکا ۽ لوڪ ڪلياڻ لاءِ اننت شري يوگي راج شري سوامي وڏڪنڊي مهراج اُديه ٿيا.

هو اوتاري سِڌِ پُرش مهان يوگي ڪرم ۾ وشواس رکندڙ موه مايا کان پري گيان جا ڀنڊار هئا.

هنن ئي ساڌٻيلا آشرم برپا ڪيو ۽ ڪافي چمتڪار پڻ ڏيکاريا.

ساڌ ٻيلا آشرم صاحب سنڌ سکر ۽ روهڙيءَ پرسان سنڌو نديءَ جي وچ ٽيڪريءَ تي برپا ڪيائون، اُنهن جي ناهيل نيمن جو پالن بروبر مريادا سان اڄ به ٿيندو رهندو آهي، اُن سان گڏوگڏ هن آشرم طرفان لڳاتار ويدڪ ڌرم جو پرچار،

سنت اَننت شري سوامي هرنامداس جي مهراج

شوپنيڪ سکر غلع ۾ گهڻا ئي سنت مهاتمائون، مهنت مهان آتمائون ۽ ديش ڀڳت ٿي گذريا آهن.

سکر جو نالو اُن کري چوٽيءَ تي ليکيو ويندو آهي. اهڙي پوتر زمين تي مهان کرم يوگي، مهان ودوان سوامي هرنامداس اُداسين جو جنم ۽ کرم ڀومي اُن وقت سمپورن ڀارت ورش هندستان هئو، اُن وقت ٿيو. سندن ماتا پتا جن سوامي جيرامداس صاحبن کان آسيس روپي ڦلُ گهريو، اُنهن ڄاڻي ڄاڻهڻ هارن يوگي راج ستگرو سوامي وڏيڪنڊي صاحب جن جو ڦل اُنهن کي ڏنو ۽ فرمايو، وڃو توهان جي من جي مُراد پوري ٿيندي ۽ سوامي هرنامداس صاحب جي ماتا پتا پڻ من ۾ نِشچيہ کيو تہ هڪ ٻالڪ سنتن کي اَرپن کندا ۽ ائين کيائون، جيکو اڳتي هلي ستگرو سوامي هرنامداس صاحب جي نالي سان پرسڌ ٿيو. واعدي مطابق اُنهن کي ساڌو ٻيلا آشرم کي سونپيو ويو. سنتن سندن کي وديا جو ابياس کرايو ۽ سنسکرت هنديءَ جا مهان ودوان بڻيا. سنت سوامي جئرامداس صاحبن کانپوءِ ننڍي کچڙي عمر اٽکل ١٣-١٤ سالن ۾ هيڏي وڏي استان جا مهنت شري يعني گاديسر ٿيا.

هو ننڍپڻ کان ئي نيم ٽيم پالڻ ۾ وشواس رکندڙ هئا. هو سنسکرت، هنديءَ ۽ اُن سان گڏو گڏ سماج سڌارڪ، ديش ڀڳت ۽ سِڌِ پرش هئا. پڻ اُن کانسواءِ هوُ سيني ڌرمن جي

سماج سڌار ۽ ڪلياڻ لاءِ ڪاريہ ڪرڻ ۽ وديا جو پرچار هميشه چالو رهندو اچي ٿو ۽ پڻ سندن جي ٻين اُنراڌڪارين يعني گديسرن اُنهن ڳالهين جو يٿاپوروڪ پرسڪ پالن ڪيو آهي.

هو هميشه رٽن ڪندا رهندا هئا. آسام ۾ ديويءَ تي ٻلي چاڙهڻ جي پرٿا بند ڪرائڻ لاءِ اُتان جي پوڄارين کي سمجهائي اُها ڪُريتي رسم بند ڪرائي، هو پورن برهم گياني برهمچاري هئا. پاڻ راميشور ۾ پڻ اُداسين آشرم برپا ڪيائون ۽ سکر ساڌ ٻيلو قائم ڪيائون ۽ مهان يوگي تي ساڌنائون ڪيائون جو هرهنڌ جهنگل ۾ منگل ٿيو ويو.

خود انگريز گورنمينٽ جا وڏا اڌڪاري بہ سندن چمتڪار مڃيندا هئا. پاڻ رڌين سڌين جا مالڪ هئا پر ڏيکاري ڪونہ ڏيندا هئا ۽ سندن ڪيتريون ئي رچنائون پڻ ڪيل آهن.

اڄ بہ سندن مريادائن جو پالن پنڌارو، مهمان نوازي، ڪپڙا لٽا، غريبن کي دوائون، وديا جو پرسار نروگهن اهڙا اُتم ڪاريہ ۽ آدرش چالو آهن.

اهڙن مهاپرشن کي وار وار نمسڪار، هري اوم!

★★★★★

هئا ۽ ساڌو سماج سان ٻه هميشه جڙيل رهندا هئا.

ديش جي ورهاڱي ۽ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي ڦاسي نه ڏيڻ لاءِ، ڪافي وروڌ ڪيائون. اکنڊ ڀارت جا ڪيترا وڏا ديش ڀڳت، ڪرانتڪاري ساڌ ٻيلي مان سوامي جن کان آشيرواد وٺڻ ايندا هئا.

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ کي الوداع ڪري بمبئيءَ ۾ استان برپا ڪيائون ۽ ورهاڱي جي ستايلن ٻان هال چال ۽ ڏکه ڀلائڻ لاءِ سيني ڪئمپن جو دؤرو ڪيائون ۽ وٽ آهر اُنهن جي مدد پڻ ڪيائون.

اهڙا ڪرم يوگي سنگرو مهان سنت مهنت آخر هي سنساري سفر پورو ڪري ڪاشيءَ ۾ ۱۳ ڊسمبر ۱۹۴۹ تي برهملين ٿيا.

هو اڄ ٻه پنهنجن آدرش روپي ٻڌايل راه جي ڪري اسان سان هميشه گڏ آهن.

اهڙا مهان ڪرم يوگي، سماج سڌارڪ، راشٽر ڀڳت ساڌو سماج جا ڀُهٽا ملڻ ڏاڍا ڏکيا آهن، اهڙن مهان ويڀوتين کي شت شت پرنام!

★★★★★

عزت پڻ ڪندا هئا.

سنتن پاڻ شري ساڌ ٻيلي کي نئون رنگ روپ ڏنائون ۽ درياه جي وچ ۾ هڪ شوڀنيڪ استان ٺاهي ڌرم جو پرچار ۽ گيان ڀڳتيءَ جو رمڻيڪ استان ٺاهيائون، جنهن کي هرڪو چوندو آهي تہ سکر تہ ساڌ ٻيلو.

پاڻ سوامي هرنامداس صاحب ڄٽي گياني ودوان هئا ۽ هميشه پڻ ٻين سنتن کي ۽ ودوانن کي نبند ڏيئي گهرائيندا هئا ۽ پريمي سنگت پئي لاڀ پراپت ڪندي هئي. پاڻ بہ دين ڏکين جي شيوا ڪندا هئا ۽ پڻ سماجڪ ڪاريہ ۾ بہ پوري رُچي رکندا هئا.

فري دواخانو کولايائون. سڀي سنڌ جو رتن ڪندي، هندي، سنڌي، سنسڪرت جو ڦهلاءُ يعني پرچار ڪيائون، پاڻ رڌين سڌين جا ڌڻي هوندي بہ ڪڏهن ڏيکاري ڪونہ ڏيندا هئا.

پر هڪ دفعي ڀنڊاري ۾ گيهہ خلاص ٿي ويو تہ پريمين عرض ڪيو تہ سائين گيهہ ڪونہ آهي تہ فرمايائون تہ ابا درياه شاه کان امانت وٺي اچو ۽ وينتي ڪجون تہ سائين سڀاڻي امانت واپس ڪبي. پريمي خالي دٻا کڻي درياه شاه مان وينتي ڪري دٻا ڀري آيا تہ اهي جل جا دٻا گيهہ ٿي پيا. اهڙي تہ شڪتيءَ ۽ وچن ۾ وزن هئو سنتن ۾. ٻئي ڏينهن واعدي مطابق اوترا دٻا گيهہ جا درياه شاه ۾ هاريا ويا.

هو هميشه راشٽريہ پريمي هوندا هئا ۽ سماجڪ ڪاريہ ۾ بہ چاه رکندا هئا.

سناتن ڌرم گئو رکشا ۽ شري سريچندر ڀڳوان جا اپاسڪ

بندوبست ڪري ھن ڪيتر جي ساراہ ھرھنڌ ڦھلجي ويئي تہ بندوبست تہ آچاريہ سوامي گڻيشداس مھراجن جي ساڌ ٻيلي اُداسين آشرم جو. اُن ڪانپوءِ بمبئيءَ جي ساڌ ٻيلي کي ناھڻ ۾ سندر بڻائڻ جو شپ ڪاريہ ڪيائون ۾ ھڪ ڪلا جو نمونو ناھي اُن شاندار استان جو نالو 'شري ساڌ ٻيلا اُداسين آشرم' پرسڌ ڪيائون.

جئن سکر ساڌ ٻيلو ھرھڪ کي ياد آھي، اھڙي نموني بمبئيءَ جي ساڌو ٻيلي کي ياد ڪبو آھي. ٻين شھرن مان مِٽ مائٽ يا مھمان ايندا آھن تہ اُنھن کي بامبي گھمائڻ وقت شري ساڌو ٻيلا صاحب جو درشن پڻ ضرور ڪرائبو آھي. اھڙو تہ موھيندڙ ھي آشرم آھي ۾ اھڙو ئي ھتي سيني جو پريم سان آدر ستڪار پڻ ٿيندو آھي ۾ آسيس پائي سڀ نھال ٿيندا آھن درشنارٿي.

آشرم طرفان ڪافي شُڀ ڪاريہ ٿيندا رھندا آھن. پٽيالا ۾ فارم ھائوس ۾ اُداسين آشرم ھلي رھيو آھي سواميجن طرفان.

سواميجن ١٩٦١ع ۾ اُداسين سمپردايہ جا مھامنتري بڻيا ۾ اُداسين پنٿ جي واڌاري لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون. پھرين راشٽرپتي بابو راجيندر پرساد کي اُداسين سمپردايہ طرفان مان پتر ڏيئي سنمانت ڪيو.

سنسڪرت ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ سنسڪرت ڊگري ڪاليج وارڻسيءَ ۾ 'ساڌو ٻيلا سنسڪرت مھاوديالیہ' کوليو، جتان ڪيترا ودوان ٿيا ۾ ھي ڪاليج اڄ بہ پنھنجي اوج تي آھي.

جڏھن جڏھن راشٽر تي ڪابہ آپدا آئي آھي يا لڙائي لڳي آھي تہ ھن اُداسين ساڌ ٻيلا آشرم طرفان آچاريہ سوامي

ساڌو ٻيلا - پيناڌيشور

راج رشي آچاريہ شري سوامي گڻيشداس جي مهراج

ڏنيہ آهن اهڙا گڻوان، ودوان، ديوتا سوروپ جيڪي هي مانش جنم وٺي هن پرٿويءَ تي آيا آهن.

هن ڪلجُڳ جي سمي ۾ جيڪي بہ شوڀاوان، تيجسوي مهاپرش ڏسجن ٿا تہ ائين سمجهڻ کپي تہ اهي الوڪڪ تيج وارا اُن پريو پرماتما جا ئي اَنشج ۽ روپ وانگر آهن.

پرم گياني، تيجسوي پرم آدرڻيہ سوامي آچاريہ راجہ رشي گڻيشداس جي مهراج جن جو جنم ١٠ فئبروري ١٩٢٩ع ۾ ٿيو، هن اکنڊ ڀارت ورش جي پاون ڌرتيءَ تي.

ننڍي عمر ۾ ئي اٽڪل ١٩٣٤ع ۾ اُداسين ڀيکہ ۾ پاڻ اَرپن ڪيو هو. ننڍي عمر ۾ ئي تيجسوي هوندا هئا. هو لکل لعل ثابت ٿيا ۽ ڪاشي بندرابن جي ودوانن کان وديا پرائي خاص سنسڪرت، ويد-ويدانت، گيتا ۽ ٻين گرنٿن جو اونهو ابياس ڪيائون.

ورهاڱي کانپوءِ ڪاشيءَ ۾ اچي ساڌو ٻيلي صاحب جي گادي سنڀالي ۽ آچاريہ سوامي گڻيشداس جي مهراج جي نالي پرسڌ ٿيا.

اُن کانپوءِ ڪاشي - واراڻسيءَ مان بامبي آيا ۽ وري مها ڪنڀ اُتسؤ پرياگراج اِلهاباد ۾ ساڌو ٻيلا صاحب طرفان ڪئمپ لڳائي. اُن جي شهاڻي، صاف سُٿري ۽ سهڻي نموني

سنڌونگر ۾ پڻ شري جي.ايم. ساڌو ٻيلا گرلس هاءِ اسڪول ۽ جونيئر ڪاليج هلي رهيو آهي، جنهن جا روح رواڻ پڻ سوامي گٽيشداس مهراج آهن. هو اسپيشل ايگزيڪيوٽوِ مئجسٽريٽ مهاراشٽرا گورنمينٽ جا رهي چُڪا آهن.

جواهرلعل نهرو انٽرنئشنل ودياليہ دهليءَ طرفان ’ڌرم واچسپتي‘ جي اُپاڌي سان شوڀت ڪيو ويو، اُن ڪانسواءِ اکل ڀارت شري پنڊت پريشد، واراڻسيءَ طرفان وڏي ۾ وڏي لقب ’جگت گرو‘ اُپاڌي ڏيئي سنمانت ڪيو.

اهڙي مهان ڪرم يوگي، ودوان، گيان جا ڀنڊار، گنڀير ۽ پيار سان ڀريل هرديہ ۽ ناري شڪشا جي حمائتي، راشٽر ڀڳت، ۽ اُداسين ڌرم جي سچا پرهري، ڪلا پرِيمي، ديش وديش ۾ ڀارتيہ سنسڪرتيءَ، فيلسوفيءَ ۽ ڌرم جي پرچارڪ طور خاص يوگدان ڏنو آهي، اهڙي انوکي شخصيت کي وار وار نمسڪار آهي، جنهن ڀاڻ سان گڏوگڏ پنهنجن وڏن گرن جو سنديش ۽ ناماچار وڌايو آهي.

اهڙن سنتن ڪرم يوگين کي شت شت پرنام!

اُوم جئہ جگت گرو شو روپ شري سريچندر ڀڳوان

اُوم جئہ شري سوامي وڻکنڊي جي مهراج

اُوم جئہ شري سوامي هرنامداس جي مهراج

اُوم جئہ شري راج رشي آچاريہ شري سوامي گٽيشداس جي مهراج.

★★★★★

گنيشداس صاحبن دِل کولي راشٽر کي يئاشڪتيءَ اناج، سون ۽ رت دان ڪيو آهي. اُن وقت شري لعل بهادر شاستري پرڌان منتري هئو.

بامبي ۾ به هن آشرم ۾ بنا پيبد ڀاءَ جي سيني جاتين لاءِ ساڌ ٻيلا امبولنس شبوا ڪاريه چالو آهي. هردوار ۾ پڻ انٿي گهر جو اُدگهاٽن گورنر جي هٿان ڪيل آهي.

١٩٧٠ع ۾ اُداسين سمپردايه جي تڪليفن کان واقف ڪرڻ لاءِ هڪ ڊيپوٽيشن وٺي اُن وقت جي راشٽرپتيءَ شري وي.وي. گريءَ سان مليو ۽ تڪليفن کان واقف ڪيو ۽ اُن ششٽ منڊل جي اڳواڻي سوامي آچاريه گنيشداس مهراجن ڪئي هئي.

١٩٧١ع ۾ پاڪستان سان لڙائيءَ وقت پڻ پرڌان منتري شريمتي اندرا گانڌيءَ کي چيڪ پيٽ ڪيو. ١٩٨٥ع ۾ چيٽي چنڊ جي ميلي وقت بامبي ۾ اُن وقت جي راشٽرپتيءَ شري گياني زائلسنگهه سان راشٽر جي ڀلائيءَ ۽ سنڌي سماج جي تڪليفن کان واقف ڪيو ۽ وچار ومرش ڪيو.

نه فقط هندستان ۾ پر ٻاهرين ملڪن ۾ به سوامي جن هندو سپيتا ۽ ويدن جو پرچار ڪيو آهي ۽ ڏٺن ۽ وڏن ڏينهن جو مهتوَ پي سمجهايو آهي، اُتان جي وڏن وڏن اڌڪارين ۽ سيڪريٽرين کي خاص لنڊن، ڪينيا ۽ ٻين هنڌ پڻ هندوجا گروپ طرفان پڻ جنيوا ۾ (سوزرلئنڊ) بئنڪ جي مهورت وقت اُدگهاٽن سماروه ۾ ڪيل ڀاشڻ کي اُني ڪافي ساراهيو ويو، جتي دُنيا جا ڪافي وڏا ماڻهو حاضر هئا.

هتي هندستان ۾ پڻ سندن جي شپ هٿن سان ڪافي ڪاريه ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا.


دُنيا ۾ صحي رستو سمجهائڻ لاءِ نڪري پيا.

١٩٥٩ع ۾ اُن وقت هو سچي شرڌا نمرتا ۽ شيوا ڀاءَ سان پاڻ اَرپڻ ڪري رهيا آهن پنهنجي پرم پياري گرو سنت سوامي اونڪارانند مهراجن سان جيسين هو ١٩٨٠ع تائين، برهملين ٿيا.

هو سندن جي برهملين ٿيڻ وقت تائين سندن سان گڏ رهيا ۽ اُلهاسنگر جي آشرم جو ڪاريہ ڪندي اُتان جا گاديسر (پيٺاڌيشور) بڻايا ويا (هن وقت سنڌونگر نالو آهي ۽ بامبي جي پرسان آهي)

سوامي جن جا ٻيا بہ ٻي آشرم آهن جئن تہ شِوَ لوڪ ساڌنا آشرم، ڪانپور ۾، سري ايس.ايس. سنسڪرت ڊگري ڪاليج، ڪاشيپور ۾، جيڪو جُڙيل آهي سنسڪرت يونيورسٽيءَ سان واراڻسيءَ جي، جتي رهڻ ۽ کائڻ جي مفت شيوا ڪاريہ هلندو آهي شاگردن لاءِ آچاريہ ڊگريءَ تائين ۽ شِوَ اَرچن آشرم، ديولالي ڪئمپ، ناسڪ، مهاراشٽرا ۾ آهي.

اٽڪل ٢٠ سالن کان سوامي جن جو اٽڪ ۽ تمام ڳُتيل پروگرام سچي دنيا ۾ ڌرم جو پرچار ڪرڻ ۾ رهيو آهي خاص ڪري سينگاپور، لنڊن، يورپ، ايسٽ آفريڪا کان ڦرندي آسٽريليا تائين، نيوزيلئنڊ ۽ فجيءَ ۽ جپان کان آمريڪا تائين ۽ ڪئناڊا اهڙو تہ مشغول رهيا آهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي. سوامي جن هندو سناتن ڌرم ۽ هڪ سنياسي ٿي نسوارٿ نموني ڪاريہ ڪندا رهندا آهن ۽ آدي شنڪر آچاريہ جا مڃيندڙ سنياسي آهن. سندن جي وِدوتا، آچار ۽ هندو سناتن ڌرم کي دنيا ۾ ڦهلاءَ پرچار ڪرڻ جو نمونو هندو ڌرم جي اوچ



آواهن پيٺاڌيشور آچاريہ
مهامنڊليشور شري ١٠٨
سوامي شيوندرپوري جي
مهراج

پرم آدرڻيہ شرڌيہ سوامي شويندرپوري جي مهراجن جو جنم ٢١ آگسٽ ١٩٣٣ع ۾ هڪ برهمڻ ڪُل ۾ پوتر تيرٿ اسٿان واراڻسيءَ ۾ ٿيو، جيڪو خاص سنسڪرت وديا جو مرڪز رهندو آيو آهي هندستان جو، سندن جي شروع کان پڙهائي نندپڻ کان اُتي ئي ٿي، سوامي جن ايم.اي. ڊگري بنارس يونيورسٽيءَ مان ميرٽ سان پاس ڪئي هنديءَ ۾، تنهن کانپوءِ ايل.ايل.بي. دهلي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي ۽ ساهتيہ رتن هنديءَ ۾ الهاباد مان ۽ ساڻ ساڻ سنسڪرت جي ڊگري (شاستري) واراڻسي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي آهي.

سوامي جن پنهنج گروديو ديولوڪ واسي سوامي اونڪارانند مهراجن جي ڇتر ڇايا ۾ ڌرمي خيالن جي ڏي وَٺ ٻاميي ۾ شروع ڪئي ۽ پاڻ محسوس ڪيائون تہ منهنجو مقصد بلڪل الڳ آهي، زندگيءَ ۾ مونکي ڪجھ الڳ ڪاريہ ڪرڻو آهي ۽ ڌرم ڪيتر سان جُڙجي برهمچاريہ پالن ڪندي هندو سناتن ڌرم جي پرچار ۾ پاڻ ارپڻ ڪري هن سنساري مانش کي صحي رستو ڏيکارڻ جو مقصد دل ۾ رکي سچي



اداسين آچاريه شري
سريچند ڀڳوان جي
استتي ڪندي
بابا تلسيداس اداسي
صاحب.



ملنگ ڳڙه (حاجي ملنگ)
جي بابا گوپالداس
سان گيان گوشٽي ڪندي
بابا تلسيداس اُداسي
صاحب.



برهملين گورڌنداس (گوريلعل)
بابا تلسيداس اُداسي.
(ڊاڪٽر سياش (سونيءَ) جو وڏو ڀاءُ)

اسٿان جي مهما رکندڙ سوامي شنکر آچاريہ وانگر آهي، سندن جو ويڪتيتوَ پڙهيل سنياسي ڪري سندن جي خاص ڌرم پرچار جي مهما کي ڏسندي ۽ ودوتا کي ڏسندي جهونا آکاڙا خاص سنمان ڏيندي هردوار جي ڪنڀ ميلي ۾ مهامنڊليشور جي اُپاڌي ڏيئي سنمان ڪيو.

سندن جي سَرَل سمجهاڻي خاص هنديءَ ۾ ٻڌڻ ۾ وڻندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ ۽ پرياءُ شالي نموني هوندي آهي، جبڪو هرڪو دل سان هنڌائي جنم سڦلو ڪندو آهي ۽ سندن جي حاضريءَ ۾ پاڻ کي ڌنيہ سمجهندو آهي ۽ هميشه پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهي سندن درشن ڪندي.

’اوم تت ست‘

ائڊريس : سوامي اونڪارانند آشرم، گانڌي روڊ، سنڌونگر-٥.

فون نمبر : ٥٢٨٠١٠

★★★★★

ڏل سيني گڙن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
سيني مٿان رهندي اچي










(۱) برهملين ماتا روپونتي ديوي مهنت بابا تلسيداس اُداسي.
(۲) ۽ (۳) برهملين ماتا ديوي ٻائي مانڌوداس اُداسي.
(۴) ماتا ڪاننا ديوي گورڌنداس اُداسي (هن وقت دربار سنڀاليندڙ)

!! ॐ !!



برهملين مهنت ۱۰۸
بابا تلسيداس
بابا رامداس اُداسي.

سنتن مهاتمائن ستپُرشن جون ڪرامتون ۽ جيونيون سنسار ۾ انسان ذات جو هميشه مارگ درشڪ ٿين ٿيون، اُنهن جون ڪرامتون منش ذات پڙهي ياد ڪري پريوءِ جي راه ۾ ۽ اُنتيءِ جي راه تي هلي ٿي، اُن ۾ منش ذات جي آتمڪ گيان ۾ ورڌي ٿئي ٿي.

اهڙن نموني اسان جي سنڌي سماج ۾ پڻ آد جُڳاد کان گهڻا ئي سنت مهاتمائون، مهان آتمائن جي روپ ۾ سنت ٿي گذريا آهن.

سنت هميشه قائم دائم آهن، اُنهن جي سکيائن جي پڌايل راه جي ڪري.

اهڙن سنتن مان مهان سنت مَهنت سوامي ۱۰۸ بابا ڀڳترام صاحب اُداسي، مَهنت سوامي ۱۰۸ بابا ٽيڪرامُ صاحب اُداسي، مهنت سوامي ۱۰۸ بابا گُرمکداس صاحب اُداسي، مهنت سوامي ۱۰۸ بابا رامداس اُداسي، مهنت سوامي ۱۰۸ بابا تلسيداس بابا رامداس اُداسي صاحب جن ٿيا آهن.

اُڳ سنت ڪوئٽيا بلوچستان جي پرسان ڪَلات شهر جي

ڳاهيڄن ۽ ٻين هنڌ پڻ سڀني شيوڪي ۽ پريمي هئن.

هتي اچڻ کانپوءِ پڻ بامبي، احمدآباد، اُلهاسنگر ۽ ٻين شهرن جهڙوڪ ناگپور، ڌمتري، رائپور ۾ پڻ پريمي هئن ۽ هاڻي پڻ آهن.

شڪارپور سنڌ ۾ ڪراچيءَ جي ڪافي پريمي جن ۾ ڪافي ڀاڳناڙي سماج جا پڻ پريمي هئا، اُنهن جي گهڻي سِڪَ پريم کي ڏسندي بابا تلسيداس صاحبن ڪراچيءَ ۾ ٻه استان دربار صاحب کولي، آرٽلري ميدان پرسان ۽ ڀائي مانڌوداس جن شڪارپور ۾ ئي رهيا.

بابا تلسيداس صاحبن کي ڪافي شرڌالو ڀائو ته ڪيترا ڀائي صاحب ته ڪيترا سوامي جي ڪري چوندا هئا. بابا جن ڪافي گياني ۽ ڪرامتي پُرش پڻ هئا، ڪيترن کي اُداسين آچاريه جڳت گُرو شري سريچندر ڀڳوان کي اُرداس ڪري آسيس سان اولاد جي بخشيش ڏنائون، اُتان هردوار پڻ آيا ۽ ڪيترا ڏينهن ناڳا بابائن سان گڏ گذاريائون ۽ رتن ڪيائون، ٻڌائيندا هئا ته هڪ دفعو رشيڪيش کان پري ناڳا سنتن بابائن سان گڏ پهاڙن ۾ ويا، اُتي ڪا ٻوٽي جنهن کي چنڊول چوندا آهن، اُها اُنهن ناڳا بابائن جي چوڻ تي چکي ۽ چِکڻ سان بيهوش ٿي ويا، اُتي اُنهن بابائن سندن کي ڍهيءَ جي نئيءَ ۾ ڪٽي وِڌو، ٻن ڏينهن کانپوءِ اوچتو ڪنهن اُلوڪڪ شڪتيءَ جي مالڪ سنت اچي اُٿارين، جاڳڻ تي واڱڙا ٿي ويا ته هي ڇا آهي، ناڳا بابائون ڪاڏي ويا ۽ هيءَ ڍهي ڪٿان آئي ۽ هي سنت ڪير آهي، ڪٿان پرگهٽ ٿيو آهي، ايئن سوچين پيا ته سنت چئين ته اُٿ سوامي اُڃان توکي گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، اُنهن سنتن جو اُلوڪڪ درشن ڪري پاڻ کي ڪرتارٿ ڪري واپس موٽيا. بابا تلسيداس صاحب جن هميشه شوَ روپ اُداسين آچاريه جڳت گرو شري سريچندر ڀڳوان جي آراڌنا ڪندا رهندا هئا، اُنهن جي ماترا صاحب

نوشڪيءَ ۾ رهندا هئا، اُتي سندن جي استان ۾ دربار صاحب هئو ۽ ٻيو استان يعنيٰ دربار صاحب ڀاڳہ (بلوچستان) ۾ هئن، تنهن کانپوءِ ڪوئٽيا ۾ زلزلو ٿيڻ کانپوءِ شڪارپور ۾ اچي ڏيرو ڪيائون جتي (جيڪا ماتا ستپاما ديوي بابا رامداس صاحب اُداسيءَ کي ورثي ۾ پيڪي ملڪيت جي روپ ۾ ملي هئي) اُتي دربار صاحب هئن. بابا رامداس صاحبن کي ہہ پٽ ۽ ٻي ڏيئر هيون.

نوٽ :-

(سنت بابا تلسيداس صاحب پڏائيندا هئا تہ ماتا صاحب ستپاما ديوي، جيڪا پورن سنت هئي، اُن کي وڏن سنتن کان گهڻيون رِڌيون سِڌيون ورثي ۾ مليل هيون، جو هوءَ ڏيان ۾ وِهڻ کانپوءِ ڪتي ہہ اُڏامي شڪتيءَ سان پهچي ويندي هئي.)

وڏو پٽ سوامي بابا تلسيداس رامداس اُداسي ۽ ننڍو پٽ ڀائي مانڌوداس رامداس اُداسي (جنهن کي ڀائي ڪَمَلُ) پڻ چوندا هئا ۽ ٻي ڏيئر سدوري ٻائي، ٻمي ٻائي ۽ ليلاونتي هيون جنهن مان ليلاونتي ديوي ناگپور ۾ هئي (هن وقت سرڳواس)، جنهن جو گهوٽ مشهور ڊاڪٽر گيدنداس ڪرشناڻي آهي ۽ هو اڳيون ناگپور ڪارپوريشن جو ميمبر ٿي رهيو آهي ۽ هاڻي هو اُتان جي سِنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ آهي. سِنڌ ۾ شڪارپور ۾ منگهريٽ جي حويليءَ جي ۽ لُڻ جي پاڙي پرسان سندن جو استان هئو يعنيٰ دربار صاحب هئي.

گديءَ تي بابا تلسيداس صاحب جن ويٺل هئا ۽ سائينءَ جي رنگہ ۾ رنڱيل هئا.

اُتي سندن ڪافي سڪي شيوڪي هئي ۽ پڻ ڪافي ڀاڳناڙي سماج جا پڻ پريمي سڪہ شيوڪ هئن، جيڪي سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ سِنڌ ۾ ٻين شهرن جهڙوڪ جئن تہ مديجي، ڳيريلو، نئون ديرو، ترائي، شڪارپور، ڪراچي، ڳڙهياسين،

آهي.

هتي ألهاسنگر ۾ گرو گرنٿ صاحب جن جو سَنِمپَٽُ اکنڊ پاٺ صاحب شروع ڪرڻ جو شرف بہ بابا تلسيداس صاحب جن کي آهي.

شبد هئو : ستگر پرساد

نِچِرَ مول نہ ٽُٽيندو جچر آپ ڪرپال،
شَبِدُ اَکُٽَ بابا نانڪا کاءِ خرچ ڏن مال ......

بابا جن جو هن شبد ۾ تمام گهڻو وشواس هوندو هو. شري سردار هونداسنگهہ گربخشنگهاڻي جن جو بابا يائي صاحب جن سان ڪافي پريم هوندو هو ۽ هو ڪافي ويجها هوندا هئا سنتن جي، اُهي ٻڌائيندا آهن تہ يائي صاحب تلسيداس صاحب چوندا هئا تہ تيسين توکي ڪوئي بہ پاڙ کان پٽي ڪونہ سگهندو، جيسين تائين سائين ڪرپال آهي. گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ سائينءَ جو شبدُ اَکُٽُ آهي، کُٽڻ جو ڪونہ آهي، ڏن مال کائو گرِچو رَلِ مِلَ يائي، يائي صاحبن جو گرباڻيءَ ۾ پورن وشواس هوندو هو، چوندا هئا تہ جئن ريگستان ۾ پاڻي، اونده ۾ ڏيئو، سورداس کي لٺ جي ضرورت رهي ٿي، تئين انسان لاءِ جيون ۾ گرباڻي سمرڻ جي ضرورت رهي ٿي، چوندا هئا تہ گرو گرنٿ صاحب جي ١٤٣٠ صفحن جو تاتپرج چئن اکرن ۾،

’ساس - ساس - سِمِرِوَ گوبند‘

يعنيٖ سواس سواس سان سائين گوبند پريوءَ کي ياد ڪيو. يائي صاحب جن کان هڪ دفعي پڇيو تہ بابا سچو گيان هڪ اکر ۾ سمجهايو، جئن گهاگهر ۾ ساگر اچي وڃي، چيائون هاڻي وڃہ ۽ ’جاچ‘، مون پڇيو تہ سائين مطلب ڪونہ سمجهيو، چيائون تہ -

’جاچ‘ جہ معنيٰ جپ، آ معنيٰ ايڪانت،

جو اُچارڻ ڪندا رهندا هئا ۽ هميشه پاڻ کي داس سمجهي هلندا هئا.

هر چنڊ تي دربار ۾ ڪٿاه پرشاد صاحب ۽ روٽ صاحب ۽ ڏوڏو چٽٽي پرشاد ورهائيندا هئا، جيڪو هميشه شڪارپور ۽ ڪراچيءَ ۾ پڻ ورهائيندا هئا.

هندستان ۾ اچڻ سان الهاسنگر (ڪلياڻ ڪئمپ) چوٿين ۾ دربار صاحب کوليائون ۽ اِني بہ بامبي جي پاڳناڙي سکن شيوڪن پريمين جي گهڻي زور بار ۽ سِڪَ کي ڏسي ماهيم ۾ دربار کوليائونُ ۽ جيڪا اڃان اُتي قائم آهي ۽ اُتان جا پريمي سِڪَ شرڌا سان شيوا ڪندا آهن ۽ الهاسنگر ۾ پڻ ماتا ڪانتا ديوي گورڌنداس اُداسي شيوا ڪندي آهي، جنهن کي پڻ پنهنجي سِسُ سنت ماتا روپونتي ديوي بابا تلسيداس اُداسيءَ کان اِها شيوا ورثي ۾ مليل آهي.

’پريم روپ پائي تلسيداس دربار‘ الهاسنگر ۾ ۽ ’شري گرونانڪ ديو پريم روپ دربار‘ بامبي-ماهيم ۾. هتي الهاسنگر ۾ بہ بابا تلسيداس صاحب جن ڪافي ڪرامتون ڏيکاريون، خاص ڪري شروع ۾ هتي وڃون هوندا هئا، اُن جو ڪو منتر پڙهندا هئا جن مان ڪيترن ڏکين پيڙتن جا دَرد دور ڪيائون، ڪنهن کي ڏات جو سور تہ اُن جو بہ ڪو منتر پڙهندا هئا ۽ ڏکي ماڻهوءَ کان شري سريچندر ڀڳوان جو نالو جپائي چوندا هئا تہ ابا ڀتَ گهڻو مُدو وجهون ۽ اُن مُدي تائين پڙهي هڪ ڪوکو دربار صاحب جي چوکٽ تي هڻندا هئا تہ اُن مُدي تائين اُن ماڻهوءَ کي سور ڪونہ پوندو هو، ڪيترن ٻارن ۽ ماڻهن کي گلي ۾ ڪليون ٿينديون هيون تہ اُن کي بہ منتر پڙهي دَرد دوُر ڪندا هئا، اهڙي نموني ڪافي ڪرامتون ڏيکاريائون.

هميشه چوندا هئا تہ دَردمندن ۽ ڏکين جو اصل درد سائين ٿو لاهي، اسان تہ فقير آهيون، اسانکي ڪهڙي طاقت

هن ڪلجڳ جي سمي ۾ ساڌوءَ جو سنگ ملي ۽ نام سمرن ملي، ان کان مٿي ڪرپا جو ٻيو ڪوبہ توشو ڪونہ آهي.

’ڪبير سيوا ڪو ڏو ڀلي، اِڪ سنت اِڪ رام
رام جو داتا مڪت ڪا سنت جپاوي نام
سنتن بن اور نہ داتا ٻيا .....‘

ڀائي صاحب سڀني کي نام جو سمرن ڪرائيندا هئا، مالائون ڏيندا هئا تہ نام سمرن جپيو، جپجي صاحب پڙهو، سکمني جاپ پڙهو، آساديوار پڙهيو ۽ ڪيترا ٻيا شبد ٻڌائيندا هئا تہ اُنهن جو سمرن ڪيو ۽ مانش ديهيءَ کي سڦلو بڻايو.

سندن جو هميشه چوڻ هئو تہ اسان سڀُ تُش ٻُڙيون آهيون جي هڪ اڳيان آهي تہ قيمت آهي معنيٰ جي پار برهم واهگرو هڪ آهي تہ سڀ ڪُش آهي.

اهڙي نموني بابا تلسيداس صاحبن کي گرو گرنٿ صاحبن جي ڪافي ڀاڳي صاحب ڪنٺ هوندي هئي.

شروع ۾ ڪارڪت جو ميلو وڏي پئماني تي ملهائيندا هئا ۽ جڳت گرو اُداسين آچاريہ شري سريچندر ڀڳوان جو جنم اُتسوَ پڻ هميشه ملهائيندا هئا. اُهو اڄ بہ چالو رهندو ايندو آهي هر سال.

صبح ۽ شام جو دربار صاحب ۾ برهملين ماتا صاحب روپونتي ديوي بابا تلسيداس اُداسي آسان جي پوڄ ماتا صاحب نيم سان ڪٿا ستسنگ ڪندي هئي ۽ هاڻي پڻ ساڳيو نيم چالو آهي.

ڀائي صاحب تلسيداس صاحبن کي چار پٽ ٿيا : وڏو پٽ ڀائي هريرام (جنهن کي چيلو ڪري سندس نالو شيواداس رکيو)، ٻيو نمبر پٽ، ڀائي ڊاڪٽر گوپالداس (سرڳواسي)، ٽيون نمبر پٽ ڀائي گورڌنداس عُرف گوريلعل (سرڳواسي) ۽ ننڍو چوٿون نمبر پٽ ڀائي ڊاڪٽر سپاش (سوني) بابا تلسيداس

ڇهَ معنيٰ ڇُپ، ايڪانت ۾ ڇُپ ڪري جَپ واهگُروءَ کي ۽ نام سمرن، اِن اُکر ڪان مٿي گيان دُنيا جي تختي تي ڪونهَ ٿي سگهندو، جئن سري گرونانڪ ديو صاحب فرمائي ويا آهن:

'نام تِلَ ڪُش اُورِ نہ هوءِ'

سندن جو پورو وشواس گرو گرنٿ صاحب جي ٧٠ صفحي تي شبدُ سري راگہ مَهلا پنجوان' جا ڪَئو مُشڪلِ اَت بڻي ... نانڪ سچا نام'

چوندا هئا تہ هي شبدُ جيڪو روز نيم سان جاپ ڪندو، تنهن جي جيون آنند ۾ گذرندي، پريو کهڙي ڪرپا ڪري سگهي ٿو، اُن جو ڪٿنُ نٿو ڪري سگهجي، هن شبد ۾ صاحب فرمائين ٿا تہ انسان کي کهڙو بہ دُکہ، بيماري، پيڙ، چنتا، تڪليفون، غريبي، ڏکون، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، پاپ، دئيتپڻو، اهنڪار سڀ ڳالهيون اهي انسان ۾ هجن پر جي پار برهم واهگروءَ جو نالو چِتَ ۾ ياد ڪري تہ سڀ ڪُڇ ٺيڪ ٿي ويندو، سڀ ڪڇ ملي سگهي ٿو مُڪتي پڻ، جي انسان سڀ شاستر پڙهيل هجي، تپي يوگي بڻجي، تيرٿ گهمي، ڪرم سنا ڪري، راجا بڻجي ۽ سڀ سُڪہ هجن، حڪم هلندو هجي، شاهوڪار هجي، ريت رَوِش بہ سٺي هجي، سيني سان سڪ پريم پيار هجيس، سيني ۾ شوڀا هجيس، سڀ جئہ جئہ ڪِنسِ، کو سرير جو روڳہ نہ هجيس سڀ خوشيون سڀ سُڪہ ميسر هجن پر اُن شخص کي پار برهم واهگروءَ جو رنگہ نہ لڳو آهي ۽ پار برهم واهگرو چِتَ ۾ ڪونہ آهي تہ سڀ ويرٿ آهي ۽ هو جمن جي حوالي، نرڪ جي حوالي، نانگن جي يون جي حوالي، سڀ ڪجهہ هوندي بہ ويرٿ آهي.

جنهن مٿان پار برهم واهگرو ڪرپا ڪندو، اُن کي ساڌوءَ جو سنگہ پراپت ٿيندو، جئن جئن هو ساڌوءَ سان پريت وڌائيندو تيئن تيئن هريءَ واهگروءَ سان پريم وڌندو ۽ کيس واهگروءَ جو رنگہ لڳندو، اُن جي ديا ڪرپا سان ئي نام جو دانُ ملندو.

٤. پريوءَ جي نام سِمرَنَ مان فائدا.

’پريہ ڪا سمرن اوُچا - پريہ ڪي سِمرَن رڌ،
سِڌ، نَو نِڌ،
پربِ ڪي سمرن گيان تت ٻڌِ
پربِ ڪي ناهي جم تِراسا، پربِ ڪي سِمرَنَ پورن آسا،
جِسَ نيچہ ڪوئي نہ جاني، نام جپت اُهہ چونڪٽ ماني،
جو-جو جپئي تس ڪي گتِ، هوئہ
هرهر نام جپنتيان ڪوئي نہ ٻنڌي واٽ،
مُڪت، ڀُڳت، جُڳتِ، ناوي ڪي داسي.‘

ڀائي تلسيداس صاحبن اهڙي نموني گيان جا پنڌار هوندا هئا ۽ سيني کي پار برهم واهگروءَ جي ڳالهه سمجهائي ٻڌائيندا هئا ۽ ڪِرتارٿ ڪندا هئا.

هن وقت سندن پٽ ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي ۽ سندن پوٽو ديپڪلعل گورڌنداس اُداسي ٻئي پوچ بيڪہ ڀڳوان سنڌونگر جا ميمبر آهن ۽ پڻ ٻئي اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا آجيون يعني لائيف ميمبر پڻ آهن.

هو ٻئي پڻ وڏن جي آسيس ۽ اُلهاسنگر ۾ سنتن جي آسيس ۽ سنگت ۾ آهن ۽ وڏن جو ٻڌايل رستو ۽ ڪاريہ ڪري رهيا آهن ۽ هميشه ڌرم جو پرچار ڪرڻ ۾ اڳرا رهندا آهن.

مهنت بابا ١٠٨ سوامي تلسيداس رامداس اُداسي جن جي رهڻي ڪرڻيءَ، نالو ۽ شبوا ڪاريہ ڏسندي اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل طرفان سندن جي حيات هوندي ئي سيڪشن ٢٧ جو نالو - ’ڀائي تلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ‘ پاس ڪري ميونسپل طرفان روڊ جي ٻنهي طرفن نالي جا بورڊ لڳارايا آهن.

ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) بابا تلسيداس صاحب اُداسي

اُداسي ۽ ڀائي مانڌوداس صاحب کي ڇهه پٽ ٿيا : سريڌرلعل، پرسرام، ارجنداس، ڪنهيالعل، اشوڪلعل ۽ ڪرشنلعل اُداسي (سرڳواسي).

۱. ايشور کان ڇا گهرڻ کپي. بابا تلسيداس صاحب کان پڇيو، اُن تي اُنهن ٻڌايو :

’اِڪ نانڪ کي ارداس جي تُڌ ڀاوسي،
مئن ديجي نام نواس هر گڻ گاوسي،
وڻ تُڌ هور جي مگڻا، سر ڏکان کي ڏکه،
ديهه نام سنتوکيا اُتري من کي ڀوکه‘

سري گرونانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا ته نام ڪانسواءِ ٻيو توکان جيڪي به گهربو اُن ۾ ڏکه ئي ڏکه آهن، نام گهرڻ ۾ ئي سنتوش ملندو ۽ من جي بکه مٽجي ويندي.

’وِسرَ ناهي داتار اپڻا نام ديهه،
گُر گانوان دِنِ رات نانڪ چاه اِهُ
مانگئون دان ٺاڪُرَ - نام
نانڪ نام ملي تان جيوان‘

۲. نام بنا سڀ ويرٿ آهي.

نام بنا جيتي ڀِواڙَ، جئه مرتڪ مِتِيا سينگار
نام بِسارِ ڪري رَس ڀوڳه، سُکه سپني ناهين تن مئه روڳه
تي تسڪر جو نام نه ليوءِ، نام بنا سَڀُ جَڳُ ٻڙانا
کل مَهِ، پريتَ جن نام نه پڇاتا.

۳. نام وسارڻ مان نقصان.

هر بِسرَتَ هي هانَ، هر بِسرَتَ سدا کُئاري،
هر بِسرَتَ سڀ کا مُهتاج، هر بسرَتَ تيري گليا،
پرميشوَر تي ڀُليان وياپن سڀي روڳه



مهنت سوامي
نارائڻداس اُداسين

سنت مهانمائون ته گهڻا پر جئن چوڻي آهي ته ’گُلُ ته گلاب جو‘، اها چوڻي سائين شرڌيه سوامي نارائڻداس اُداسين سان لاڳو آهي جو هو هميشه پيا گلاب جي گل وانگر ٽڙن ۽ خوشبوءِ ڏين ۽ نوراني نور سندن جي شوڀنيڪ منهن تي نظر اچي. سوامي اَچل پرساد صاحبن جا ۽ سوامي پريمداس صاحبن اُداسين آشرم جا گاديسر، ودوان، سادگيءَ جي مورت، ڌرمي ساهتيه جا پورن گياني، سنسڪرت جا گياتا سناتن ڌرم جا پوئلڳه ۽ اُداسين ڌرم جا پرچارڪ آهن، هو مهه جي جاڻ مطابق يارهين پاتشاهي آهن، گُرو پرناليءَ مطابق.

سندن جا پيا به ڪافي استان آهن جئن ته اَمرڌام، اَچل ڌام، پرمانند ڌام، نارائڻڌام، پريم ڌام ۽ هردوار ۾ اَمرڌام آهن.

سندن جا پوري هندستان ۽ سنڌ ۾ ڪافي پريمي ۽ سکي شيوڪي آهي، هو هميشه پيا سيني کي سناتن ڌرم تي هلڻ جي راهه ڏيکارين ۽ هت ئي ويد ڀڳوان جي سواري استاپن ٿيل آهي.

هو اعليٰ درجي جا ودوان ۽ ڄڳت گرو شري سريچندر ڀڳوان جا اُپاسڪ آهن، هو اوچ ڪوٽيءَ جا ليکڪ پڻ آهن،

(ننڍو پٽ) پڻ ٻہ دفعا ميونسپل ڪائونسل سنڌونگر جا چونڊيل ميمبر پڻ ٿيا (اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل) ۽ مهاراشٽرا گورمينٽ جا ڪينترا سال اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ پڻ رهي چڪا آهن ۽ گورمينٽ طرفان سنجيہ نراڌار اَنوادن يوجنا جا ميمبر پڻ ٿي رهيا آهن، اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل ۾ سينيٽيشن، ميڊيڪل ۽ پبلڪ هيلٿ ڪاٽي جا چيئرمن ۽ ٻين جدا جدا ڪاميٽين جا ميمبر پڻ رهي چُڪ آهن ۽ پوليس ليزن ڪاميٽيءَ جا ۴ نمبر ڪئمپ لاءِ پڻ ميمبر ٿي رهيا آهن ۽ هاڻي پڻ 'سوني' نالي مهنيوار اَخبار پڻ ڪڍندا آهن ۽ ڌرم جي پرچار ۾ پڻ اڳرا رهندا آهن.

اڊريس : ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) تلسيداس اَداسي

۽

ڀائي ديپڪلعل گورڌنداس اَداسي،
ٻئرڪ نمبر ۱۵۸۵، روم ۱ ۽ ۲، سيڪشن-۲۷ ڀائي تلسيداس آر. اَداسي دربار مارگ، سنڌونگر-۰۰۴ ۴۲۱
ٿاڻا ضلع، مهاراشٽرا.

فون نمبر : (گهر)-۵۲۲۹۵۹/۵۲۲۱۳۴. (دربار)-۵۲۲۱۱۹.

★★★★★

جن ڪافي آڏين ڪرڻ ڪانپوءِ منش ذات جي ڀلائي ۽ سچي راھ ڏيکارڻ لاءِ ڪافي رچنائون ۽ گرنٿ لکيا آھن. (ھن داس کي ٻہ سندن جي ٻڌايل راھ تي ھلڻ جي پريرنا ملي، ھن پستڪ لکڻ جي)

سندن خاص ڪري شري سريچندر ڀڳوان جو گرنٿ درشن، امر امولڪ رتن، اچل ڀڳتي ۽ شريمد ڀاڳوت گيتا ۽ ٻيا اٽڪل ١٥-٢٠ ڪتاب گرنٿن جي روپ ۾ ھن ڪلجڳ ۾ ڀٽڪيل انسانن کي راھ ڏيکارڻ لاءِ لکي ڇپائي پڌرا ڪيا آھن.

ھنن سنتن کي وار وار نمسڪار آھي، شال سائين اھان سندن کي وڏي آورجا بخشي، جئن ھو اسان جي رھنمائي ڪندا رھن.

ھو ھن وقت سنڌونگر ڀوج ٻيڪہ ڀڳوان جا اڌيڪش آھن ۽ پڻ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا پڻ اڌيڪش آھن.

ائڊريس : امر ڌام، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر-٢.

فون نمبر : ٥٤٢١٦٥

★★★★★

سائين وسڻ گهوٽ جي جڳهه



سائين آتمارام جگياسي صاحب

سائين وسڻ شاه روهڙيءَ جا رهبر سنت هئا، جن تي سائين پارو شاه سنت جي آسيس هئي، هو ئي سندن ڪامل گرو هئا. جن کي شهنشاه پارو شاه جي نالي شردا سان مڃيو ويندو آهي، جن ويڙهارام کي پنهنجي آسيس ۽ ڪامل نظر سان نهال ڪري سائين وسڻ شاه ڪري ڇڏيو.

روهڙي شهر کي سوا لکہ پيرن جو شهر ڪري ليکيندا آهن. سنڌ ۾ گهڻي ڀاڱي هر ضلع ۾ سنت هوندا هئا جن پنهنجي پنهنجي نموني خلق کي ڪرامتون ڏيکاريون آهن پر روهڙيءَ جي رهبر سنت جي مهما ئي پنهنجي آهي جن پنگہ کي اِکڙ بڻائي، نپٽن کي پٽ بخشيش ڪيا، ڪيترن کي هن پوَ ساگر روپي ڪلجگہ ۾ بہ تاري ڇڏيو، ڪو سوالي هن دَرَ تان ڪڏهن خالي ڪونہ موٽيو.

اڄ بہ چوٽي آهي تہ آسائوتر ۾ سوالي آيو، اُهو خالي ڪونہ موٽيو. سائين وسڻ شاه گهوٽ هميشه مسڪينن ڏکين جي شيوا ۾ مشغول هوندا هئا ۽ ڌڻيءَ جو رحمت لاءِ بندگي ڪندا هئا، شيوا ۾ ئي شاهوڪاري سمايل آهي، ڦلن جو وڻ هميشه نميل رهندو آهي، هتي بہ ساڳي ڳالهہ آهي. درويش تہ هميشه سائينءَ سان ملبا پيا آهن، ڪوئي پروسو رکي، سائينءَ جي دَرَ تي هميشه ميلا لڳندا رهن ٿا، پوءِ اُهو سنڌ

هجي يا هِندُ هجي.

شهنشاه سائين پارو شاه، سائين وسڻ گهوٽ، سائين امرورام صاحب، سائين چيتنرام صاحب، سائين گوپارام صاحب، سائين شُڪرامداس صاحب ۽ ڀڳت ڪنوررام صاحب جن جون ورسيون ۽ ميلا لڳندا رهن ٿا، هن دَرَ تي سنڌ ۾ ڀڳت ڪنوررام به پنهنجي منڙي گلي سان موج مچائي جُهڪي آسيس ونندو هئو.

هن دَرَ تي ئي اُماس جو جاڳرتو ۽ ستسنگ سڄي رات هلندو آهي، جيڪو جاڳي سائينءَ جي دَرَ تي اُهو پائي من جو مُرادون، هن وقت ان سنتن فقيرن درويشن جي گديءَ تي جنهن کي ڪرامتن جو گهر چيو ويندو آهي، اُن تي سنت شرومڻي سائين آتمارام صاحب براجمان آهن ۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رنگيل آهن. هن وقت پنجين نمبر ۾ سنتن جو استان آهي ۽ سڄي بزار جو نالو به 'سائين وسڻ گهوٽ مارگ' ميونسپل طرفان پاس ڪري رکيو ويو آهي. هن وقت به سِندُ روهڙيءَ ۾ اجان دربار صاحب قائم آهي ۽ پڻ جبري پٽڪا ڪالوني، ناگپور ۾ هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ سائين وسڻ شاه صاحب جن جا استان آهن ۽ ساڳي نموني وڏن سنتن وانگر سائين آتمارام صاحب جن اُها ئي جوت جڳائي ويٺا آهن ۽ موج لڳي پيئي آهي ۽ دين ڏکين جي ۽ آئي وئي جي شيوا چالو آهي ۽ صدق رکي ايندڙن جون آشائون پوريون ڪري ڪلندو خوش ٿيندو ودا ڪندا آهن، هو به لڪل لعل آهن، ڪڏهن به ڏيکاري يا وڏائي نه سندن ڪان ڪوه پري آهي، هميشه پيا ڪلندا ۽ پيار سان آسيس ڪندا رهندا آهن، چوندا آهن نه ڏيڻ وارو به وسڻ شاه نه وٺڻ وارو به وسڻ

سوامي تلوڪداس اُداسين

سوامي تلوڪداس مهراج برهمچاري برهمگياني شخصيت جا ڌڻي هئا.

سائين سُڪرامداس صاحب جي اڳڪٿي ته هي ٻالڪ اڳتي هلي اسان جي جوت جڳائيندو، ثابت ٿيو ته سنتن جي واڻيءَ ۾ ڪيتري نه شڪتي هوندي آهي.

ڇيٽ جو سائو آرتوار سندن جو جنم ٿيو، عبدو سکر ۾ سيٺ وريلداس ۽ ماتا چنچل بائي لڇواڻيءَ جي گهر.

ٿورن سالن ڪانپوءِ سنت سڪرامداس صاحب جو چيل ڪٿن سارٿڪ ٿيو ۽ سنتن کان پوءِ سنت سنتداس تنهن ڪانپوءِ سنت رامداس، بعد ۾ سوامي تلوڪداس اُداسين اُن گاديءَ تي براجمان ٿيا.

سنت تلوڪداس به هڪ ڪرم نشٺي، ڪرم يوگي، ڪرامتي سنت هئا ۽ ڪيترا دفعا اُنهن جي وچنن جي گُروءَ رکشا ڪئي ۽ وچن سچ ثابت ٿيندو هو. شروع کان وٺي ڪافي اڌين ڪندا هئا ۽ ڪافي گرنٿن جي جاڻ ۽ اُپياس هوندو هون. ستگرن جي مهر سان اڌياتمڪ گيان جي راه ۾ اڳتي ۽ اڳتي وڌندا رهيا ۽ پورن سناتن ڌرم ۽ ديش ڀڳتيءَ ۾ ۽ ڀارتيه سنسڪرتيءَ کي زور وٺائڻ ۾ اڳرا رهندا هئا.

شروع ۾ ناسڪ ديولاليءَ ۾ ۽ پوءِ پنجين نمبر ۾ استان برپا ڪيائون 'نج ڌام آشرم' نالي سان.

شاه.

سندن فرزند بہ ساڳي ڪرڻي پيا ڪن سائين پرمانند ۽ سائين گرمکداس بہ ساڳي موج مچائي وينا آهن. پريوءِ سائين وسڻ شاه جو پيارو سائين گرمکداس کي ڳائڻ وديا ۾ ڪافي ماهرت حاصل آهي، سندس جون ڪئسٽون بہ نڪتل آهن، پڇنن جون، سندن کي ڳائڻ وقت چڻ ڪنٺ ۾ سرسوتي ديوي واسو ڪندي آهي جو ڳائڻ وقت سڄو ماحول سنگيت ميہ ٿي ويندو آهي.

سائين آتمارام صاحب جن پنهنجي پرم ڀڳت دادا هيرانند ڪيماڻيءَ کي بہ پنهنجي پٽ وانگر سمجهندا آهن. اهڙا نہ سائين سڀي داتا آهن، چوڻي آهي نہ 'جن سبويا، تن پايا مان'

ائڊريس : سائين وسڻ شاه دربار، سائين وسڻ شاه مارڳ، سنڌونگر-٠٠٥ ٤٢١

فون : (٠٢٥١)-٥٢١٦٧٤

★★★★★★



بابا رامداس اُداسين

’پارت پومي اُٿئي مهان
جنهن جو سنتن سان آ شان.‘

هن دربار صاحب جو پايو سنڌ نوابشاھ ضلع جي مورو شهر ۾ انگريزن جي زماني کان وٺي ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان، بَابا مانڪداس صاحبن جن دواران دربار صاحب جو پايو وڌو، اُن کانپوءِ سوامي ڪانداس، سوامي ڪيسرداس، سوامي بابا سيتلداس، سوامي بابا لعلداس، سوامي بابا گروداسرام، سوامي بابا جئرامداس، تنهن کانپوءِ سوامي ڪمياداس صاحب دربار جا گاديسر ٿي رهيا.

ورهاڱي کانپوءِ ڪجهه وقت اُجمير ۾ سنت رهيا، تنهن کانپوءِ بئراڳڙھ ڀوپال ۾ پڪي نموني دربار جي اسٿاپنا ڪئي.

بابا ڪمياداس صاحب جهڙو نالو هئن اهڙي ئي مٺيا ۽ ڪميا جا مالڪ هئا ۽ دربار جا سرمور هئا.

جن پنهنجي گيان، مٺي سياءَ، ڌرم ڪرم، هري ڪيرتن، ڀڳتيءَ جو نام جپائي ۽ اُپديش سان هميشه پريمين سکن شبوڪن سنگت کي ستي رستو پئي ڏيکاريو. سوامي بابا

سندن ڪٿا ۾ ڏاڍو آنند هوندو هو، هو سولي ڀاشا ۾ اَرٿ ڪري سمجهائي ڏيندا هئا. ڀاڳ شنا ڪوي ۽ ليکڪ پڻ هئا. سندن ديهانت سورت شهر ۾ ٿيو، پوءِ سندن پارٿ سرير کي اُلهاسنگر ۾ آندو ويو.

هو اٽڪل ٦٩ سالن جي ورڌ اوسٿا ۾ ٢٦ ميءِ، ١٩٧٤ تي برهملين ٿيا.

ڪافي شهرن مان سندن پريمي اچي شرڌانجلي پيش ڪئي ۽ روئندا رهيا پريم وس ٿي ڪري.

سندن چار استان ٻيا بہ آهن گواليار، ڪوٽا، سورت ۽ پمپري پونو ۾.

هي ناسونت شرير هڪ ڏينهن سائينءَ سان ضرور ملندو ۽ هي سنساري سفر پورو ڪندو پر اُنهن سنتن جون ڪيل ڪمايون ۽ ڪرامتون ۽ يادگيريون هميشه ياد رهنديون. هن وقت سوامي وشنداس آشرم سنڀاليندا آهن، هو پڻ سادگيءَ ۽ نمرتا جا ڪوڏيا آهن. ساڌو سماج سان جُڙيل آهن ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا رهندا آهن ۽ هاڻي اُتي آشرم جي ٽرسٽ آهي.

★★★★★

چوٽي آهي ته :

منهنجو گرو ته پيرن جو پير آ،
بابا ڪمياداس ته فقير آ،
هلو ته هلون پنڌڙو ڪري، هلو ته هلون پنڌڙو ڪري گرو
دَرَ تي
بابا گوونداس منهنجا ڪارج ڪُلئي سنوارجانءِ
دنيوي لهرن ۽ لوڏن کان بابا مونکي بچائِجانءِ.

اها پرارٿنا سپني ديوتائن کي ساڪشي ڄاڻي سپني کي چوندا آهن ۽ چوائيندا آهن ۽ ڏُک درد دور ڪري پريمي سکن شيوڪن کي صحي رستو ڏيکاريندا آهن.

ائڊريس : بابا رامداس اُداسين، سُک ساگر اسڪول جي پٺيان، ٻئراڳڙه، ڀوپال-٠٣٠ ٤٦٢ (ايم.پي.)

★★★★★

جيڪو سڌري ته جيون سڌريو، جيڪو بگڙي ته جيون بگڙيو.
— شري رامچندر ڪيشو ديو ڏونگري جي مهراج.

ڪمباداس جن جي برهملين ٿيڻ کانپوءِ سندن اولاد بابا گوننداس صاحب ۱۹٦۲ع ۾ گاديءَ تي وڏيءَ انوسار ويٺا. جن پڻ پنهنجي گيان سان ۽ هري ڪيرتن ۽ هارمونيم وڄيا سان پنهنجي خاصي پهچان ناهي، اُنهن جي هاڪ اڄ ڪلهه گهڻي آهي.

سندن جي نيٽن ۾ نام روپي سمنڊ هميشه ڏنو ويو. بابا جن اٽڪل ۵۰ سالن تائين گيان پريم ڀڳتي ۽ مڌر واڻيءَ سان ڌرم جو پرچار ڪيو ۽ پريمين کي ڪرتارٿ ڪيو. هن وقت اُن گاديءَ تي بابا رامداس جن براجمان آهن. سندن جي مارگ درشن ۾ ۱۹۹۲ع ۾ اُجين جي مهاڪنڀ ۾ اُن ڪيمپ لڳايو ويو، سندن جي اَٿڪ ڪوشش ۽ ٻين سنتن، شيواڌارين جي سهڪار سان ۱۹۹۵ع ۾ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج سميلن سُني نموني سڦل ٿيو ۽ سندن کي اُن سميلن ۾ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

بابا رامداس جن سماجڪ ڪارين ۾ پڻ هميشه اڳرا رهندا آهن. اکين تان چشمو لاهيو لاءِ ڪئمپ، هڪلائڻ جنهنکي ڳالهائڻ جي تڪليف لاءِ ڪئمپ لڳائڻ ۽ اهڙي نموني ٻيا ٻه سيوا ڪاريه دربار طرفان چالو آهن، جنهن مان ڪيترا ماڻهو فائدو وٺي ويندا آهن. هر سال مها شوراتريءَ جو ميلو، گرونانڪ جنم اُتسو، جڳت گرو شري سريچندر ڀڳوان جنم اُتسو ۽ وڏن گرن جون ورسيون ۽ ميلا لڳائيندا رهندا آهن. اهڙي نموني ڌرم پرچار سنائن ڌرم جو ۽ اُداسين ڌرم جو پرچار ڪندا رهندا آهن.

جيڪو جيڙي مُراد سان ايندو آهي، هن در تي اُن جي ٻڪار گرو مهراج پوري ڪندا آهن.

ميونسپل ڪائونسل جا ميمبر پڻ ٿيا ۽ ڪافي ڪم ڪرايائون جو اڄ به سائين ديارام صاحب جو نالو ڪافي عزت سان ورتو ويندو آهي ۽ ياد ڪيو ويندو آهي.

هن وقت سندن برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ سوامي امرداس صاحب اُداسي گدي نشين آهن ۽ قدرت سان پتا صاحبن کان ميري ۽ فقيريءَ سان گڏ راڄنيتي پڻ ورثي ۾ مليل اٿن جو سندن پتا صاحبن ڪانپوءِ اڄ تائين اُنان جا ميونسپل ميمبر ٿيندا اچن ٿا.

هو هن وقت ڀڳتي ڌام، رائگڙه جا مهنت آهن. پهرين هو اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا سيڪريٽري چونڊيا ويا ۽ بي سميلن ۾ پرچار منتري چونڊيا ويا ۽ اُنهن پنهنجون جوابداريون بخوبي نڀايون آهن. هو ڪوبه ڪم لگن سان ڪندا آهن. هو هن وقت گدي پرناليءَ موجب ١٥ نمبر گادي نشين آهن.

هو ڪرم ۾ وشواس رکندڙ آهن. گرهست آشرم ۾ رهندي به هو ڌرم جي پرچار ۾ هميشه اڳرا رهندا آهن ۽ اُن سان گڏو گڏ سماجڪ ڪاريه ۾ پڻ اڳرا رهندا آهن، ۽ هو ڪپڙي جو ڪافي وڏو ڪاروبار سنڀاليندا آهن ۽ پڻ ڪافي سنستائن سان جُڙيل آهن، سندن ويچار موجب هندو سناتن ڌرم ئي انسان کي صحي رستو ڏيکاريندو ۽ سنا ڪرم صد ڪرم ڪري جيون سڦلو ٿيندو.

ائڊريس : ڀائي امرداس سوامي ديارام اُداسي، ميونسپل ڪائونسلر، ڀڳتي ڌام، رائگڙه، مڌيه پرديش-٤٩٦٠٠١

★★★★★

سوامي اَمرداس سوامي ديارام صاحب اُداسي

برهملين گلپوش ديارام صاحبن جو جنم ١٩٠٥ع ۾ ٿيو هو.

سوامي جن خانپور، تالوڪو شڪارپور ضلع سکر جا هئا. هو ننڍپڻ ۾ ئي سنتن جي ستسنگ ۾ هوندا هئا ۽ ڀڄن ڪيرتن ۽ پروپڪاري ڪمن ۾ دلچسپي رکندا هئا، جلد ئي سنڌي، گرمکي وديا پِرايائون ۽ پنهنجي گرو سوامي 'ڀڳترام صاحبن' جي دِل ۾ سڪ شرڌا سان شيوا ڪئي.

(پنجابي ڀاشا ۾ اٽڪل ١٠٠ سال اڳ ڇپيل 'اُداسي مَتُ درپن' موجب سوامي ڀڳترام صاحب اُداسين آچاريہ ١٠٠٨ شري سريچندر ڀڳوان جي پوتر گديءَ جا ١٣ مهنت هئا)

سوامي ديارام صاحبن جي شيوا ۽ سدڳڻ ڏسي سوامي ڀڳترام صاحب پنهنجي هن پياري داس تي بيحد خوش ٿيا. وڏن سوامي جن جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ سوامي ديارام جن گادينشين ٿيا ۽ ساڳي نموني صد ڪرم ۽ پروپڪاري ڪم ۽ ستسنگ ڪندا رهندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ سکن شيوڪن پريمين جي صلاح سان اچي رائبڙه ۾ ڏيرو ڪيائون. هتي رائبڙه ۾ بہ سماجڪ کاريہ ڪندا رهندا هئا. نرواسي ٿي آيل سنڌي ڀائرن کي ورسائڻ ۽ ڌنڌي کولڻ جون صلاحون ڏيندا رهندا هئا ۽ پڻ سرکار کان وڏيڪ ۽ وڌيڪ سهوليتون وٺي ڏيڻ ۾ ڪافي اهم رول نڀايائون. اهڙي نموني سماجڪ ڪاريہ ڪندي ۽ ڌرم جو ڪم ڪندي ١٩٥٠ کان ١٩٦٥ تائين رائبڙه

آهن. اندور جي سنڌونگر ۾ پنهنجن وڏن ڳرن جي ياد ۾ ’شري رام درشن اسپتال‘ چالو ڪري ڳرن کي ارپن ڪري اُنهن جا سپنا پورا ڪيا آهن، هتي جو سمورو وايو منڊل ڌرمي آهي ۽ هن اسپتال مان هزارن ماڻهن ڏکہ دور ڪرايا آهن. پڻ هو اکين جي علاج لاءِ پڻ ڪئمپون لڳائيندا آهن. اهڙي نموني دُعا ۽ دوا ٻئي ڪاريہ چالو آهن ۽ جس جا حقدار بڻايا آهن، سندن ڌرمشالا هردوار ۾ پڻ آهي. هو اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا مهامنتري پد تي آهن ۽ ڌرمي ۽ سماجڪ ڪاريہ ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ڳرن جو نالو روشن ڪري رهيا آهن.

شل سائين اڃان وڏي اورجا بخشين جو اهڙا اُتم پرُاپڪاري ڪاريہ ڪندا آهن.

★★★★★

مهنت سوامي سنتوشداس اُداسين
(اِندور)

سنت سوامي سنتوشداس جو جنم ۱۹۲۳ع ۾ ناگ پنچميءَ جي ڏينهن ٿيو. خيرپور ميرس سنڌ ۾ شري جمناداس پوچواڻيءَ جي گهرِ سندن ماتا صاحب جو نالو وديا ٻائي هئو.

هو ڌرمي خيالن جا هوندا هئا ۽ شروع ۾ ئي ٻالڪ جي منهن جي چمڪ ڏسي سمجهي ويا تہ هو مهاپرش آهن، اُن ڪري سندن ماتا پتا جن اهڙي پرتابي ٻالڪ کي سوامي سنمڪداس صاحبن جي چرنن ۾ اَرپن ڪيو. ٻالڪ سنتوش پنهنجي گُرن جي شيوا ڪرڻ لڳو ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ هو پڻ پنهنجن گُرن سان گڏ اِندور اچي پهتا. سوامي سنتوشداس کي وديا ڏيارڻ لاءِ گُرن هردوار موڪليو جتي شري چيتنداس جي ڪُٽيا ۾ رهي اُنهن جي پريرنا سان شاسترن جو گهرو اڀياس ڪيو. اُن وقت گديءَ تي سوامي درشانند مهراج گديءَ تي براجمان هئا، اُنهن جي برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ ١٦ جنوري، ۱۹۷۰ع تي سوامي سنتوشداس جن ڀيک وٺي اُداسين سمپردايہ ۾ پرويش ڪيو ۽ وڏيءَ انوسار سنتن جي حاضريءَ ۾ گاديءَ تي سندن کي وهاريو ويو.

پاڻ ڌرم جي پرچار ڪرڻ ۾ اڳرا رهندا آهن ۽ اُن سان گڏو گڏ دين دُکين جي شيوا کي بہ ڪافي مهتوَ ڏيندا

سرير ۾ چڱي تڪليف اچي ويئي، سرير ڏسڻ شرط حڪيم چيو ته هاڻي ياترا پوري ٿيڻ واري آهي، جنهنڪري ٻڌي ڪٽنب پريوار ۽ شيواڌاري، سڀ شيوڪ شيوا ۾ وينا رهيا، رات جو پوري ١١ بجي بابا جن سيني کي آڳيا ڪئي ته مونکي ٿورو ٽائيم اڪيلو ويهڻو آهي، ايڪانت ۾ ۽ سيني آڳيا جو پالن ڪيو، اُن مندر واري جڳهه کان پري ٿي ٻئي روم ۾ وڃي وينا، رات جو ١٢ بجي اندر مندر ۾ ڪنهن سان ڳڻ ڳالهائڻ جو آواز اچڻ لڳو، جنهن تي سيني کي عجب لڳو ته اندر ٻيو ڪنهن جو آواز آهي، اُن تي بابا جڳترام صاحب اندر ويا ۽ چرنن ۾ وندنا ڪري پڇيائون ته بابا ڪنهن سان ٿي روح روحان ڪيوَ - سنتن جواب ۾ چيو ته اُن راض کي نه کول تڏهن به بابا جن چرنن ۾ ويهي وندنا ڪندي عرض ڪيو ته بابا مهر ڪير ٻڌايو، تنهن تي بابا سهجرام جن ٻڌاين ته شري گرونانڪ ديو صاحب درشن ڏيڻ آيا هئا ۽ چيائون ته اجان توهان جي حياتي ٿي سال - ٿي مهنا ۽ ٿي ڏينهن آهي، هاڻي توهين سڀ وڃي آرام ڪيو.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ سنو ٽائيم ڏسي پنهنجي وڏي پٽ بابا جڳترام کي ڌام ڌوم سان وڏيءَ انوسار گديءَ تي وهاريو.

آن ڪانپوءِ بروبر اُن سميه تي جيڪو ورنن بابا جن ٻڌايو هو، اُن وقت تي ڀڳونت نام جپيندي سيني کان سهج موڪلائي سچکنڊ پڌاريا.

بابا جڳترام صاحب جن کي پٽ هڪ لعل جائو، جنهن جو نالو چيتنداس رکيو ويو، اُهي بابا جڳترام صاحب ڪانپوءِ گديءَ تي براجمان ٿيا ۽ سميه انوسار وڏڙن وانگر گيان جي روشني ڏئي سچکنڊ پڌاريا.



سائين پريتمداس
چيتنداس اُداسي
(انڊور)

برهملين بابا چيتنداس اُداسي

پرم آدرڻيه سنت مورت مهاپرش بابا سهجرام صاحب سنڌ ۾ شهر لاڙڪاڻي مکيه سيئو بزار اهڙي مکيه ۽ سندر جڳهه تي سُندر دربار صاحب ٺهيل هئي، جا اڄ به قائم دائم آهي ۽ شيواڌاري سنڀالي رهيا آهن.

سوامي بابا سهجرام صاحب گرهستي اُداسي هئا، جن پنهنجي گيان ۽ ڀڳتيءَ دواران لوڪ به ٺاهيو ته پرلوڪ پڻ ٺاهيو. يعني سنسار کي به سنواريو ۽ پرمارٿ کي به ٺاهيو ۽ ٻن پٽن کي جنم ڏنو، هڪ جو نالو بابا جڳترام ۽ ٻئي جو نالو ڀڳترام صاحب، اهڙا ستپرش پنهنجي مت پاڻ هئا.

جڏهن بابا سهجرام صاحبن جي عمر ٨٥ ورهيه ٿي تڏهن



بابا هنسرام صاحب
(ڀيلواڙا)

راجستان ۾ ڀيلواڙا شهر ۾ 'هري شيوادام' أداسين آشرم ڪافي مشهور آهي، هن دربار صاحب جو اتهاس اٽڪل ١٧٠ سال پراڻو آهي ۽ هن سنستا جو پايو ١٨٢٩ع ۾ پوڄنيہ بابا آتمارام صاحب جن وڌو هو. هو هڪڙا الهہ لوڪ پُرش هئا. سندن جنم ١٧٨٩ع ۾ پنجاب جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿيو ۽ شروع کان ئي هو سنتاڻي پرورتيءَ جا هوندا هئا ۽ وئراڳي بڻجي ايشور جي کوجنا ۾ نڪري پيا ۽ اچي سنڌ ۾ ڀرين نالي ڳوٺ ۾ اچي ڏيرو وسايائون (نوابشاه جي ساهتي پرڳڻي ۾)

اُتي ڪيترائي سال تپسيا ڪيائون. هو هميشه هڪ وقت ڀوڄن ورتائيندا هئا ۽ هو ڪافي تپسيا ڪرڻ ڪري گهڻو وقت لڪي ڪونہ سگهيا، آخر خوشبوءِ تہ ڦهلجندي، اهڙي نموني هي لڪل لعل ثابت ٿيا ۽ ڀرين جي ڳوٺ واسين محسوس ڪيو تہ هي نہ ڪو پرماتما جو روپ آهن ۽ تپسوي سنت آهن.

سنتن سنگت کي ڪٿا ڪيرتن ۽ دين دُکين جي شيوا جو منتر ڏنائون ۽ اٽڪل ٨٠ سالن جي عمر ۾ برهملين ٿيا. اُن کانپوءِ بابا مُنيرام جن گادي نشين ٿيا، ١٨٦٩ع کان بابا

هن وقت اُن گديءَ تي سندن پٽ سوامي بابا پريتمداس براجمان آهن ۽ سندن استان اندور ۾ سندر نموني ٺهيل آهي، جتي روز نت نيم سان ستسنگ ٿيندو آهي ۽ ڪافي ستسنگي پريمي اچي گيان جو لاڀ پراپت ڪندا آهن.

سوامي پريتمداس پڻ وڏن جي آشيرواد سان ڪافي ڌرم جو پرچار ڪيو آهي، ديش وديش ۾ ۽ سندن جا ڪافي پريمي ٻاهرين ديشن ۾ پڻ آهن ۽ ڪيترا دفعا اُنهن پريمين جي سِڪَ پرئي نيند تي وديشن ۾ ستسنگ ڪرڻ ويا آهن ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا رهندا آهن. هوُ پڻ اڪل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا ڀاتا آهن.

ائڊريس : سوامي پريتمداس چيتنداس اُداسي، 'سڪي راڌا ڀون'، ۱۳۷-ڪاٽي والا، اِندور (ايم.پي.)

فون : ۴۷۱۶۳۴

★★★★★

بدلي وٺڻ جي شڪتي هوندي به جو سهن ڪري ٿو، اُهو ڀاڳيوان آهي. نه سهن ڪندا ته پڪ ئي اڳتي وڌندا.
— شري رامچندر ڪيشو ديو ڊونگري جي مهراج.

صاحب جي اسٿاپنا ڪيائون ۽ ٢١ اپريل ١٩٨٤ ۾ جوتي جوت سمايا. تنهنڪانپوءِ بابا گنگارام جن گاديءَ تي ويٺا ۽ اٽڪل ١٢ سالن جي عرصي ۾ اُنهن به جوت جڳائي سُڪرت جا ڪم ڪري وڏن جي پرمپرا قائم رکندي چار چنڊ لڳايا، ١٩٩٤ جولاءِ تي ديولوڪ پڌاريا. سندن جي ٽائيم تي ئي هن دربار صاحب جو پايو پيو ۽ شيوا ڪاريه ڪندي دين ڏکين جي شيوا ڪاريه ۽ مانوَ شيوا کي ’هري شيوا‘ جو مکيه آڌار سڌانت ٺاهي ويا.

هن وقت سنت هنسرام صاحب گاديءَ تي ويٺل آهن ۽ هو پڻ سُڪَرتَ جا ڪاريه، دين ڏکين جي شيوا، سنڌيت جي جوت جڳائڻ، سنڌي ساڌو سماج جا ڪاريه، تياڳمِيه جيون ۽ صد ڪرم جا ڪاريه، ڌرمشالا ۾ سُڌار، ميڊيڪل ڪئمپس غريبن لاءِ لڳائڻ ڪانسواءِ نئين دربار صاحب جو نونرماڻ ڪرائڻ، اُداسين جڳت گُرو آچاريه شري سريچندر ڀڳوان جي سندر موهڻي سنگمرمر جي مورتيءَ جي اسٿاپنا ۽ اُداسين سمپردايه جو پرچار ڪرڻ ۾ اڳرا رهيا آهن.

سندن کي ساٿ سهڪار ڀائي ميارام جن ڏيئي رهيا آهن، اُداسين سمپردايه کي وڌائڻ ۽ هري شيوا ڌام جو جهنڊو چمڪائڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڇڏيندا آهن. هو اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا پڻ ڀاڱا آهن.

ائڊريس : هري شيوا ڌام، ڀيلواڙا، راجسٿان.

★★★★★

ٽنبرام صاحب جن ڀائي ڪرپارام جن سان گڏجي سنتن جي ٽُنيا کي نئون رنگ روپ ڏنو ۽ ڪئي شڌارا ڪرايا ۽ روز نت نيم سان ستسنگ دربار صاحب ۾ ٿيڻ لڳو ۽ موج مچي ويئي. بابا ٽنبرام جن اٽڪل ٧٠ سالن ۾ سماڌي ورتي ۽ اُنهن کان پوءِ ڀائي ڪرپارام جن گادي نشين ٿيا ۽ سنگت کي رام نام جپائڻ لڳا، سندن کي جنات وديا جي ڪافي ڄاڻ هئي، جيڪا سندن کي وڏن ٽرن مان ملي هئي ۽ سداُپيوگ لاءِ ته جئن دين ڏکين کي لاڀ ملي ۽ ڏک دور ڪن.

ڀائي ڪرپارام جن کي گرهستي درويش ڀائي تنورام جن سان پريم هوندو هو جو هو پرين کان ١٨ ميل پري رهندي درويش سان ملڻ پڻ ويندا رهندا هئا، هڪ دفعي روح رهاڻ ڪندي هڪ ٻالڪ جي منهن ۾ مٽيا ڏسي درويش کي عرض ڪري اهو ٻالڪ گهري ورتائون، اُن ٻالڪ جو نالو جيوت هئو ۽ اُن وقت هئو به صرف ١٢ مهنن جو، اُن ٻالڪ کي پالي وڏو ڪيائون ۽ اُهو ٻالڪ ڀائي هريرام جي نالي پرسڌ ٿيو. ١٩٠٤ع ۾ بابا ڪرپارام جن هي سنساري سفر پورو ڪري گروءِ سائينءِ سان وڃي مليا ۽ پوءِ ڀائي هريرام جن گاديءِ تي ويٺا. هو برهمچاري، سداچاري، پراُپڪاري ۽ ڏيرجوان ۽ پسيني جي ڪمائيءِ تي ڀاڙڻ وارا سنت هئا، هٿن سان هاج، مک ۾ رام ۽ ٽرن جي ٻاڪي رڳ رڳ ۾ سمايل هئن، هو پڻ دين ڏکين جي شيوا ڪندا رهندا هئا ۽ ١٩ جون ١٩٤٧ تي برهملين ٿيا.

ورهاڱي کانپوءِ بابا شيوارام جن جو جنم جو نالو گنو هئو. ٣١ ورهين جي عمر ۾ گاديءِ تي ويٺا ۽ اچي پيلواڙا ۾ ٽُر دربار قائم ڪري ورسايائون، هو گائن وديا ۾ پريپورن هئا ۽ ڳائڻ وقت سنگت کي جهومائي ڇڏيندا هئا.

١٩٤٧ع ۾ دربار صاحب، ١٩٦٨ ۾ هرمندر جي استاپنا ۽ وڏن ٽرن جون سماڌيون، ١٩٧١ ۾ ڏوڻا صاحب ۽ جهنڊا

۾ پوءِ بامبي ۾ اچي اسٽال اسٿاپن ڪيائون، هن وقت سندن دربار صاحب سي.روڊ، چرني روڊ تي آهي.

مون کي ننڍي هوندي جي يادگيري آهي ته اُن وقت اسان جي دربار صاحب جيڪا پريم روپ ڀائي تلسيداس دربار جي نالي مشهور آهي اُلهاسنگر-۴ ۾، انڪل ۶۰-۱۹۶۱ ۾ پهريون دفعو ’سمپٽ اکنڊ پاٺ صاحب‘ اُلهاسنگر ۾ اسٿاپن ڪري رکيو يعني آرنڀ ڪيو ويو هو، جيڪو ڪافي ڪنن هوندو آهي ۾ تمام وڏيءِ انوسار رکيو ويندو آهي، گرو گرنٿ صاحبن جو ۾ اُن پاٺ صاحب ۾ اسان جو پوڄ پتا صاحب ڀائي صاحب تلسيداس اُداسي، ڀائي صاحب گرداسرام رنگيراماڻي، ڀائي ميلاپ سنگهه، ڀائي وشنداس (بادہ وارن سنتن جو پرم شش سنت مورتي) ۾ ڀائي ڪلياڻ سنگهه (سردار سندرسنگهه جا پتا صاحب) پاڻ پاڻي تي اهو گرو گرنٿ صاحبن جو سمپٽ اکنڊ پاٺ صاحب مڌر آواز ۾ اُچارڻ ڪندا هئا ۾ وڏي آواز سان اُن سان گڏ شبد هئو، جنهن جا سنڌي ۾ گرمکيءَ ۾ ڇپيل پنا پيا آهن (جيڪي ڀائي صاحب گرداسرام جن وٽ هٿيڪا سنڀالي پيا آهن)، اُن سمپ اکنڊ پاٺ صاحب جي پوءِ پاڻ لاءِ اڳ ئي بابا سائينءَ ڀائي تلسيداس جن ڀائي صاحب ڀڳوانداس مسند صاحب کان ٽائيم ورتي ڇڏيو هو ۾ ڀائي صاحب مسند جن هڪ به ڪلاڪ اڳ ئي بامبي مان اچي ويا هئا ۾ جڏهن ڀائي صاحب ڀڳوانداس مسند ۾ بابا تلسيداس صاحبن سان گڏ پوءِ صاحب پاٺو ۾ مڌر ڪيرتن ڪيو ته سڄو ماحول گرو صاحبن جي ٻاڻيءَ ۾ مڌر آواز ۾ مگن تي شُڌ تي ٿيو هو. اڄ به اُهي اکر مونکي ياد آهن ته جيڪي ڀائي صاحب تلسيداس جن کي چيائون ته ڀائي صاحب تون ته هي پاٺ صاحب رکي اَمر تي وئين ۾ اها سندن پوشيه واڻي ۾ آسبس پوري ثابت ٿي جو اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل حيات هوندي سنمان ڪري ’ڀائي تلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ‘ نالو پاس ڪري روڊ تي لڳايو.

اُن وقت سڄو ڏينهن ۾ سمپٽ اکنڊ پاٺ صاحب جي شيوا ۾ ڀائو صوپراج ڪيماڻي، ڊاڪٽر ڪونولعل ۾ شري پارومل رام رکياڻي شيوا ۾ ڪابه ڪسر ڪونه رکي هئي ۾ پڄ ماتا روپونتي ديوي اسانجي




ڀائي صاحب ڀڳوانداس مسند

ڀائي ڀڳوانداس جن جو جنم ٢٦ جنوري ١٩٠٢ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڀائي ڄڳترام مسند جي گهر ٿيو هو. سندن پتا صاحب گياني ڌرمشٽ خيالن جا هوندا هئا. گهر ۾ ڌارمڪ ماحول ۽ سنسڪارن جو اثر سندن تي ڪافي گهرو پيو. ٻالپڻ کان ئي سندن پتا ڀائي ڀڳوانداس کي سنگيت وديا ۽ گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ جو ابياس سٺي نموني ڪرايو هو ۽ سندن کي ڀائي لڇمڻداس صاحبن کان گرو منتر وٺي ڏنو. ڀائي ڀڳوانداس صاحب ڪافي مڌُر آواز ۾ ڳائيندا هئا ۽ اهڙي ئي نموني گرو گرنٿ صاحب بہ مڌر ۽ وڏي آواز سان اُچارڻ ڪندا هئا. سندن کي گرو صاحبن جي ڪافي ٻاڻي ڪنٺ هوندي هئي.

پاڻ ننڍا ئي هئا جو سندن پتا صاحب ديولوڪ پڌاريا ۽ پريوءَ سان وڇي مليا. تنهن کان پوءِ ڀائي صاحب گرهست آشرم ۾ آيا. پر سندن جي دين دُکين غريبن جي مدد ڪرڻ ڪونہ وسري. هو دربار صاحب جي ڪمائي ڪونہ کڻندا هئا. اُهي پئسا ضرورتمندن جي مدد ۾ ئي پسُنِ پکَين جي ۽ ٻجهي نموني ٻيا سڪرت جا ڪم ڪندي خرچ ڪندا هئا ۽ پاڻ زمينداري ڪندي اُن ڪمائيءَ مان گهرو پالنا ڪندا هئا.

ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ هو راجستان ۾ اچي رهيا



سوامي ليلا شاه مهراج

برهمگياني سنت سوامي ليلا شاه جن ننڍي کان ئي سنت پرورتيءَ جا هوندا هئا، هو برهم کتري ڪُل جا هوندا هئا. سندن جي جيون سماج کي ڄڻ ارپڻ ڪيل هئي، مهان ڪرم يوگي، ست پُرش، سڌپرش هوندا هئا، ڀڳتي گيان ۽ نشڪام ڪرم ڪندا هئا.

هند سنڌ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪُرسم کي بند ڪرائڻ لاءِ ڪافي پاڻ پتوڙيائون.

سندن گرو سوامي ڪيشورام صاحب هئا ۽ ودوان هئا، پاڻ سندن جي ليلا شاه جن ڪافي شيوا ڪئي گرودر سمجهي، هو پسن جانورن گاين جي به شيوا ڪندا هئا ۽ هميشه رام نام جپيندا هئا، هو هڪ سماجڪ سيوڪ سان گڏو گڏ هندو ڌرم جي شاسترن ۾ به پرمپراگت هوندا هئا.

ڪراچيءَ ۾ شري ويدانت پرچار منڊل پڻ ٺاهيو هو جنهن مان ڌرم جو پرچار پڻ ٿيندو هو، هو قدرتي علاج جا پڻ ماهر هوندا هئا، ڪيترن کي شفاياب ڪيائون، ڪيتريون سندن ڪرامتون به ڏيکاريل ۽ ٻڌل آهن.

پاڻ راشٽر ڀڳت پڻ هئا ۽ سوديشي هلچل ۾ پڻ ڀرو ورتو هئائون، هريجن سڌار، ڀارتيه سنسڪرتيءَ - سڀيتا لاءِ پاڻ ارپن ڪيل هئن ۽ پاڻ پڻ کادي پائيندا هئا - هڪ وڏو چوڳو هوندو هئن ۽ سادگيءَ ۾ رهندا هئا.

هڪ دفعو هتي الهاسنگر ۾ آيا هئا سوامي شانتي پرڪاش آشرم ۾ (سوامي ستگرو ٽيئونرام آشرم) ان وقت مان ننڍو هوس ته اسان

ماتا صاحب جي ساراهه ۽ نيڪي هرهڪ ڪئي، جيڪا برهملين ٿيڻ تائين دربار جي نت نيم ۾ ڪڏهن به ڪونه گهٽي.

ڀائي صاحب ڀڳونداس مسند صاحب جو اسان سان ڪافي رستو پهچاڙيءَ تائين رهيو جو اسان جي بامبي ۾ ماهيم ڪئڊل روڊ تي دربار صاحب پڻ آهي، اُتي به به ٽي دفعا ڀائي صاحب جن اچي آسيس ڪري ويا هئا جو هو بابا تلسيداس کي هم خيالي، گڏي ودوان ۽ گرو گرنٿ صاحب جو گياتا سمجهي پنهنجي ڀاءُ وانگر پيار ڪندا هئا.

هڪ دفعو خود دادا ناري گرسهاڻي صاحب منهنجي گهر آيا هئا ۽ دربار صاحب ۾ متو ٽيڪيو هئائون ۽ ٻڌايائون ته منهنجو گرو ڀائي ڀڳونداس مسند صاحب آهي ۽ اُن وقت اسان جي بابا سائينءَ آشرواد ڏني هئي ۽ ٻڌايو هون ته ڀائي صاحب مسند صاحب ته منهنجو وڏو ڀاءُ آهي ۽ اُن تي دادا گرسهاڻي صاحب ٻڌاين ته اسان تي به ڀائي ڀڳونداس مسند صاحب جي مهر ٿي ۽ اولاد ٿي آهي.

اهڙا گروءَ جا پرم ڀڳت گياني به هي سفر پورو ڪري وڃي سائينءَ سان مليا، اُنهن جا ويچار ڀلايون، غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ بنا نالي چوڻ جي تمام ٿورن ۾ هوندو آهي.

سندن جو گرو نانڪ ديوَ صاحبن ۽ گرو گرنٿ صاحب ۾ پورو پورو يقين هوندو هو، چوندا هئا ته ڪرڻ ڪرائڻ وارو مان ڪير آهيان، جيڪي ڪري ٿو، اُهو نانڪ شاهه ٿو ڪري.

سندن کي اڳه ئي پرون پئجي ويا هئا ته هاڻي هي سنساري سفر پورو آهي، پنهنجن پريمين کي اڳه ئي آگاهه ڪيو هئائون ته هاڻي هي سفر پورو آهي، آخر ۱۹۷۴ جي ديولوڪ پڌاريائون ۽ سائين پرماتما سان لين ٿي ويا.

★★★★★

سوامي ٻوڏراج صاحب

توري ۾ جيون پريچيہ :

سوامي ٻوڏراج جن جي ١٠٠ سال يعني شتابدي ورسي اُتسؤ ١٦ آڪٽوبر تي ١٩٩٧ع ۾ ٿيو. سندن جنم ١٨٩٧ع ۾ ٿيو هو.

سوامي جن ستسنگين کي نہ رُڳو آتمڪ پريم جا پيالا ڀرڪري پيارينداهئا پر سندن من مان موه، ممتا، ڏُلپ، دولاب. ڪام، ڪروڌ، ايرکا، اهنڪار جو انڌيرو اُڏائي گيان روپي ديپڪ پرجلت ڪندا هئا. ڪيترن ئي منشن جي جيون ۾ پلٽو آندائون جو هو خراب سنگہ ۽ صحبتون ڇڏي شڀ مارگہ تي هلڻ لڳا ۽ اُنهن ۾ پريوءَ جي لئہ اچي ويئي.

پرمارٿ جا ڪاريہ ڀڇاڙيءَ تائين ڪندا رهيا، مريضن کي دوائون ڏيندا رهندا هئا ۽ پنهنجو سرير نروڳہ رکڻ لاءِ يوگہ آسڻ - پراڻايم ۽ ڪيتريون ڪسرتون سيکاريندا هئا ۽ سٺيون سکيائون ڏيندا هئا.

هتي اُلهاسنگر ۾ پڻ ڊاڪٽر سياش سوني اُداسي، اڳيون ميونسپل ڪائونسلر ٣-٦١٢-سي جي پرسان ۽ ميونسپل جي گارڊن جو نالو سوامي ٻوڏراج جي نالي ميونسپل ڪائونسل کان پاس ڪري رکايو آهي. هاڻي شري ليلارام ڏاسواڻي پڻ سندن جي راه اپنائي آهي ۽ سوامي ٻوڏراج تي ننڍا ننڍا سکيا دائڪ ڪتاب ڇپائي ورهائيندو آهي، جئن منش ذات اُن تي هلي پنهنجو جيون سڦلو ڪري سگهي ۽ صد ڪرم ڪندو رهي.

جي دربار صاحب پريم روپ ڀائي تلسيداس دربار ۾ پڻ آيل هئا جو بابا شري سريچندر ڀڳوان جي مورت جي استاپنا تي رهي هئي ۽ شرڌيہ سوامي آچاريہ گنبشداس جي مهراج اُداسين جي شپ هئان اُن وقت اهڙي مهان ڪرم يوڳي سنت جو درشن ڪرڻ جو موقعو پڻ مليو ۽ آسيس پڻ ملي، پاڻ سان گڏ سندن جا ڪجھ پريمي هئا، اُهي سندن لاءِ ننڍي منجي آسڻ پڻ ڪٺي آيا هئا، اُن تي ويٺا هئا، اهو اڄ بہ ياد آهي. سندن جي پيشانيءَ تي روحاني رونق هوندي هئي، سندن جا ڪيترا اُڌياتمڪ وشين تي پستڪ پرڪاشت ٿيل آهن.

سنت نہ فقط هند ۾ ۽ سنڌ ۾ پر پرديسن ۾ بہ وڃي پروچن ڪيا ۽ سڪيائون ڏنيون، سندن جي پروچن ۾ ڪافي تاثير هوندو هو جو هنن جي پروچن وقت شانت واتاورڻ تي وبندو هو.

پاڻ سوامي جن ۱۹۷۳ع ۾ برهملين ٿيا.

هن وقت سندن سماڌي آديپور، گانڌيڌام ۾ آهي ۽ هندستان ۾ ڪيترائي استان آهن ۽ وديشن ۾ پڻ ڪافي پريمي آهن.

سندن جا ڪاريہ ناري شالائون، گئو شالائون، اسڪول برپا ڪيل آهن، جي اڄ بہ سندن سنديش ڦهلائي رهيا آهن. اهڙن پورن سنت درويش فقيرن کي وار وار نمسڪار آهي، شال اسان بہ سندن بڌايل راه تي هلي جيون سڦلو ڪيون.

★★★★★



جهو ليلال سائين
سونهاري سنڌ
جي نقشي ۾



سائين سيئورام صاحب جي امر جوتي



سائين هرچورام صاحب



سائين ڏرهون رام صاحب



سائين لکيرام صاحب



سائين جيوت لهوت صاحب



سائين ڏيونرام صاحب



سائين روپا رام صاحب

”سننام سهائي، ڪمي نہ ڪائي“
سائين روپارام صاحب

سنڌ ۾ ڪافي سنت فقير مهاتمائون صوفي دَرويش هئا، اُنهن مان شاهپور جا سنت مشهور هئا ۽ هتي بہ سنڌونگر ۾ سندن جي گدي قائم دائم آهي.

سنڌ خيرپور ميرس ۾ سائين هرچورام صاحبن جو جنم ٿيو هو، ۽ جئين چوڻي آهي تہ ڪي ڄمندي ڄام هوندا آهن، اهڙي نموني هو سنت فقير درويش ٿي گذريا آهن.

پڻ شروعائي دؤر ۾ هن دَرَ تي سوامي شانتي پرڪاش مهراج پڻ پاڻ شيوا ڪري وَڌيا ۽ گرُ دَرُ ڪري مڃيندا هئا ۽ اڳتي هلي سچي دنيا ۾ نالو ڪمائي ويا.

سندن جي گدي سنڌ کان وٺي ڪرامتن ۽ شيوا پريم ۽ ڀڳتيءَ ڀاءُ ڪري ڪافي مشهور آهي.

هر سنت پنهنجي پنهنجي نموني ڌرم جو پرچار ۽ ڪرامتون ڏيکاريون آهن. شاهپور ٿلهي وارا سنت سائين سيئورام صاحب، سائين هرچورام صاحب، سائين ڌرمون رام صاحب، سائين لکيرام صاحب، سائين جيوڻ گهوٽ صاحب، سائين ڏيونرام صاحب ۽ هن وقت سائين روپارام صاحب هن ڪرامتي گديءَ تي براجمان آهن.

هي سنت پڻ هميشه پاڻ کي نندو سڏائي سڀني جي دِل سان شيوا ڪندا آهن. دين دکين جا همراه ۽ همدرد آهن. لکہ-جيون هاسپيٽل پڻ هلندي آهي ۽ هردوار پرسان هڪ ڌرمشالا پڻ آهي ۽ هميشه پيا ڪلائيندا رهندا آهن.

سنت ڀڳت ڪنوررام صاحب

ڀڳتن جو سرتاج ڪنور چوڻ صحي ٿيندو.

سنڌ ۾ ڀڳتن ۾ ڀڳت ڪنوررام اڄ به سندس رڪارڊ يا ڪئسٽ ٻڌندا، پوءِ اها رستي لنگهندي چو ڪين هجي، هڪ منٽ ته پڪ اُها ٻڌندي ئي بيهندا، اهڙي ته اُن آواز ۾ مٺيا ۽ ميناج ۽ لهر هوندي آهي جو اڄ به ائين لڳندو آهي ته چڻ سامهون ٻڌي رهيا آهيون.

سندن جنم سنڌ ۾ جروار ڳوٺ ۾ ويساک جي پوتر مهني ۾ ٿيو هو، سندن پتا تاراچند ۽ ماتا جو نالو تيرٿ ٻائي هئا.

ڀڳت ڪنوررام جو نالو سنت ڪوتارام صاحبن رکيو هو ۽ سنت سهجرام سنت سترامداس صاحبن جي به ديا درشٽي ڪنور مٿان هوندي هئي. ٻالڪ ڪنور ڪيٽ ۾ پتا سان گڏ ڪم ڪندو هو ۽ پڻ ڪوهر به وڪڻندو هو. حيات پٽافيءَ جي دربار ۾ ٻائي هاسارام جن کان گرمکي وديا ۽ گائن وديا پرائي ۽ پڻ اُتي شبوا پڻ ڪندا هئا.

سنت سترامداس صاحب ڀڳت پڻ هئا، اُنهن ڪنور کي انيڪ ڀڳتن جو ڪٿائون ساکيون سيکاريندا هئا، اُنهن سان گڏ ڪنور ڀڳت وجهڻ سکيو.

تنهن کانپوءِ سنت ڀڳت سائين سترامداس ڪنور جا گڻ نمرتا ۽ شبوا ڀاءُ صدق قرب ڏسي کيس گر منتر ڏنو. سنت کي مهما اپرم پار - سنت جاڻي جاڻڻ هار آهن، ڪنور کي سنتن اهڙو ته سنگ ڏنو جو لوه به پارس جو سپرش پائي سون ٿي پيو.

سنت جون کهاڻيون ۽ ڪرامتون ته گهڻيون آهن ٻڌل

اهڙي نہ مشڪندڙ موهڻي صورت ۽ سيرت جا ڏٺي آهن. ڌرم جي پرچار ۾ پڻ هميشه اڳرا رهندا آهن. هن وقت آشرم کي نئون روپ ڏيئي سندر ۽ شوڀاوان ڪرائي رهيا آهن.

هو سنڌونگر پوج ٻيڙي ڀڳوان منڊل ۽ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا ڀُڳتا آهن ۽ سنت شرومڻي ڪري ليکيا ويندا آهن.

جهڙو سنتن جو نالو آهي روپارام اهڙا ئي پاڻ روپ ۾ رام جپائڻ جا گُڻي گياني آهن.

هنن جي گرو ڀڳتي، نماڻائي، پيار پريو ٿهڪ، نهٺائيءَ جي سِپني هنڌ هاڪ آهي. سندن لڳ ڀڳ سڄي هندستان ۾ سڪ شيوڪ پريمي آهن.

شال سندن جي آسيس هميشه اسان مٿان ٻہ قائم دائم هجي. هو لکل لعل آهن، اُن ۾ ٻہ رايا ڪونہ آهن.

سنت اُهو نہ جنهن کي سپ پيري پون پر سنت اُهو جيڪو ٻين سپني کي پيري پئي، اها ئي هن سنت مورتيءَ جي مٿيا پڻ آهي.

’جن سيويا تن پايا مان‘

ائڊريس : سائين هرچورام ڏام، شاهپور ٿلهي وارا سنت، چاليهي صاحب پرسان، سنڌونگر-٠٠٥ ٤٢١

فون نمبر : ٥٢٦٧٧٩

★★★★★

بابا نيپراج صاحب

شهنشاه سنت پارو شاه سنت وسڻ شاه گهوٽ الوڪ هئا، اُهي روهڙيءَ جا رهبر هئا ته اهڙي سنتن صوفين درويش مهاتمائن جي شهر سنڌ روهڙيءَ ۾ بابا نيپراج سائين پڻ هڪڙا پريپورن سنت ٿيا آهن.

سندن جنم ياٿين جي ڪٽنب يعني آکهه ۾ ٿيو هو، ننڍي هوندي کان ئي هو پڙهڻ لکڻ ۾ ڪافي هوشيار هئا ۽ فائينل پاس ڪري اسڪول جا ماستر بڻيا. ماستري ڪندي به پريوءَ جي بندگيءَ ۾ سندن ڌيان لڳل هوندو هون ۽ پڻ عَتگات هوندو هون.

سندن کي سنڌ جي مشهور سائين بيدل جي صحبت حاصل ٿي، جن پڻ بابا نيپراج کي ڪافي ڪجهه گيان ڏنو. سندن کي حافظ جا ڪلام پڻ پڌائيندا هئا ۽ سمجهاڻي پڻ ڏيندا رهندا هئا. پوءِ ته هو رچي راس ٿي پيا ۽ سندن کي خدا جي بندگيءَ جو خمار چڙهي ويو.

اسان جا وڏا سنت پڌائيندا آهن ته بابا نيپراج هميشه پيو سائينءَ سان ڳالهائيندو هو.

هڪ دفعي ميهڙ وارا ساڌ بندوق صاف ڪري رهيا هئا ته هڪ مسلمان کي جيڪو سامهون وچي رهيو هو ته بندوق هلي پئي ۽ گولي وڃي اُن بندي کي لڳي ۽ هو اُتي جو اُتي گذر ڪري ويو، پوءِ ته هندو-مسلمان جي دنگي جي

پڙهيل. مٿل ٻار بہ سائينءَ کي پڪاري آرداس ڪري جيئاريائون، سندن جي واٽيءَ جي وس تي ڏاڪو بہ ڏاڪو وجهڻ پلجي ويندا هئا، هو هميشه پاڻ کي داس سمجهي هلندا هئا، دين دُکين ۽ سُنن ڪارين لاءِ اچي ڀڳت وجهندو هو. ذات پات کان پري سڀني سان نِوڙي پريم سان ملندو هو. هي سنسار مسافر خانو آهي پوءِ آڊمبر ڇاجو.

ساري سنڌ ۾ سندن جس هئو، اُن وقت هو ڀهريان ڀڳت هئا، جنهن جي هز ماسٽر وائيس ميوزڪ رڪارڊ ڪمپنيءَ وارن اُن ڀڳت ۾ اچي رڪارڊ ڀريو ۽ ٿاهيو نہ ڪِ ڪنهن ميوزڪ هال يا رڪارڊنگ روم ۾. اهو شرف بہ سندن کي مليو ۽ اُن لاءِ بہ سائين وسڻ گهوٽ صاحبن جي ڳاديسرن سائين امرورام صاحبن سندن کي چيو نہ تہ شايد ٻيو ڪجهہ هجي ها يعني رڪارڊ ڪونہ ٿهن ها، ائين ٻڌو آهي.

اهڙن مهان ڀڳت شرومڻي سنت ڀڳت ڪنوررام صاحبن نيڪ دِل انسان کي بہ خوني خبيثن ڪونہ ڇڏيو. رُڪن جي اسٽيشن تي ظالمن سنت تي گوليون هلائي شڪار بڻايو ۽ شهيديءَ جو جامو پهرايو، اُن وقت هو اٽڪل ٥٥ ورهين جا هئا. قربدار ڪنور اڄ بہ سنڌي جاتيءَ کي ياد آهي ۽ ڀارت جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ گهڻن سنڌين جي گهرن ۾ يا ٽڪاڻن ۾ سندس فوٽو ڏسڻ ۾ ايندو.

هو سائين وسڻ شاه گهوٽ صاحبن جي استان تي هميشه ڀڳت ڪرڻ ويندا هئا ۽ سجدو ڀريندا هئا. اهڙا مهان ڀڳت ملڻ مشڪل آهن، سندن کي وار وار نمسڪار آهي.

سندن فرزند جو نالو پائي پيسورام ۽ سندن جي ڌرم پتني يعني ڀڳت ڪنوررام صاحب جي گهر واري گنگا ديوي هن وقت اٽڪل ٨٠ سالن جي آهي. ڀڳت صاحب هجن ها جي اڄ تہ اٽڪل ١١٤ ورهين کن جا هجن ها.

★★★★★

انسپيڪٽر اچڻو هو پر بابا نبيراج جن ڪنهن ڪارڻ اسڪول ڪونه ويا، هو ته پنهنجي سائينءَ جي بندگيءَ ۾ مشغول هئا، ڏيان ئي ڪونه رهين ته ڪو اسڪول وڃڻو آهي، ٻي ڏينهن هو اسڪول ويا ۽ موڪل جي هڪ ڏينهن نه اچڻ جي عرضي هيڊ ماستر کي ڏنائون ته هو عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين ته نبيراج هي ڇا تون ته ڪالهه آيو هوئين ۽ انسپيڪٽر تنهنجي لاءِ تمام سٺو رمارڪ پڻ لکي ويو آهي ڪم لاءِ، هيءَ عرضي ڇاجي، سائين سمجهي ويا ته مالڪ منهنجو رَبُ پاڻ اچي ڪارج راس ڪري ويو آهي، پوءِ ته هو اُٿ ئي پهر سائينءَ جي عبادت ۾ مهو ٿي ويا ۽ هو هڪ سِڌِ پُرش ليکجڻ ۾ اچڻ لڳا، سنت جون گهڻيون ڪرامتون ٻڌيون آهن، هو ڪامل پرش هئا. گهڻن تي ئي مهر ڪيائون، جنهن سنت جو ڏڪُ ڪاڏو تنهن پاتو، ڪن پريوءَ کي پاتو، ڪن ڌن مال پاتو، ڪن ڏڏ پٽ پاتا، ڪن جا ڪشٽ مٽيا، مطلب ته سوالي خالي ڪونه موٽيو، بابا نبيراج صاحب اٽڪل ٩٠ سالن جي ورڌ اوسٿا ۾ برهملين ٿيا، هو هميشه هڪ وڏو اُچو چوغو پائيندا هئا.

هندستان ۾ بہ، دهليءَ ۽ سنڌونگر ۾ سندن جي ورسي ملهائي ويندي آهي، چوٿين نمبر ۾ پائي ناراڻداس جن جي مندر ۾ هر سال ميلو لڳندو آهي.

’سنتن جا ميلا هميشه قائم دائم آهن.‘

★★★★★

نوبت اچي پهتي، پر ڪنهن نموني اُن کي شهرواسين سمجهائي دنگو ٽيڻ کان بچايو پر ڪيس ڪورٽ ۾ ويو ۽ ڪيس به تمام مطبوط هئو، سزا لڳڻ جو امڪان هئو. اُن وچ ۾ ميهڙ وارا ساڌ ڪراچيءَ ۾ بابا تلسيداس جن وٽ آيا جو هو مائٽ هئا ۽ اچڻ سان سربستي ڳالهه ڪين ته پائو هي قصو ٿيو آهي، ُهاڻي ڇا ڪجي. تنهن تي بابا جن چيس ته سنت بابا نيڀراج وٽ هلون ٿا جي سنت ڏک هنئيو ته سمجهو توهان کي ڪجهه به ڪونه ٿيندو. ميهڙ وارا ساڌ وڏي پڳ ٻڌندا هئا، سڀ هليا سنت وٽ سکر ۾ پڳ جڳهه ۾ سنت پيو پنهنجي ليکي ڳالهائي ۽ ڦيرا پائي، هڪ ماٺا پاڻيءَ ڪٽورو ۽ چمچو ڪٽي ڪُنڊ ۾ شيوا لاءِ بيٺي هئي. بابا نيڀراج صاحب ٻي ڦيرا ڏنا ۽ چپن ۾ ڪجهه ڳالهايو. اوچتو ڦيرا پائيندي اچي ميهڙ وارن ساڌن کي پر ڪري ڏک هنيو جو اُنهن جي پڳ به ڪري پئي. اُهي پاڻ به سنت هئا پر بابا نيڀراج جي دَرَ جا سوالي هئا. اسان جي پتا صاحب پائي تلسيداس کي سنت نيڀراج چيو ته تُلسا پڪ تون وٽي آيو هوندين. ڪم ڪن گناه جا. اچن وري اسان وٽ. وڃه هاڻي. اُتي اسانجي پتا صاحب جن ميهڙ وارن ساڌن سوڌو چرن وندنا ڪري واپس وريا. بروبر اُهو ڪيس جيڪو تمام مظبوط هئو ۽ پڪ هئي ته ساڌن کي سزا لڳندي پر سنت ته ڇاڻي جاٽٽهار هئا. اُنهن جي هڪ ڏک ڪشت ڪٽي ڇڏيو ۽ اُهو ڪيس ئي رفا دفا ٿي ويو ۽ ساڌ ڪيس کٽي آيا ۽ سُکَ سان ميهڙ روانا ٿيا. اهڙا ته بابا نيڀراج صاحب ڪرامتي هئا ۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رنگيل هئا. اها پوري حقيقت مونکي پنهنجي پتا صاحب بابا تلسيداس جن ٻڌائي هئي. ُسنت کي گت سنت ئي جاڻي'.

ماستري ڪندي هڪ دفعو اسڪول ۾ انسپيڪشن ڪرڻ

ٺائيم ٽي سوامي پريتمداس چيتنداس أداسي جن جيڪي پڻ ڪوي جن جا پرم پيارا پريمي شش هئا، انڊور وار، جيڪي پڻ اوچ ڪوٽيءَ جا ودوان آهن، أهي اسان وٽ رهيل هئا، أنهن ڪوي صاحبن کي ٻڌايو ته هڪدم ٻي ڏينهن صبح جو پنڌ ڪري اچي پهچي صاحب تلسيداس جن وٽ دربار پهتا ۽ حالي احوالي ٿيا ۽ ڇيائون ته روپ ته اسان جي ڏيءَ آهي جو باده وارا سنت به منهنجا پائر آهن، أنهن جي ڏيءُ منهنجي ڏيءَ آهي، اهڙو ته پريم ۽ سِڪَ ۽ مريادا هوندي هئن. مان أن وقت نيتاجي اسڪول ۾ پڙهندو هوس ۽ منهنجي ڪلاس ۾ سائين ديال آشا سنڌي پڙهائيندا هئا ۽ منهنجا أستاد هئا.

هو اهڙا ته ڪوي هئا جو اوڏي مهل ئي هڪ ڪوتا ٺاهي منهنجي ماتا صاحبن کي ٻڌايائون (افسوس ته أها ڪوتا مونکي ياد ڪونه آهي)، اهو اهڙا لاجواب ڪوي، ڪرم يوگي، مهاپرش سنت هوندا هئا، سندن جا ڪيترا ڪاويه پستڪ شايع ڪيل آهن، هن وقت سندن آشرم، ديوالليءَ ۾ آهي، هو ١٩٦٨ع ۾ برهملين ٿيا.

سندن کي ديش ڀڳتن لاءِ پڻ ڏاڍي عزت هوندي هئي، اڄ به سنڌين ۾ چوڻي آهي ته ’ڪوي ته پهلاج‘.

★★★★★

ڪوي ڀلاجرام صاحب

سنڌي ڪوين جا شرومڻي ڪويراج جنهن کي هرڪو سنت مهاتما يا ماڻهو ائين ئي اچ به چوندا آهن ته ڪوي ته ڀلاجرام. اهڙا سنڌ جا ۽ هند جا ناميارا ڪوي هئا. سندن جنم اٽڪل ۱۹۰۰ع ۾ سکر ضلع جي ڪاهي ڳوٺ ۾ ٿيو هو. ننڍپڻ ۾ ئي سندن ماتا صاحب ۽ پتا صاحب جو ديهانت ٿيو ۽ هن کي مٽن مائٽن پڙهائيءَ تي وهاريو. هنن سنڌي ۽ گرمکي ڀاشا پڙهي ۽ ننڍپڻ کان ئي گرباڻيءَ جو اڀياس ڪيو. هنن جا شروع کان ئي ڌارمڪ خيال هوندا هئا. شڪارپور جي سنت سنياسي شنڪرآنند ڀارتيءَ جو شش سوامي شامانند هئا ڪنکل هردوار ۾ اُنهن کان ڪافي وديا پرائي ۽ ڪجهه وقت رشيڪيش ۾ پڻ رهيا، اُنهن کان ئي گرو منتر وٺي واپس سنڌ وريا.

هو هميشه هڪ وڏو ڳاڙهو چوڳو پائيندا هئا ۽ ڪافي رٽن ڪيائون سنڌ ۾ اچي حئدرآباد ۾ 'ڀلاجپوري' نالي آشرم برپا ڪيائون. سندن جي ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ ماتا جو جڻ واسو هوندو هو ۽ قلم ۾ پڻ اهڙي ته لکڻ جي طاقت پئدا ٿي جو هزارين ڪوتائون ۽ گيت ناهيائون، ڳايائون ۽ لکيائون.

سندن جو اسان جي گهر سان پڻ ڪافي رستو هوندو هو، پاڪستان کان وٺي جو منهنجي ماتا صاحب روپونتي ديوي بيمار هئي، ته اُن وقت ڪوي ڀلاجرام اُلهاسنگر ۾ سوامي ٽيئونرام صاحب جن جي ڪُٽيا ۾ ۵ نمبر رهيل هئا، اُن

سنت جي آسيس ديا مهر رنگہ ڏيکاريو جو هو ٻئي سنت ٿيا.

هڪ ڏينهن سنت سائين شادارام صاحبن تلسيداس کي چيو تہ پٽ هاڻي اسان جو ٽائيم پورو ٿيو آهي، تون هن استان جي سيوا ڪجانءِ ۽ سنت اشنان ڪري پرماتما کي ياد ڪندي سيج تي آرام ڪندي ڪندي برهملين ٿيا.

تنهن ڪانپوءِ سندن گاديءَ تي سنت تلسيداس کي وهاريو ويو، تنهن ڪانپوءِ سندن پٽ سنت تختمل، سنت تنڪرام اُن بعد ماتا صاحب هاسي ٻائي، سنت منگلارام، سنت راجارام اُن استان جا گاديسر ٿيا ۽ هن وقت ان ڪرامتي گديءَ تي سنت گوبندرام صاحب براجمان آهن.

سنت گوبندرام صاحب پڻ وڏن گرن سنتن جي مهما کي قائم رکي وينا آهن، سندن هن وقت سنڌ ۾ ۽ هند ۾ استان قائم آهن سنڌ ۾ ساڳي حيات پتافيءَ ۾ دربار صاحب قائم آهي ۽ جيڪا ڏوڻي شِوَ روپ سنت سائين شادارام ڌُڪائي قائم ڪري ويا آهن، اُها اُجان قائم دائم آهي ۽ دين ڏُکين جا ڏُکہ دور ۽ من جو مُرادون پوري ڪري رهي آهي ۽ هتي بہ رائپور ۾ ڏمتري روڊ تي وڏي عاليشان دربار آهي ۽ سنت گوبندرام صاحب اڄ بہ وڏن جي ڪرڻي ۽ چوڻي سچ ڪري رهيا آهن، هن ئي دربار مان ئي پاڪستان لاءِ هر سال ياتري تيرٿ ڪرڻ ۽ من جون مُرادون پوريون ڪرڻ لاءِ شاداڻي دربار ۾ مٿو ٽيڪڻ ويندا آهن ۽ اُتان جا تيرٿ ياتري هتان جي دربار صاحب ايندا آهن ۽ سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو آدان پردان پڻ ٿيندو آهي ۽ ڀائي چاري جو پيغام هڪ ٻي سان ٿيندو آهي.

تازو سنت گوبندرام صاحب اُلهاسنگر بہ جتو وٺي آيا هئا ۽ هتي بہ ڪافي سنتن سان مُڪاميلو ٿيو هو ۽ اُن وقت ڀاڻي جوتي ڀپو ڪالاڻيءَ، ڪالاڻي محل-ڪيماڻيءَ وٽ ياتري ڀون ۾ آيل پاڪستاني ياترين جو سنتن سان گڏ اُپيننڊن ۽ رات جي رسوئيءَ جو پروگرام ڪيو ۽ آسيس ورتي ۽ سيني آيل سنتن پڻ سيني کي آسيس ڪئي.

★★★★★

سنت شري شادارام صاحب
سنت شري گوبندرام صاحب

ڳوٺ حيات پتافي شڪارپور ضلع سنڌ ۾ وڏي شاداڻي دربار آهي. سنت شادارام جن جو جنم ملتان شهر ۾ ٿيو هو، ملتان هن وقت پاڪستان جو سرحدي صوبو آهي ۽ ڪنهن وقت پاڪستان جي سنڌ جي سيما هئو.

سنت شادارام ۽ سنت بنارام ٻئي ڀائر هئا ۽ ٻئي سنت مهاپرش ٿي گذريا آهن، ٻنهي پنهنجي نموني رام نام جپائي ۽ رٽن ڪندا اچي ماٿيليءَ پهتا ۽ سائينءَ جي مهما ۽ ستسنگ ڪري رام نام جو سمرن ڪرائيندا ۽ ڌرم جو پرچار ڪندا هئا. تنهن ڪانپوءِ سنت شادارام صاحب پوءِ ماٿيليءَ مان اچي حيات پتافيءَ دربار صاحب برپا ڪئي ۽ روحاني روشنيءَ جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ ستسنگ ڪري سنگت جو مارگ درشن ڪندا هئا، سائين شادارام صاحبن کي شِوَ روپ ڪري يعني اوتار ڪري مڃڻ لڳا، اڄ به شاداڻي دربار جي پاڪستان ۾ اُتي ڏڪايل ڏوڻي قائم آهي، اُن جي ورتائڻ يا بدن تي لڳائڻ سان ڏک دور ٿيندا آهن ۽ من جي مُراد پوري ٿيندي آهي.

هو گرو گرنٿ صاحب جي گرباڻيءَ جا ڪافي گياتا هئا ۽ سنگت کي مٺي آواز ۾ اُچار ڪري ارٿ سميت سولي نموني سمجهاڻي ڏيندا هئا.

سنت نه ڄاڻي ڄاڻٿهار ٿيندا آهن، سندن جو هڪ پريمي سِکُ شري تلسيداس سنت جي ڪافي ويجهو هوندو هئو ۽ گهڻي نمرتا سان سائينءَ جي شيوا ڪندو هو، تنهن جي من جون مُرادون پوريون ڪري پتر سنتان بخشي ۽ مَتاروند مان آسيس ڪئي نه تون ۽ تنهن جو پٽ ٻئي سنت ٿيندو، ۽

ٻيا ٻہ ڪيترا سڪرتَ جا ڪاريہ ڪري ويا.

پاڻ ڪيترين ڪرامتون پڻ ڏيکاريائون پر راز راز ئي رهي. اهڙي نموني ڪيترن جا عرض اُگهايائون، ڏکين کي ڏک کان ڇوٽڪارو ڏياريائون ۽ ڪارج راس ڪيائون ۽ آخر هي سنساري ياترا يعني سفر ١٨ آڪٽوبر ١٩٧٧ع جي پوري ڪير هزارن ماڻهن کي روئندو ڇڏي وڃي سائينءَ سان ملي جوتي جوت سمايا.

اڄ ٻہ سندن ڪاريہ چالو آهن جتي دين ڏکين جي پر گهور لڏي ويندي آهي.

اهڙن ست پُرشن جا ميلا لڳندا ئي رهندا، جيڪو آيو آهي، اُن کي هڪ ڏينهن هيءَ ياترا پوري ڪرڻي ئي آهي.

جئن گيتا ۾ لکيل آهي تہ پريورتن ئي سميہ جو ٻيو روپ يعني نيم آهي.

★★★★★

سنت بابا هرداسرام صاحب
(جلگانوَ وارا)

سنت تہ هميشہ امر آهن، اُنهن جي ٻڌايل راھ هميشہ منشہ ذات جي راھ روشن ڪندي رهندي آهي.

سنت تہ سادگيءَ جي ۽ فقيريءَ جا ٻيا روپ آهن جن وٽ گرو مَهما ۽ مَهرَ ساڻ هوندي آهي، اهڙن سنتن مان بابا هرداسرام صاحب پڻ هڪ هئا.

سندن جنم هالاڻي بيلاڻي ضلع نوابشاه ۾ ٿيو هو، هو سائين وسڻ گهوٽ، ڀڳت ڪنور رام صاحب ۽ سائين سڪرامداس جن کي ڪافي مڃيندا هئا ۽ سائين چانڊورام صاحب (گهوٽڪيءَ جا سنت) جي درٻار جي شيوا ڪندا هئا.

هو ڀهرين امراوتيءَ ۽ پوءِ جلگانوَ ۾ اچي استان ٺاهي ويٺا، هو برهمچاري هئا ۽ هڪ وڏو اڇو چوڳو پائيندا هئا. هميشہ پيا دين دُکين جي شيوا ڪن ۽ پرڀوءَ جي بندگي ڪن، سندن اکين ۾ هميشہ لالائي هوندي هئي ۽ سائين نام جو خمار هوندو هو ۽ ٻيواهن اپنگن جي شيوا ڪندا رهندا هئا، سندن تي شري بابا گرو نانڪ ديوَ صاحبن ۽ سنت ڀڳت ڪنوررام صاحبن جو ڪافي گهِرو اثر هئو يعني رهڻي ڪرڻيءَ تي پرڀاءُ هو. سائينءَ جي نام جپڻ جپائڻ ڪانسواءِ سماج سُڌار جو فرض بہ نڀاياڻون. ٻڌا آشرم، اسپتال، ڌرمشالا ۽

تي ڀڳت ڪنوررام صاحب ڪوٽ منڻ ۾ ڀڳت وڏي، قدرتي اُن پروگرام ۾ گوئندرام صاحب وڏا سنت جيڪي هئا ۽ اُهي ملتاني يعني بهالپوري هئا، اُهي ٻالڪ گوئند کي ساڻ وٺي ويا ۽ پوءِ سندن کي ساڻ وٺي اُنهن کي پتافين ۾ وٺي آيا، ٻالڪ شيوا ۾ لڳي ويو ۽ سندس آواز ۾ به ميٺاج هئو، پوءِ اُتان جي ڀڳت راما رام جن ساڻ ڪنين ۽ ڪجهه ٽائيم اُن سان رهيا، پوءِ اُهو ڀڳت رامارام وري ڪنڌ ڪوٽ هليو ويو ۽ ٻالڪ سائين گوئندرام جن گوئنسپور ڳوٺ ويا. ڪڇ ٽائيم اُتي رهي پوءِ رهڙڪيءَ صاحب آيا، اُتي سائين هرداسرام صاحب جي سنگت ۾ آيا، هڪ وڏي عمر جو ۽ هڪ ننڍي عمر جو اُن وقت سائين گوئندرام جن اٽڪل ١٣-١٤ سالن جا هئا (سنت هرداسرام جلگانوَ وارا سنت) اُنهن جي عمر اُن وقت ٣٥-٤٠ سال هئي. اُن کانپوءِ گوئندرام جن گهوٽڪيءَ ۾ آيا ۽ اُتي سائين چاندورام جي دربار جا انچارج پهلاجرام صاحب هئا، اُنهن هن ٻالڪ کي رهائڻ جي اچا گهٽ ڏيکاري پر ٻالڪ لاءِ ته پريوءِ ٻيو ڪجهه سوچيو هو، هو اُتي ٻاهر ٿلهي تي سُمهي پيو ۽ سويل صبح جو اُٿي پوري دربار ۽ ورانڊي وغيره جي صفائي ڪري صاف سٿرو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ به سنان پاڻي ڪري ٻين شيوا ڪارين ۾ لڳي ويو، اُتي سائين ٻهرورام جن پڻ هئا جن سائين پهلاجرام کي عرض ڪيو ته شيواڌاري ٻالڪ کي موڪل ڏيو ته هتي ئي رهي ۽ پوءِ ٻالڪ گوئند اُتي رهڻ لڳو پر سائين پهلاجرام جي مرضي گهٽ هئي، ٻهرورام جن ٻاهر ويا هئا، آيا ته سائين پهلاجرام ٻڌاين ته هي ته ٻالڪ نه پر مردن جو به مرد آهي، تنهن کانپوءِ هو جهجهو عرصو اُتي رهيا ۽ شيوا ڪندا رهيا ۽ ڀڳت پاءِ به ڪرڻ لڳا ۽ هو هميشه لاتما ۽ نرموهي هوندا هئا.

جيڪي به ڀڳت ۾ ملندو هون، اُهو شُڪرت جي ڪمن ۽ غريب غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا ۽ اناج وغيره دربار صاحب ۾ ڏيندا هئا يا ڪپڙو لٽو ملين ته اُهو به اُتي اچي



سنت سائين گوئندرام صاحب
(سائين چانڊورام دربار،
ناگپور وارا سنت)

سائين گوئندرام لوچارام جن جو جنم ۱۹۲۷ع ۾ پاڪستان جي مٺڙ ڪوٽ تحصيل ڀنگر گانو ۾ ٿيو. سندن جي پتا صاحب جو ڏنڏو گيهه مٺڙ جو هوندو هو ۽ سائين گوئندرام جن پاڻ ۾ ٽي ڀائر هوندا هئا، هڪ نارومل، (ٻئي جو نالو بروبر ڪونه مليو آهي).

۱۰ ورهين جي عمر ۾ سندن پاراٿو سپاهي هوندو هو ۽ پيا رانديون رونديون ڪندا هئا ۽ ڪاڏي ڀيتي جا شونقين هوندا هئا.

هڪ دفعو گهر ۾ ڀاڄي رڌائون نه وڏي ڀاڄائيءَ سندن کي ننڍو ڪٽورو ڀاڄي پائي ڏني ۽ پنهنجي خانود لاءِ وڏو ڪٽورو پائي رکيو، اُن تي هٺ ڪيائون، ڀاڄائيءَ سان نه مونکي وڏو ڪٽرو کپي، تنهن تي ڀاڄائيءَ تعنو هڻي چيين نه ڇا ڪمايو اٿئي، اُن تي سندن کي ڏاڍو دِل تي ڏک ٿيو ۽ اُتان هنن کي وئراڳ لڳو، ننڍي عمر ۾ ئي هو ڇڏ وئراڳ ورتيءَ وارا ٿي پيا، اُن وقت ڀڳت ڪنوررام صاحبن جا رڪارڊ هلندا هئا، اُن جو ڪافي اثر سندن تي پيو ... ’نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو ....‘ ۽ ’پلوَ لڳيان داون لڳيان ...‘ پڇنن جو اثر ٿيو ۽ پيا هميشه ياد ڪندا رهندا هئا. اُن ٽائيم

ڪاري اچ به چالو آهن.

جيري پنڪا ۾ دربار ۾ روز اٽڪل ٥٠ ماڻهن جي روٽي ٻئي وقت ۽ چانهه اٽڪل ١٠٠ ماڻهن جي ٻئي وقت نهندي آهي ۽ ٽرسٽ ٺهيل آهي جنهن جا روح رواڻ ۽ سنڀاليندڙ سائين ڀلاجرام قيمترام ڏنگرا آهن.

سائينءَ جي نالي هڪ ڌرمشالا ٻڙودي ۾ آهي ۽ هڪ سائين سترامداس ڌرمشالا سهڻي ڪشادي جيري پنڪا ۾ ٺهيل آهي ۽ سائين گوئندرام جي سماڌي پڻ اُتي ٺهيل آهي.

سنتن جا نظارا به جام ته ڪرامتون به جام، سنت جنهن کي گڏجي، ڀيو ڪلندو ۽ پاڪر پائي گڏجي ۽ ڀيو پيار ڪري، سندن جي پاڪر پائڻ سان ائين لڳندو هو ڄڻ پنهنجي ڪنهن پياري يا ماتا پتا جي پاڪر جي ياد اچي وڃي ۽ ماڻهو لرزش ۾ اچي وڃي، اهڙو ته قرب هوندو هون (مونکي شخصي ڄاڻ آهي جو مان ڊاڪٽر سياش سوني اُتي پنهنجي پيڻ وٽ رهندو هوس ۽ ڪجهه ٽائيم نه پر اٽڪل ٦-٧ سال ۽ ڪڏهن ڪڏهن مونکي ملاقات جو موقعو ملندو هو ته ويندو هوس ته پاڪر پائي پاڻ سان گڏ سنڌُل تي ويهاريندا هئا ۽ چوندا هئا ته پٽ سنتن جي اولاد آهين، اسان سان گڏ ويهه، ايترو قرب هوندو هون)


سائين ڀلاجرام ڏنگرا جن هاڻي ناگپور وڃڻ تي ٻڌايو ته هڪ دفعو مان يعني سنت ڀلاجرام ڏنگرا سائين گوئندرام جن کي چئي موڪل ورتي ته سائين مان وڃي ماتا پتا کي وٺي اچان ته چياٿون پٽ اُهي ڪونه ايندءِ، اجايو ٿو وڃين، وڏيڪ تنهنجي مرضي، مان ويس، گهڻو ئي چيومان، پر ڪونه آيا ۽ لاچار مان اڪيلو موٽي آيس، اهڙي ته سندن وچن ۾ شڪتي هئي.

هڪ دفعو دربار جي کوه جي پاڻي ڇڪڻ جي مشين خراب ٿي پئي، برسات جا ڏينهن هئا، کوهه ڀرجي وڃڻ ڪري شايد مشين سڙي

ڏيندا هئا ۽ پاڻ اهي ئي غريب نواز ٿي رهندا هئا ۽ شبوا کندا رهندا هئا.

تنهن کانپوءِ ورهاڱي کانپوءِ ترين ۾ به اچڻ وقت وندي ورهائي پوءِ پاڻ کائيندا هئا. گاڏيءَ ۾ ورهائڻ کري کجهه مسلمانن سنت ٻبلارام کي ۽ سائينءَ کي کجهه گهٽ وڌ به ڳالهايو پر انهن کي سمجهائي شانت کيو ويو.

تنهن کانپوءِ سائين پيسورام ۽ سائين هرداسرام امراوتيءَ ۾ رهيا ۽ سائين ڀهرورام ۽ گوئندرام جن ناگپور ۾ اچي رهيا. ناگپور جبري پٽڪا ۾ سائين چانڊورام درٻار کچي ٺهرائي اچي رهيا ۽ اها ئي کرٽي چالو رکي ۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رچي راس ٿيا. سائين چانڊورام صاحب گهوٽکيءَ وارا سنت، تنهن کانپوءِ سائين کلورام، ڀائي ڀهلاجرام، ڀائي ڀهرورام صاحبن کانپوءِ سائين گوئندرام صاحب جيکي سائين ستراموداس، سنت پيٽ کنوررام ۽ سائين چانڊورام ۽ ان جي ٻين سنتن جي سنگ ۾ ٻالپڻي کان رهيا هئا. اهي درٻار صاحب سنڀالڻ لڳا. جبري پٽڪا کالوني، ناگپور ۾ ۽ پيا موج مچائن ۽ رام نام جپائن ۽ شبوا کاريہ کن، پوءِ ته جڏهن سائينءَ جي سندن ۾ جوت اچي ويئي، کچي درٻار هوندي به هوميوپيٿڪ دواخانو کولايائون، ڊاڪٽر ڪشنچند مسند جي صلاح سان، جيکو پوءِ ڊاڪٽر ٽلواڻيءَ سنڀاليو ۽ پوءِ هڪ شري گرو نانڪ ديو منڊل ٺاهيائون جنهن جو سيڪريٽري دادا لڇيرام لهرواڻي هئو. ان ۾ کاريہ چالو ٿيو. جئن ته دواخانو، ناري شالا ۽ سولين قسطن تي سلائي مشينيون، سائيکليون، سوڙيون کنبل ڏيندا هئا. بنا کنهن وياج وٺڻ جي، بنا سوارٿ جي، تنهن کانپوءِ به پلاٽ اتي ئي خريد کري سهڻي درٻار صاحب جو پايو وڌائون، جيکا هاڻي وڏي وڻ ٿي آهي. ڌرمي کارين کانسواءِ ساماجک پنگتي کاريہ پڻ ٿي رهيا آهن ۽ پنڊارو به چالو آهي ۽ ان کيتر، ٻارن کي يونيفارم، هوميوپيٿک ۽ ايلوپيٿک دواخانا ٿوري خرچ سان اهڙا سنا



سنت سائين پريارام صاحب

سنت جو جنم [illegible] ڳوٺ جي [illegible] رياست ۾ صديءَ جي شروع ۾ ٿيو هو.

سندن پتا صاحب خوشيرام ڇڇريا ۽ ماتا جو نالو سونتي بائي هو. ننڍپڻ ۾ ئي هو گرمتي بولي سکي ويا هئا ۽ ڪافي سُنو اُپياس هئن، هو شانت چت ۽ سنسنگ ۽ شيوا ۾ گهڻو وقت گذاريندا هئا. اسان سنڌي جاتي لعل سائينءَ کي گهڻو مڃيندا آهيون، اُنڪري هر هنڌ هند ۽ سنڌ ۾ به رواج هو ته گهڻا ئي ماڻهو پاڻيءَ جا مٽ ڀري رکندا هئا جئن تکل اُجايل اُتي ببهي ۽ پنهنجي پياس مٽائي. بائي پريارام جن به ائين ڪندا هئا ۽ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهندا هئا.

جئن وڏا ٿيا ته ڪامل گروءَ جي روپ ۾ سنت بائي واسورام مليس، جو سنتن وٽ پيرين پنڌ ويندا هئا ۽ صبح جو اُتان موٽندا هئا، گهرو سختين ڪانپوءِ به پيرو يعني وڃڻ ڪونه ڇڏيائون.


گرهست آشرم جو پالن ڪندي به نام پيا جپيندا هئا.

ويئي هئي، شيوارام نلڪن وارو دربار ايندو هئو، چيائون ته اُن ڪي وٺي اچو، اُهو آيو، چيائين، ڏسي ته ٣-۴ ڏينهن لڳندا نهڻ ۾، برسات زور آهي، پر سائين گوئندرام جن چيس ته اَڄ ئي ٺاهي لڳائي دربار ۾، نه ته تڪليف ٿيندي، آخر ڪجهه ماڻهن ڪي چيائون ته موٽر ٻاهر ڪڍو ۽ ٻاٽلين سان ڪوه ٽورو خالي ڪيو، اُن وچ ۾ شيوارام نلڪن واري دِل ۾ چيو ته منجهند جو ٽائيم آهي، جيڪر نڪتي ۽ پلاءُ دال چٽن جي جيڪر کاوان، اجان من ۾ چيائين ۽ سوچي پيو ته ڪٿان دربار ۾ شادي ۽ جي روٽي آئي ۽ اهي سڀ شيون اُن ۾ هيون. سنت شيواڏارين کي چيو ته شيوارام کي کارايو، پوءِ جلد ڪم ٿيندو، جيڪي سندس من ۾ هئو، اُهو سنت سندس کي کارايو، اهڙا ته چمتڪاري هئا ۽ اها مشين به ڪوه مان نڪتي ته معمولي ڪم هئو ۽ شام تائين اُها به نهي لڳي ويئي. اهڙي ته سنت جي وچن جي سائين لاڄ رکندو هو، اُهو شيوارام سرڪاري نوڪري ڪندو هو ۽ نوڪريءَ تي ويٺو هو پر وڃي ڪونه سگهيو، آفيسر آيو ته ڪم بروبر هئو ۽ سندس واڌارو پڻ ڪري ويو. اهڙي نموني ٻي ڏينهن تي سنت ڪي اچي پڌايائين ته سنت چيس ته اها ڳالهه راز رکه، جڏهن سنت جو ديولوڪ پڌارجڻ ٿيو، نه اُها ڳالهه ظاهر ٿي، اهڙا ته سنت جا ڪم هئا.

هن وقت سنتن جا ڀنڊارا ڪاريه هلي رهيا آهن، سندن جي دربار صاحب ۾ ميلا لڳندا رهن ٿا. سنت جي برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ جنتا اُتان جي جيري پٽڪا ڪالونيءَ کي سائين گوئندرام ڪالوني ڪري چوندي آهي. اهڙي ننڍي ٻالڪ گوئند مان سنتن جي سنگه ۾ رهي تري پيو ساگر مان پار ٿي سنا ڪاريه، شيوا ڪري سنت گوئندرام سائين چاندورام صاحب وڏي دربار جا سنت ٿي گذريا آهن، سندن کي اڄ به وساري ڪونه ٿو سگهجي.

اهڙي ته سچ جي ڪمائي ڪري ويا ۽ امر ٿي ويا.

★★★★★



ڀائي مُرليڌر ٻڌررام جگياسي
(گانڌينگر - ڪولهاپور)

سنت شرومڻي بابا نولرام صاحب اصل سنڌ ۾ سڄاول ڳوٺ جا رهندڙ هئا ۽ وڏا برهمگياني سنت هوندا هئا، پيا سيني کي رام نام جو ستسنگ ٻڌائي ڪرتارٿ ڪندا هئا ۽ پوءِ وري سڄاول کانپوءِ شهداد ڪوٽ ۾ اچي دربار کوليائون ۽ موج مچايائون. تنهن کانپوءِ سنڌن جي گديءَ تي ڀائي سيتلداس صاحب ۽ تنهن کانپوءِ ڀائي صاحب سيبرورام جن وينا جن پڻ ڪافي ڌرم جو پرچار ڪيو ۽ ستسنگ ڪري رام نام جپي ۽ جپائي ڪافي ماڻهن کي صحي راه ڏيکاري ۽ ڪرامتون ڏيکاري نالو ڪمائي ويا.

هتي انڊور ۾ ڀائي امرداس صاحب گديءَ تي وينا، جيڪا هاڻي سنڌن جي شش ماتا سرسوتي ديوي سنڀاليندي آهي ۽ احمدآباد ۾ ڊاڪٽر نانڪرام جگياسي جن سنڀاليندا آهن، ڪولهاپور ۾ وري بابا ٻڌررام جگياسي صاحبن دربار کولي، جيڪي انڪل ٦٠-٦١ سالن جي عمر ۾ برهملين ٿيا. هو ستسنگ ۽ گروءَ جي واڻيءَ ۾ نپڻ هئا، ڪيترن جا گهر ناهيائون ۽ آسيس ڪري ويا جو اڄ بہ سنڌن جي آس پاس جي شهرن ۾ ڪافي ناماچار آهي.

بابا ٻڌررام سيبرورام جگياسي جن جا وديا گُرو بابا بسنترام صاحب هئا جن جي دربار اُلهاسنگر-٢ ۾ ڀائي بسنترام جي

ٿورن سالن ۾ سندن ڌرمپتني ۽ پٽ پڻ چالاڻو ڪيو ته جڻ هو ڏنيوي سنسار کان مُڪت ٿي ويا. پوءِ به هو مالڪ جي مستيءَ جي خمار ۾ مهو ٿي ويا ۽ سندن جي وئراڳ ورتيءَ ۾ لين ٿي ويا ۽ مڙهيءَ ۾ سنت بودارام وٽ وڃي رهيا ۽ شيوا ڪندا رهيا. (سنت بودارام سندن پرڏاڏو هو)

هو هڪ لڪل لعل هئا، جيڪي پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ مهو هئا ۽ غريب غربن، سنت مهاتمائن جي شيوا ڪندا رهندا هئا ۽ هو شانت چت هوندا هئا. ڪرامتي پُرش هوندي به ڪڏهن وڏائيءَ جو نالو نشان ڪونه هون، سندن جون ڪيتريون ڪرامت جون ڳالهيون ۽ گهٽنائون اهن، لکڻ لاءِ قلم هلندو نه ڳالهيون ۽ ڪٿائون کُٽنديون ڪونه.

سندن ۾ سهنشيلتا ۽ آتمڪ گيان ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هو. اڄ سنڌونگر ۾ پڻ سندن اسٿان آهي، جيڪو ياڻي پريارام مندر نالي مشهور آهي، پنجين نمبر ۾ ۽ اهو مندر شيواڌاري شيوا ڪندا آهن، هر سال اُتي ميلو لڳندو آهي ۽ مالپڙن جو ڀنڊارو پڻ ٿيندو آهي. ديال واڌوا پڻ اُنهن شيواڌارين مان هڪ آهي.

سنتن جو ڪيو اڄايو ڪونه ويندو آهي، سنت ڪي مهما سنت ئي جاڻي، اها چوڻي سچي ثابت ٿي ٿئي.

★★★★★



گوسوامي چيتن بن

بڌڻ ۾ ۽ پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته گوسوامي چيتن بن جا وڏا سنت غئبي نموني پيدا ٿيا ۽ غئبي نموني ڪاڏي ويا، ڪٿي به اهڙو ذڪر ڪونه ٿو ملي، پر ٿوري ۾ چوندا آهن ته اصل شڪارپور ۾ مندر جي ٻاهران هڪ وڏي ٻير هوندي هئي، اُن ٻير ۾ سنت وينو هو ۽ آواز ڪيائين ته مان هتي وينو آهيان ۽ پوءِ جنهن کي ڪو ڏک هوندو هو ته سنت کي پڪاريندو هو ته اُن جو ڏک دور ٿي ويندو هو.

ننڍي هوندي گوسوامي چيتن بن جو نالو اندرلعل هئو ۽ هڪ دفعي بخار ٿين ته سندن ماتا اُن سنت وٽ کڻي ويئي ۽ اُن سنت جي مهر سان بخار لهي وين ۽ تندرست ٿي پيا، اُن سنت ئي سندن جو نالو گوسوامي چيتن بن رکيو ۽ ماتا کي چيائون ته هي ٻالڪ اڄ کان اسان جو آهي ۽ هن کي چيتن بن ڪري سڏجو.

اُنهن سِڌ پرش سنت جو نالو سنت نمرت بن مهراج هئو، پهرين به اُنهن جا ٻه چيلا هرداور ۾ هئا، هڪ جو نالو ديوي بن هو ٻي جو نالو گٽبيش بن هئو ۽ سنڌ ۾ به ٻه چيلا هئا شڪوبن ۽ لعل بن.

سنت جي مهما اپرم پار هئي، اُن جو مثال ڀڳت گوئندرام (ننڍو ڪنڌرن وارا) ۽ ڀڳت پورنداس ڪُڪريجا ٻڌائيندا هئا

نالي مشهور آهي.

هن وقت ڀائي ٻڌررام صاحب جي گديءَ تي سندن ٻيون نمبر پٽ ڀائي مرليڌر ويٺل آهي. اُنهن کي ٻہ ننڍي هوندي کان ئي سندن پرورش ڌرمي خيالن جي ڪٽنب هيٺ ڪري ۽ سندس جي وڏي ڀيڻ نرملا هاڻي چندران ديويءَ ۽ ڀيٽوئيءَ ڀائي ڊاڪٽر سپاش (سوني) بابا تلسيداس اُداسيءَ جي ديکہ ريکہ ۾ ٿي، هاڻي هو گانڌينگر ڪولهاپور ۾ 'سچکنڊ دربار' جيڪا ڀائي ٻڌررام دربار سان پڻ مشهور آهي، اُها سنڀاليندا آهن، سندن ماتا صاحب پشپا ديوي پڻ ڌرمشت ۽ گروءَ جي پورن ڀڳت آهي ۽ سندن ۾ بہ اُتان جي ماڻهن جو ڪافي صدق آهي. هو پنهنجي ڪٽنب جي پالنا لاءِ ڪپڙي جو واپار ڪندا آهن جو بابا ٻڌررام صاحب شروع کان دُڪان ورتو هو، جو اڄ وڏي وڌو وڻ ٿيو آهي ۽ هڪ جي ٻدران ٻارن محنت ڪري اُن ڪاروبار کي وڌايو آهي ۽ وڏن جي پرمپرا قائم رکي وينا آهن، سندن يعني بابا ٻڌررام جن کي چار پٽ ۽ ٽي ڌيئر هيون. ڌيئر سڀ سنتاڻن گهرن ۾ شادي ڪيل آهن ۽ چار پٽ ڀائي شنڪرلعل، ڀائي مرليڌر (جيڪو هن وقت گاديءَ تي ويٺل آهي)، گوبندرام ۽ اُمرلعل (ڪشور لعل)، سڀ پنهنجي پتا صاحب جي ٻڌايل راه تي هلي وڏن جو نالو پڻ قائم رکي وينا آهن ۽ دربار صاحب بہ سٺي نموني هلائي رهيا آهن ۽ ميلا پڻ لڳائيندا رهندا آهن ۽ گهرو پالنا لاءِ ڪپڙي جا وڏا واپار پڻ اٿن ۽ آس پاس جي شهرن ۾ سندن ڪافي پريمي آهن ۽ رام نام ستسنگہ ڪري وڏن جي ڪرڻيءَ کي اڳتي وڌائي ناماچار وڌائي رهيا آهن.

ائڊريس : ڀائي ٻڌررام جگياسي، سچکنڊ دربار، بئرڪ-١٢، روم-٢، گانڌينگر، ڪولهاپور.


فون : (گهر)-٦١٠٧٤٢، (دڪان)-٦١٠٧٤٣

★★★★

شل سيني ڳُڻن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
سيني مٿان رهندي اچي




سرڳواسي شري پارولعل رامرکياڻي
شيوا ۾ : سندس ڪٽنب پريوار.
گُرونانڪ مٽيريل سپلائر، سنڌونگر-۴.



سرڳواسي ڪاڪو سيٺ آتمچند آهوجا
شيوا ۾ : آهوجا فئملي،
سيڪشن-۲٦، سنڌونگر-۴.



سرڳواسي سيٺ موتيرام بولچند
پنجابي (ريلوي وارو)
شيوا ۾ : اشوڪلعل موتيرام پنجابي
سيڪشن ۳۰-بي، سنڌونگر-۴.



سرڳواسي
شري راڌاڪشنلعل لعلسنگهاڻي
شيوا ۾ : سُريشلعل
M.S. ART, Bk. 1585/3,
Sec-27, Sindhunagar-4.
Phone : 531431

نہ ڪيئن نہ سنتن ڏاڍي درياني مل کي ڪاٺي بڌل تان أتاريو، أن ڪانپوءِ بہ هو اٽڪل ٢٠ سال حيات هئا.

أن ڪانپوءِ ڪشن بن ۽ ڪرتار بن بہ چيلا هئا، جنهن مان ڪرتار بن جا بہ پٽ آهن، هڪ چيتن بن، ٻيو گڻيش بن آهن.

ڪرتار بن ۽ سندن ڌرم پتنيءَ کي ڪبير ۽ لوئي ڪري سڀ چوندا هئا جو هميشه سندن فقيرين جي شيوا ۾ هوندا هئا ۽ پنڊارو چالو هوندو هون ۽ ديويءَ جا أپاسڪ هوندا هئا، جبلپور ۾ رهندا هئا، ورهاڱي ڪانپوءِ هتي بہ سندن جو نالو ڪافي ڪرامتي ڪري ليکيو ويندو آهي.

سنتن پنهنجو انتڪال ويجهو ڏسي سڀ شيوڪن کي بڌايو ۽ اسنان ڪري سيني ڪان موڪلائي سماڌي ورتي.


سيني سان منو ورتائ، دين ڏکين جي سار سنڀال پنهنجي وتَ آهر هرهڪ جي مدد ڪرڻ جا أنيڪ مثال آهن.


هن وقت گوسوامي چيتن بن أنهن جي سَيا جو پالن ڪري شيوا ڪاريہ ۾ مائل آهن ۽ هو پڻ ڪافي منتر وديا جا ماهر آهن ۽ پڻ اکل ڀارتيہ سنڌي ساڌو سماج سان جُڙيل آهن.

ائڊريس : گوسوامي چيتن بن، شڪتي ڀون، مڪان نمبر-١٤٧، دوارڪا نگر، جبلپور (ايم.پي.)- ٤٨٢٠٠١

★★★★★

ڀائي جئرامداس جگياسي ۽ ڀائي امرلعل جگياسي





ڀائي جئرامداس جگياسي   ڀائي امرلعل جگياسي

هي سنت اصل ڪراچي ضلع جي سجاول شهر جا وينل هئا، سندن وڏا سنت سوامي نيڻ ساگر، سوامي وچن گري، سوامي شامداس، سوامي هنسارام، سوامي هريرام، سوامي گنگارام، سوامي پريمداس، سوامي ويرسبيرام، سوامي وشنداس، سوامي جهامنداس، سوامي مولرام جن هئا.

سنڌ ڪراچيءَ ۾ سوامي وير سبيرام صاحب نالي سان دربار مشهور هئي، هن وقت ڀ ڪافي خرچ ڪري اُتان جي پريمين اُتي جي دربار ٺهرائي آهي. هن وقت سوامي جئرامداس جن گديءَ تي وينل آهن ۽ راجڪوٽ ۾ استان اٿن ۽ ڪافي ورڌ اوستان اٿن، سندن ٻيو نمبر پٽ ڀائي امرلعل آهي ۽ ڪم ڪار سنڀاليندا آهن. اُنهن جو وڏو پٽ ڀائي سنتوش ڪمار دربار سنڀاليندا آهن. سوامي جن جا اٽڪل ١٠ ڪن ڪتاب لکيل آهن ۽ هڪ هندي، هڪ گجراتيءَ



سوامي شامداس رشي رامديال

رشين منين جو تپو وَن سپاڳي سنڌ جي حيدرآباد ضلع ۾ پٽ شاه جي پرسان سئيد اجن شاه جو ڳوٺ هئو. هتان جا رهندڙ هندو توڙي مسلمان ڌرمي خيالات وارا هوندا هئا، سئد اجن شاه جي ڏوٽي جا درويش تياڳي، تپسوي ۽ نرموهي سڀاءَ جا سنتڻ هوندا هئا، سندن اُپديش ۾ هميشه آڌياتمڪ جهلڪ ملندي هئي ۽ پچنن ۾ بہ رَسُ سمايل هوندو هئن.

’موج ڪريو ملي موج ڪريو، درويش سان موج ڪريو،
ڳايو وڄايو رام رجهايو، پريم پيالو ڀري پيئو.‘

دنيا داريءَ جي جهنجهٽ کان پري سنگت کي شڪشا ڏئي سمجهائيندا هئا تہ -

’جلن پڇڻ آهي جهاني، تنهن ۾ ڇوٽا جيئہ جوڙيو‘

ورهاڱي کانپوءِ ٢٠ پيڙهيءَ جا مهنت سنگرو آتمداس جيڪي سادگيءَ صبُر جي مورت هئا، تن اجمير ۾ اچي دربار استاپن ڪئي ۽ اُنهن جي برهملين ٿيڻ کانپوءِ رشي رامديال صاحب ٢١ پيڙهيءَ جا مهنت بڻيا.

۾، سندن جي هڪ ٣١ سُرن جي هڪ راڳ مالا پڻ ڇپيل آهي ۽ هڪ ڪتاب ڇپجي رهيو آهي.


هي سنت اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا پهريان گجرات جا. سيڪريٽري ڪيا ويا ۽ ٻي سميلن ۾ وائيس پريزيڊنٽ ٿيا، هن وقت سندن ٻيون نمبر پٽ ڀائي امرلعل گجرات جي سنڌي ساڌو سماج جا وائيس پريزيڊنٽ آهن.

هو گائڻ وديا ۾ پڻ نپڻ آهن، سنت هن وقت ٧٥ سالن کن جا آهن، هن عمر ۾ ٻه هٿ سان گوسوامي تلسيداس جو سڄو رامائڻ هٿ سان لکيو اٿائون.

سندن مقصد آهي جا جيئان اوسنائين ڪجهه ڪندو رهان، ڪم ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ رام نام پيا جپائي جس کٽن.

ائڊريس : سچکنڊ دربار، رام ناٿ پورا چونڪ، راجڪوٽ - ٣٦٠٠٠١

★★★★★



برهملين سوامي
ڪمياداس اُداسين

(ڀائي پريتمداس ڪِمياداس اُداسين)

سوامي ڪمياداس اُداسين لاڙڪاڻي ضلع جا هئا، سندن نالو ٻالپڻ ۾ ٽيڪمداس نچٽمل ٺڏاڻي هئو، ننڍپڻ کان ئي سندن لاڙو سنتن درويشن ۾ هوندو هو، جنهنڪري سندن پتا صاحب سندن کي قنبر واري دربار - بابا سمنڪرداس بابا منوهرداس اُداسين کي سونپي ڏنو، باباجن هن ٻالڪ ۾ مٽيا ڏسي کين سنڌي، گرمکي ٻولي، گرٻاڻي ۽ سنگيت وديا ۾ نِپُڻُ ڪيو ۽ آشيرواد ڏئي گرمنتر ڏنو ۽ سندن کي ڀيکہ ڏئي سندن نالو ڪمياداس رکيو، جيڪو نالو سندن کي ٻخشيائون، اُن نالي جي پوري پالنا سوامي ڪمياداس جن ڪئي جو هو هميشه پاڻ کي داس ڪري سمجهندا هئا ۽ ڪميا جو گهر هئا ۽ سناتن ڌرم ۾ اڳرا رهندا هئا ۽ اُداسين آچاريہ جڳت گرو شري سريچندر ڀڳوان جي آراڌنا ڪندا رهندا هئا، سندن کي بابا جن جي ماترا صاحب برزبان ياد هوندي هئي، هو نرمل دِل جا هوندا هئا ۽ سُٺا ودوان ۽ ڪوي پڻ هوندا هئا. بابا سنمڪداس جن هتي اُلهاسنگر ۾ منوهر پون دربار صاحب

هو ننڍي هوندي کان ئي لاتما ۾ فقير تبيعت جا هوندا هئا ۽ اُنهن ۾ به وڏن ڳرن جو ڇڻ ساڳيو نور سمايل هئو. ڪنهن ديوي شڪتيءَ جي چمتڪار سان مدن گنج، ڪشن ڳڙه راجسٿان جي سنگت جي پيار اثر ڪري رشي رامديال جن هڪ ايڪانت واري پٿريلي زمين کي پنهنجو تپو يومي بڻائي جهنگل ۾ منگل ڪري ڇڏيو.


اهو هنڌ وسندو ويو، سنگت وسندي ويئي ۽ اُن کي ٻالڪ ڌام ڪري پرسڌي ملي ۽ ستسنگ ڪيرتن گونججڻ لڳو، پر سائينءَ کي ٻيو ڪجهه منظور هئو، سنت ٨ جون ١٩٨١ تي برهملين ٿيا ۽ هن وقت سندن گديءَ تي سنت سوامي شامداس جن آهن. سنتن جا پنڌار ۽ دُعائون پريون پيون آهن، ڪو ڀاڳن وارو کٽي ڪٽي.

هو پڻ اکل ڀارتيه سنڌي ساڌو سماج سان جُڙيل آهن.

ائڊريس : سوامي شامداس رشي رامديال، ٻالڪ ڌام، شري سريچندر ڪالوني، مدن گنج، ڪشن ڳڙه (راجسٿان)-٣٠٥٨٠١

فون نمبر : ٤٤٤٦٥ (٠١٤٦٣)

★★★★★



سوامي رام پرڪاش اُداسين
(ڀائي گرداسرام رنگيراماڻي)

پوڄنيه شريمان ۱۰۸ سوامي آتمپرڪاش مهراج اُداسين پير ڳوٺ جي وڏي دربار جا شري مهنت ٿي گذريا آهن. اُنهن جا گرديوَ سوامي هرپرڪاش، سوامي ڏياندا‍س صاحب، سوامي مهربخش صاحب، سوامي ديا بخش صاحب، سوامي سنت بخش صاحب، سوامي شامداس صاحب ۽ سوامي رنگيرام صاحب ٿي گذريا آهن. اُن گاديءَ تي اٺين پيڙهيءَ تي سوامي آتم پرڪاش جن وينا (ڀائي گرداسرام پوائيءَ تي دربار وارا). سندن جنم استان پير ڳوٺ جي پرسان شهر ميان خان هئو، ننڍپڻ کان ئي سوامي جن گر دربار جا شيواڌاري رهيا، اُنڪري گاديءَ جا حقدار پڻ ٿيا، پر هنن ۾ ديوي گڻ ۽ سمپرداي جا گڻ موجود هئا، اُنڪري وڏن سنتن کين گاديسر مقرر ڪيو. گاديءَ تي وهڻ شرط ئي وڏن گرن جو نالو وڌيڪ چمڪايائون، شوڀنيڪ گرمندر تنا شواليه شونق سان نهرايائون. وڏن گرن جي سيڪڙين جريب زمين خالي پئي هئي، اُها وڪرو ڪري پير ڳوٺ شهر. کي وڌايائون، ڪيئي ڳوناڻا ننڍا ننڍا ڳوٺ ڇڏي پير ڳوٺ ۾ اچي اُن زمين تي وسجي ويا. اُن بستيءَ جو نالو ’آتم پُري‘ رکيو، ماڻهون

ناهي ۽ ٻيو استان ناگپور جبري پتڪا ڪالونيءَ ۾ قنبر واري دربار نالي مشهور آهي. اُلهاسنگر ۾ استان سوامي ڪمياداس جن کي سونپي ڏنائون ۽ ناگپور ۾ ڀائي پورنداس سنڀاليندا هئا، اُتي هن وقت ٽرسٽ آهي ۽ بابا جن ڪانپوءِ سوامي ڪمياداس جن گاديءَ تي ويٺا.

سوامي ڪمياداس جن پوچ ٻيڪ پگوان سنڌونگر جا اڏيڪش پڇاڙيءَ تائين رهيا.

پنهنجي حيات هوندي ئي سنتن جي حاضريءَ ۾ پنهنجي ڀائٽي کي گُر منتر ڏئي چيلو بڻائي ويا، ڀائي پريتمداس ڪمياداس اُداسين رکيائون، جيڪو هن وقت سندن ڪرٽي ڪري ستسنگ ۽ دربار هلائي رهيو آهي ۽ سُٺي نموني سنڀالي رهيو آهي ۽ نت نيم ۽ شيوا ڪاريه ڪري وڏن جو نالو روشن ڪري رهيو آهي ۽ سنتن سان به سمپرڪ ۾ رهندو آهي ۽ هن وقت هو پوجه ٻيڪ پگوان جو ميمبر پڻ آهي.

ائڊريس : منوهر ڀون، بئرڪ-٨٩١، سيڪشن-١٩، سنڌونگر-٣.

فون نمبر : ٧١٧٩٦

★★★★★

عرض سويڪار ڪري هر سال ويساک جي مهني ۾ دربار جي
پائيءَ واري کوه ۾ پرگهٽ ٿيندي هئي ۽ نرمل جل اُن کوه
۾ پرگهٽ ٿيندو هو، جنهن ۾ شهرواسي اشنان ڪري گنگا ماتا
جي جل کي اُنيو ڪندا هئا ۽ ڪٿان ڪٿان سنت مهاتمائون
شرڌالو پريمي اچي درشن ڪندا هئا ۽ اشنان ڪري آنند
وٺي سوامي جن جي واکاڻ ڪندا هئا، اهڙي نموني ڪافي
ڪراماتون ڏيکاريائون. هينئر سندن جو استان هندستان ۾
اُلهاسنگر-۴ ۾ پوائي چونک، شريرام سئنيما جي پرسان آتم
ڌام نالي مشهور آهي. هن وقت سنپاليندڙ گاديسر سنت
پائي گرداسرام (رام پرڪاش) رنگبراماڻي سڏيا ويندا آهن
۽ هو سنت پوچ ٻيڪ پڳوان سنڌونگر ۽ اکل ڀارت سنڌي ساڌو
سماج جا لائيف ميمبر پڻ آهن.

فون نمبر : ۵۲۵۴۱۱

★★★★★

اُن کي بائي واري ٻني پڻ ڪري ڇوندا هئا.

اڄ تائين اُهو نالو قائم آهي، هن وقت ٻه آس پاس جي ڳوٺن مان ماڻهو اُتي اچي رهيا آهن ۽ هندن جا گهڻا گهر بائي واري ٻنيءَ جي زمين تي ٺهيل آهن ۽ رهندڙ آهن ۽ اڃان تائين دربار آهي ۽ نيم ٽيم اڃان چالو آهي، اُتان پڻ ڪيترا پريمي هتي ٿي ويا آهن.

سوامي جن جي تپسيا هئي، جو سوا پهر سورج ڀڳوان ڏي منهن ڪري آراڌنا ڪندا هئا، اُن مان ڪافي رڌيون سڌيون پراپت ڪيائون، ڀنڊارو هميشه چالو هئو، دربار صاحب ۾ ڌرمشالا پڻ هئي، ڪٿان ڪٿان پريمي اچي رهندا هئا ۽ درشن ڪري خوش ٿي ويندا هئا. پنهنجي جيون ۾ ناليٰ جو پرڪاش ڏيکاري ويا، پير ڳوٺ جو پير پڻ ڪين مڃيندو هو ۽ مانُ رکندو هو.

سنت پئنچن ۽ پير ڳوٺ جي پير صاحب جي صلاح سان پير ڳوٺ شهر ۾ جانورن جو ڪوس بند ڪرايو ۽ مانس ڪاٽڻ واري تي ١٥ روپيا ڳاين جو ڳاهه لاءِ ڏنڊ وڌو ويو، اهو ڪم سوامي جن جي پريرنا سان ٿيو.

هر سال سوامي جن هردوار ويندا هئا ڳنگا ماتا جو درشن ڪرڻ، اُتي اُن ڪيتر پڻ هلائيندا هئا.

پير ڳوٺ ۾ پريمين سوامي جن کي عرض ڪيو ته سائين اسان کي ٻه ڳنگا ماتا جو درشن ڪرايو ته سوامي جن چيو ته اهو ڀلي جو ڪم آهي، جڏهن سوامي جن ٻيهر ويا ته ڳنگا ماتا کي ارداس ڪيائون ته ماتا اسان جي پريمين کي ٻه شنان ڪرائي درشن ڏيو ماتا اُنهن جي ارداس آراڌنا جو

آهن ۽ هميشه ئي رام نام جو جاپ جپائيندا رهندا آهن.

سندن ٻيا ٻه آشرم يعني آکاڙا آهن جئن هوشيارپور-پنجاب ۾، دسوئا ضلع هوشيارپور ۾ ۽ الهاسنگر لعل چڪيءَ پرسان سپاش ٽيڪريءَ وٽ آشرم آهي. هي جناب ڪي پري پچائڻ ۾ پڻ ماهر آهن. هو هميشه دين ڏکين جي پرگهور لهندا رهندا آهن. ڌرم جي پرچار سان گڏ ٢٤ ڪلاڪ ڀنڊارو چالو هوندو آهي آشرم ۾، اُن ڪيتر سان گڏو گڏ گئو شالا ۽ هون يگيه پڻ ڪندا رهندا آهن ۽ غريبن ۾ دوائون فري هلائڻ جو ڪاريه پڻ ڪندا رهندا آهن.

سندن وٽ اکنڊ پاٺ صاحب هميشه رکيل هوندو آهي.

جڳت گرو اُداسين آچاريه شري سريچندر ڀڳوان جي جنم اُتسو تي رات جو هڪ بجي ڀنڊارو ۽ سري گرو گرنٿ صاحب جا ايڪونجاه اکنڊ پاٺ رکندا آهن ۽ اُنهن جو ٻه رات جو ئي ڀوڳ صاحب پوندو آهي، ڪافي تعداد ۾ سنگت ايندي آهي، سنتن جا ڀنڊارا چالو ئي هوندا آهن.

ڀادون مهني ۾ سريچندر ڀڳوان جو جنم اُتسو ايندو آهي، رات جو ڀوڳ صاحب ۽ روٽ صاحب ۽ لنگر ٿيندو آهي.

ناگا سنت بابا ڀهلداس پنجابي آهن، چوندا آهن:



مهنت بابا پهلداس جي

ناگا بابا جن جو جنم استان پنجاب جي بجيدپور، پٽيالا ضلع پنجاب ۾ ٿيو آهي. هن وقت سندن مکيه استان سلطانپور لوڌي ڪپورٿلا ضلع پنجاب ۾ آهي. اُتي ئي اُداسين آچاريہ جڳت گرو ۱۰۰۸ شري سريچندر ڀڳوان جو جنم استان آهي ۽ اُتي ئي باباجن جو آکاڙو پڻ آهي. هي سڌپرش آهن ۽ سندن کي ننڍي هوندي کان ئي سنتن جو سنگ مليو ۽ ننڍي عمر ۾ ئي برهمچاري ٿي رهڻ جو ورت ورتو ۽ نڪري پيا ڪشمير پاسي اُتي سندن ملاقات ناگا بابا مڪترام صاحب جن سان ٿي ۽ هو سندن جي ڪافي ويجهو آيا ۽ پاتائون ته جنهن سنت جي ڳولها هئي، اُهو ته سامهون ئي آهي ۽ اُنهن اُن ناگا بابا مڪترام صاحب کان گرو منتر وٺي ديڪشا ورتي. اڄ کان اٽڪل ۵۰-۵۵ سال آزاديءَ کان اڳ ۽ اُنهن جي آديش ۽ پريرنا سان اٽڪل ۸ سال هماليہ جي پهاڙن ۾ گهور تپسيا ڪئي ۽ ڪافي رڌيون سڌيون حاصل ڪيون. هو اُداسين آچاريہ شري سريچندر ڀڳوان جا پورن ڀڳت



ڀائي أمرداس جڳياسي
(ڀنيجا)

سنڌ سنتن جي ڀومي هئي ته پنجاب به گرن سنتن جي مهما سان ڀرپور آهي جو گرو نانڪ ديو صاحب به پنجاب مان ٿيا، جن سڄي جهان جي رهنمائي ڪئي.

اُن پنجاب جي ڌرتيءَ مان ڪيترا سنت، مهان آتمائون، درويش فقير ٿيا آهن جن سنڌ ۾ به اچي ديرو ڪيو، مقام ڪيو ۽ هندو ڌرم ۽ سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ ناماچار ڪمايو.

اُنهن مان هڪڙا سنت سوامي سنتوشداس جي صاحب اُداسي ٿي گذريا آهن ۽ اُهي به اصل پنجاب مان سنڌ ۾ اچي ڀير ڳوٺ ڪي پنهنجو ڌرم استل ڪري استاپن ٿيا ۽ اُتي ئي دربار صاحب کولياٿون.

هندو سناتن ڌرم جو پرچار سنسنگ ڪري ڪمائي ڪري ويا، اُنهن جي گادي نشين سنت جيڪي ٿيا، اُهي هئا بابا ڪرپالداس صاحب، سوامي پاونداس صاحب، سوامي نانڪرام صاحب، سوامي ڦلاجرام صاحب ۽ بابا ڪوڏو سنگهه صاحب هئا، اصل ڀريڻ هو اُداسي هوندا هئا. بابا ڪوڏو سنگهه صاحب ڪانپوءِ به گديون ٿيون، هڪڙي سوامي نانڪرام صاحب

پهلي سنگت کا پنڌارا
اُس کي باد سنتون کا پنڌارا
ڦر ديوي ماتا کا پنڌارا

هو پورن سنت آهن، سندن ڳلهي ۾ بابا جو پٽون لٽکيل هوندو آهي، چوندا آهن ته هي بابا سريچندر ڀڳوان جو پٽون آهي، ڪڏهن به خالي ڪونه ٿيندو آهي ۽ آهي به ائين، هن دَر تان ڪوئي سنت مهاتما فقير دين دُکي خالي ڪونه ويندو آهي.

’سنت کي مهما سنت ئي جاني‘
’بوليو جڳت گرو اُداسين آچاريه ۱۰۰۸ شري سريچندر ڀڳوان جي جئه‘

ائڊريس : سريچندر دربار، موري محلا، سلطانپور لوڌي-۱۴۴۶۲۶، ضلع ڪپورٿلا، پنجاب.

فون : (۰۱۸۲۸)-۲۲۱۰۴

شري سريچندر دربار، بلاڪ نمبر-۴۳۶/اي، سپاش ٽيڪري، سنڌونگر-۴.

فون نمبر : (۰۲۵۱)-۵۲۰۹۴۷

★★★★★

۽ ٻنهي گهرو ٻارن لاءِ سنڌن ڪافي وڏو ڪاروبار آهي، جنهن جي سنڌن سپاٽر سنڀاليندا آهن، خاص طور ۽ ڪپڙي جو وڏو واپار اٿن ۽ سائين ۽ جا ٻنڌارا پريا پيا آهن ۽ سائين ۽ جي آرادنا ڌرم جو پرچار ۽ ٻيا ڪاريه چالو آهن ۽ سنتن جون سڀيون ڦڪيون به ڏيڻ چالو آهن ۽ ڏکي پنهنجا ڏک درد دور ڪري آسيس پائي ڪلنڌا خوش ٿي ويندا آهن.

ائڊريس : ڀائي صاحب أمرداس ٻنيجا (جگياسي)، ٻئرڪ-۲۰۹۵، روم-۲۰، سيڪشن-۳۵، ڀائي أمرداس دربار مارگ، سنڌونگر-۴۲۱۰۰۵

فون نمبر : (۰۲۵۱) - گهر-(۵۲۱۱۵۸)، دربار-(۵۲۲۸۴۴)

★★★★★

جي ۽ ٺڪ ڀائي چيتنداس صاحب جي، جنهن کي ٻڌ جر
گرهستيءَ ڪري جگياسي چوائيندا هئا.

آن تڏهن تي هن وقت ڀائي صاحب امرداس هيمنداس بنڀجا (جگياسي) آهن.

سندن پرورش سنتن جي گهر هوندي بابا پدما صاحب پوري بائي يائي چيتنداس بنڀجا (جگياسي) جن جي رهنمائيءَ هيٺ سٺي ڌرمي ماحول ۾ تيار ڪري ڀائي صاحب کي ڪافي سٺي وديا گرنٿن جي ملي. هو ٺٺي ٻاني ودوان ۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رنگيل آهن، هن وقت سندن دربار پنجين نمبر ۾ آهي ۽ ڪافي سندن جي سڀني شهرن ۽ پريمي آهن، نت نيم سان ڪٿا ڪيرتن ٿيندو آهي ۽ ڪارجن ۾ به موج لڳي پيئي هوندي آهي، ڀائي صاحب جن کي سڀ پريم عزت شردا سان بابا جن ڪري پڪاريندا آهن. بابا جن پڻ سنت پرورتيءَ جا آهن، سندن ڪرٽي ۽ ڪٿنيءَ ۾ شڪتي آهي.

ڪافي سوالي ايندا آهن ڏک درد لٽي ۽ خوش ٿي هن دَر تان ويندا آهن. سندن ڪافي پريمي ست شوڪ الهاسنگر، مرتجاپور، احمدآباد، ايچلڪرنجيءَ، ڪولهاپور شهرن ۾ پڻ آهن.

گواليار ۽ احمدآباد ۾ به استان آهن.

ٺاڪرداس لالچند بليجا (جگياسي) چوائيندا آهن.

سندن پٽ ڀائي راڄچند، ڀائي پاڌوملل، ڀائي وسنداس، ڀائي هرڪشن آهن. بابا جي دربار تي جيڪو ايندو آهي، اهو خالي ڪين ۽ شڪرانه جي ڪمن ۾ ڪم آڻيندا آهن

برزبان ياد هوندي هئن (ڪنٺ هوندي هئن). گرهست ۾ رهندي سندن ڪي ٽي سپاتر ٿيا شري ڪشنچند، شري هيمنداس ۽ شري دولترام ۽ اهي ٽئي سپاتر نڪتا. هندستان پاڪستان يعني ورهاڱي ڪانپوءِ بابا عيدنداس صاحب لکنؤ ۾ آيا، جتي انهن جي ڏرمپتنيءَ جو سرڳواس ٿيو.


ان ڪانپوءِ بابا تمام اڪيلا ٿي پيا ۽ لکنؤ ڇڏي الهاسنگر ۾ اچي رهيا، پارن جو پالن ڪندي به گرو مهراجن جو ڌيان ڪندا هئا، شام جو نيم سان ڪٿا ڪيرتن ڪندا هئا، انهن جي واڻيءَ ۾ ڏاڍو تاثير هئو جو ڪٿا ڪندي ڪندي ڄڻ ڀڳوان سان ملي ويندا هئا، سنگت به ڏاڍي ڌيان سان آنند پراپت ڪندي هئي. جڏهن رامائڻ جي ڪٿا ۾ ڀڳوان رامچندر جي بنواس جي ڪٿا جو ذڪر ايندو هو ته سنگت جي اکين مان ڳوڙها ڳري ايندا هئا ۽ ائين محسوس ٿيندو هون ته ڄڻ ايوڌيا ۾ وينا آهن، اهڙو ته بابا جن ۾ بيان ڪرڻ ۾ رَسُ هوندو هو.

اينري ڳيان هوندي به ڪڏهن بابا جن گيڙو ڪپڙا ڪونه پاتا، هميشه اڇي ڌوتي، اڇي خميص ۽ اڇي ٽوپي پائيندا هئا ۽ پڌائيندا هئا ته ڳاڙهن ڪپڙن سان ڀڳوان ڪونه ملندو آهي، پر ڀڳوان ملندو آهي اندر ۾ شانتي هجي، ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهائجي، نه ڪنهن کي رنجائجي، هرهنڌ هرو وقت ڀڳوان کي حاضر ناضر سمجهي هلجي ته اها ئي سچي ڀڳتي آهي، صد ڪرم ڪرڻ ۽ مٺين ڳالهين جو ڌيان رکجي ته ڀڳوان به ملندو آهي ۽ اها ئي سچي ڀڳتي آهي.

بابا جن جا ڪيترا سِکَ پريمي هئا جي هردم پيا بابا کي ياد ڪندا هئا، ان ڪري بابا جن سال ۾ هڪ دفعو انهن پريمين سکن شيوڪن وٽ ويندا هئا.

بابا جن کي پنهنجي جوتي جوت سمائڻ جي اڳواٽ ئي ڄاڻ هئي جو هو پورن سنت هئا، ١٥ ڏينهن اڳ ئي وڃي فوٽو گرافر

بابا عيدنداس جگياسي



برهملين يائي ڪشنداس جگياسي



دولترام جگياسي (اڳيون ڪليڪٽر)

سنت تہ سَپُ هِڪُ پر هرهڪ جي خوشبوءِ پنهنجي.

بابا جن جو جنم ميهڙ ضلع دادوءَ ۾ ٿيو هو. جئن چوندا آهن تہ ٻار پينگهي ۾ پڌرو، سو اها چوڻي بابا جن سان سورهان آنا سچ لڳندي هئي، جو هو ڇمندي ئي ڄام هئا، سندن منهن مان نوراني تيج پيو ٽپڪندو هو.

ننڍي هوندي کان ئي هرڪو ڪم سوچ ويچار ۽ هوشياريءَ سان ڪندا هئا.

جئن وڏا ٿيا تہ مائٽن سندن وواه ڪرايو. اُن ڪانپوءِ بہ هو ڀڳوان جي ڌيان ۾ رهندا هئا ۽ لاڙو هوندو هون ۽ ڪم ڌنڌي ڪندي بہ پيا ڀڳوان جو سمرن ڪندا هئا. ڪيترن شاسترن جو ابياس ڪندا رهندا هئا، خاص ڪري سري گرو گرنٿ صاحب جو ڪافي گهرو ابياس هئن جو ڪيتري باڻي

ائڊمسٽريٽر ۽ ٿاڻا ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو ۽ بامبي ۾ ميٽروپولين مئجسٽريٽ ٿي رهيو ۽ صد ڪرم ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو چمڪايو آهي.

بابا جن جا پوٽا پڻ ڪافي پڙهيل ڳڙهيل آهن، هڪ ته مئجسٽريٽ آهي، ٻيو جواهر جگياسي جيڪو انڪم ٽيڪس جي پرئڪٽس ڪندو آهي ۽ وڪيل آهي، تنهن سان گڏ ويسٽرن ريلوي جي ڪاميٽيءَ جو بورڊ ميمبر آهي ۽ اُن ڪانسواءِ فلم سينسر بورڊ جي سرٽيفڪيٽ ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي ۽ هڪ پوٽو جگياسي ڊاڪٽر آهي ۽ ٻيو پوٽو وڏي ٽرئولنگ ايجنسي (رينوٗ ٽرئولس) بامبي ۾ هلائيندو آهي ڪيئلداس جگياسي، اهڙي نموني سڄو ڪٽنب چڱو ساماجڪ ۽ پنگتي ڪاريه ۾ دين ڏکين جي پرگهور لهندو آهي ۽ وڏن جو ناماچار وڌائي رهيو آهي.

بابا عيدنداس جگياسي صاحبن جي عزت ۾ اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل دربار جي وڏي چونڪ جو نالو پاس ڪري بورڊ لڳايو آهي، جنهن جو مهورت سنت شرومڻي سوامي شانتي پرڪاش مهراجن پنهنجن شڀ هٿن سان ڪيو هو ۽ ڪافي شهر جا ليڊر حاضر هئا جئن ته پائو گوپ ڀراڻي، ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي، رامچند بولچنداڻي، هرداس ماکيجا، منوهر جيسواڻي، سوامي ڪمپاداس اُداسين ۽ ٻيا سنت مهاتمائون ۽ ميونسپل جا وڏا آڌڪاري پڻ هئا.

هن وقت دربار صاحب سهڻي نموني ٣ نمبر ۾ ٺهيل آهي.

★★★★★

ڪي اَئڊوانس ڏئي آيا تہ ١٨ نومبر ڏينهن شام جو ٦ بجي منهنجو فوٽو گهر ۾ اچي ڪڍجانءِ ۽ ١٨ نومبر جي صبح جو سندن ننڍو پٽ دولترام جڳياسي اُلهاسنگر ۾ آيو هو، بابا جن سان مليو تہ بابا جن چيس تہ پٽ اَچ تون هتي ئي هجج ۽ توهين ڪلہ ڪي بہ چيائون تہ پُٽَ چوڪرِ اَچ منهنجا سنا ڪپڙا ڪڍي ڏي، سو پڳوان سان ملڻ لاءِ سنبري ڪري دربار صاحب ۾ ويا ۽ ڪٿا ڪان پوءِ سنگت سان گڏ ڪنهن پريميءَ جي پڳڙين تي ويا ۽ ارداس ڪيائون ۽ مٿو ٽيڪيائون تہ اُتيا ئي ڪين، سنگت وائڙي ٿي ويئي ۽ حئران پريشان ٿي تہ بابا جن کي ڇا ٿيو آهي، اُتي ١٠-١٢ ڊاڪٽر پڻ هئا جن ٻڌايو تہ بابا جن هن دُنيا ۾ ڪونہ رهيا آهن. (اُن وقت شري دولترام جڳياسي صاحب جي پوسٽنگ شاهپور ۾ هئي ۽ اُن ڏينهن بابا جن جي چوڻ مطابق اُتي رهيا هئا)۔

پنجن منٽن ۾ بابا کي کڻائي جيپ ۾ گهر آيا، قدرت سان پوري ڇهين بجي فوٽوگرافر بہ ڪئميرا کڻي اچي پهتو ۽ هيترا ماڻهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو، پڇيائين تہ ڇا ٿيو آهي ۽ جڏهن ٻڌايائين تہ بابا جن ديولوڪ پڌاريا آهن تہ وائڙو ٿي ويو ۽ روئي وينو، چيائين تہ بابا جن ائڊوانس ڏئي ويا آهن تہ ١٨ نومبر جي شام جو پوري ڇهين بجي شام جو فوٽو اچي ڪڍجانءِ ۽ روئندي روئندي فوٽو ڪڍي ويو.

بابا عبدنداس جن صحي معنيٰ ۾ سنت هئا، ايئن بابا جن هي سنساري سفر پورو ڪري ويا ۽ پرماتما جي گود ۾ وڃي سمايا.

اڄ بہ بابا جن جي ورسي ١٨ نومبر جي ڏينهن دربار صاحب ۾ ٿيندي آهي ۽ جتي بابا وهندا هئا اُتي سڀ مٿو ٽيڪي آسيس وٺندا هئا.

سندن جي اولاد پڻ سندن جو نالو اوچو ڪيو آهي، سندن جا وڏا پٽ پائي ڪشنداس جڳياسي ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ ۾ وڏا آفيسر ٿي رهيا ۽ وچون پٽ شري هيمنداس جج ٿي رهيو ۽ ٽيون ننڍو پٽ جنهنکي شهرواسي وڏي عزت ڏيندا آهن ۽ بار بار کي سندن نالي جي خبر آهي جو هو شهر ۾ ائڊمنسٽريٽر ٽائون شپ ۽ ميونسپل جو

صاحب. (١٠) بابا گرمتداس صاحب. (١١) بابا حضوري صاحب. (١٢) بب ميهرداس. (١٣) بابا گنگا داس صاحب. (١٤) بابا بالداس صاحب. (١٥) بابا سِڌداس صاحب. (١٦) بابا سروپداس. (١٧) بابا هريشرنداس صاحب. (١٨) بابا جمناداس صاحب هن وقت آهن. ايئن ته هرهڪ سنت پنهنجون پنهنجون چمتڪاري ڪاريه ڏيکاريا آهن پر اُنهن مان هينيان ڪجهه ڄاڻ ۾ آيا آهن.

چوڏهين پاتشاهي بابا بالداس صاحبن جن لاءِ ٻڌائيندا آهن ته وڏي شڪتيءَ جا مالڪ هئا. ويني ويني اَنتر ڌيان ٿي ويندا هئا ۽ جيڪي چوندا هئا، اُهو ٿيندو هو. پورن گياني، انتر ڌياني سنت هئا.

پندرهين پاتشاهي سنت ڪي ته گينين وارو سنت چوندا هئا، چوڳي ۾ هميشه گينين جو پنڊار هوندو هون ۽ وڏي لٽ چانديءَ جي مُٺِ واري ڪٽندا هئا ۽ شري سنت سوامي سِڌِداس صاحب جيئري گديءَ تي وهاريا ويا هئا وڏن سنتن.

سورهين گديءَ جي ڌڻي بابا هڪ ڏينهن پورن نگن ٿي وينا ۽ چيائون ته اڄ سفر پورو ٿيو ۽ ٿيو به ايئن ئي.

سترهين پاتشاهي مهنت هريشرنداس صاحبن به رات جو ٻي بجي اڳ ئي ٻڌايو ته اَبا صبح جو ٤ بجي هلبو، سفر پورو ٿيو آهي ۽ بروبر صبح جو جنهن کي اُسر چئبو آهي، وڏن سنتن کي مٿو ٽيڪي ننڍن کي آسيس ڪندي ٤ بجي صبح جو سرير تياڳ ڪيائون.

اُهڙي نموني هن وقت پائي ڊاڪٽر جمنادس اُداسي پڇ ستسنگ ۽ دين ڏکين جي شيوا ڪاريه ڪري ڌرم جو پرچار ڪندي وڏن جو ناماچار قائم رکي وينا آهن ۽ سنڌونگر ٻيڪه پڳوان ۽ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج سان جُڙيل آهن.

ائڊريس : بئرڪ-٨٩٥، روم-٣٠، سنڌونگر-٣.

فون نمبر : (گهر)-١٥٣١٤/٥٥٥٨٤٦، (دواخانو)-٧٢٣٠٥

★★★★★



ڀائي ڊاڪٽر جمناداس
سوامي هريشرنداس اُداسي

سنڌ جي جهونن مهنتن مان مهنتي گدي حضوري صاحب گدي جيڪا ڀڳوان سريچندر جن جي آشرواد ڏنل مان هڪ آهي ۽ شايد اُداسين آچاريه شري سريچندر ڀڳوان ڏانهوءِ جي بابا ٻنت ڀڳوان آشروادي گدي آهي، هن وقت هن گديءِ يعني وڏي درخت جي ١٨ ڏاري يعني ١٨ پيڙهيءِ تي گديءِ جا مالڪ سوامي ڀائي ڊاڪٽر جمناداس اُداسي جيڪي دربار سان گڏوگڏ هڪ مشهور ايم.بي.بي.ايس. ڊاڪٽر پڻ آهن، دربار صاحب پڻ سٺي نموني هلائيندا آهن، سنڌن جي ڪافي سڪي شيوڪي آهي ۽ سائينءَ جي مهر سان گرو گرنٿ صاحبن جي واڻي ۽ شبد ڪيرتن پڻ ڪافي پريم سان ڪندا آهن ۽ سنگت کي ڪرتارث ڪندا آهن.

هو هن وقت پوڄ بيگه ڀڳوان سنڌونگر جا شروع کان ڪرانچي آهن ۽ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج سان پڻ ڳنڍيل يعني لائيف ميمبر آهن.

سندن گدين جو احوال هن ريت آهي ته :

باٻا گرو نانڪ صاحب تمرا ڀروسا ٻمڪه ڪا،
جنهن پڇي راکي همارا.

(١) شري شري ١٠٠٩ جڳت گرو اُداسي آچاريه شري سريچندر ڀڳوان. (٢) بابا ٻنت ڀڳوان. (٣) بابا سنگت داس صاحب. (٤) بابا عربنداس صاحب. (٥) بابا تلسيداس صاحب. (٦) بابا موهنداس صاحب. (٧) بابا رامداس صاحب. (٨) بابا شجن صاحب. (٩) بابا سچرام

اهي چار ئي سنت پاڻ ۾ سوٽ، مٽ مائٽ هوندا هئا، اُنهن جي اؤلاد سائين حڪيم ڀلارام صاحب هئا، هو پاڻ پڻ زميندار پڻ هئا، تنهن سان گڏو گڏ جراح حڪيم يعني وئد هئا ۽ ڪافي جڙين ٻوٽين جي ڄاڻ هئن، ڪافي مريض ڪي شفاياب ڪيائون، ڪٿان ڪٿان ماڻهو کهي اچي دوا سُتيون وٺي پاڻ کي درد کان ڇوٽڪارو ڏياريندا هئا.

دُعا ۽ دوا ٻئي هڪ هنڌ ملن ته انسان کي ٻيو ڇا گهرجي. سائين ڀلارام جن کي گُرو گرنٿ صاحب جو ڪافي گيان هئو ۽ ڪافي ٻاڻي ڪنٺ هوندي هئن ۽ سندن کي ٻه پٽ هئا، وڏو نارائڻ، ننڍو ڪشن اڳتي هلي هو ٻئي ڊاڪٽر بڻيا ۽ ٻئي وڏن جو ناماچار وڌائڻ لڳا. سندن دربار سان گڏ ڊاڪٽرن جو گهراڻو پڻ ٿيو ائين چوڻ واجب ٿيندو، پڻ سندن اولاد ۽ ويجها سنٻنڌي راڄنيتيءَ ۾ پڻ اڳرا رهيا.

ڊاڪٽر نارائڻداس جڳياسي ڪانگريس جا سڪريه ڪاريه ڪرتا ميمبر ٿي رهيا ۽ پاڻ مشهور ڊاڪٽر ڳڻيا ويندا هئا ۽ سندن ڌرمپتني شيلاونتي پڻ ليڊي ڊاڪٽر هئي ۽ ڌرمشٽ خيالن جي هوندي هئي. سندس ٻه پٽ پڻ ڊاڪٽر آهن، هڪ ڊاڪٽر گهنشام جڳياسي - ايم.بي.بي.ايس.، ٻيو ننڍو پٽ هريش جڳياسي ۽ اُن جي گهر واري پڻ ڊاڪٽر آهي ته ڊاڪٽر گهنشام جو پٽ پڻ ايم.بي.بي.ايس. ڊاڪٽري پڙهندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڌرمپتنيءَ جي سرڳواس کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڌرم پتنيءَ جي نالي ڊاڪٽر شيلا نارائڻداس ميموريل هاسپيٽل ٺهرائي سهڻو ڪم ڪيو جتي ڪافي ماڻهو فائدو وٺي رهيا آهن.

پائي ڀلارام جڳياسي جن جو ننڍو پٽ پائي ڊاڪٽر ڪشنلعل جڳياسي ۽ سندن ڌرمپتني ۽ سندن پٽ پڻ ڊاڪٽر



مکيم ڀائي ڀلارام جڳياسي
ڀائي ڊاڪٽر نارائڻداس جڳياسي
ڀائي ڊاڪٽر ڪشنداس جڳياسي

ڀائي ڊاڪٽر ڪشنداس جڳياسي

سنڌ ۾ چوندا آهن تہ سنڌ سنتن سان ڀريل هئي، اُن ۾ بہ چوندا آهن ٺلها، ڀلها، ٺرڊي باڊه، ميهڙ وارا سنت ڪافي سماج ۾ پنهنجي سڃاڻ رکندا هئا.

سنت سوامي ڀلاجرام ڀائي گرڌنومل جڳياسي اصل وينل گاهي مهيسر ڳوٺ جا تالوڪو ميهڙ ضلع دادوءَ جا وينل هئا، اصل ۾ هيءَ گادي سائين موديداس صاحبن جن جي آهي، جيڪا باڊه وارا سنت ساڌ اُن گديءَ تي براجمان هئا، ضلع لاڙڪاڻو. ڀوريں سائين جئرامداس صاحب، سائين سنمکداس صاحب، تنهن کانپوءِ سائين نارائڻداس صاحب. سائين جن جڳياسي مهنت هئا ۽ احمدآباد ۽ اُلهاسنگر ۾ بہ سندن استان آهن. (سائين موديداس صاحب ڪرامت جا ڌڻي هوندا هئا ۽ هتي اُلهاسنگر ۾ بہ ۽ هندستان ڀوري ۾ سندن ڪافي سَڃي شيوڪي هاڻي آهي، جئن منوجا فئملي پڻ اُنهن مان هڪ آهي ۽ جيڪي ڊاڪٽر سپاش سونيءَ جا پرنانا آهن سنت سائين موديداس صاحب جن)



مهنت ٻابا گيلارام
بابا هريداس اُداسي

سنت بابا گيلارام بابا هريداس اُداسي اصل سنڌ ۾ راڻيپور - گمبٽ رياست جا رهندڙ هئا.

اصل سندن وڏا سنت بابا لالارام صاحب، بابا ٻالارام صاحب، بابا ڏيالداس صاحب، بابا مولچند صاحب، بابا ڦندڻداس صاحب، بابا شامداس صاحب، بابا هريداس صاحب ۽ تنهن کانپوءِ بابا گيلارام صاحب گديءَ تي براجمان ٿيا.

وڏن سنتن نه ڪافي ڪرشما ڏيکاريا، گديءَ تي وهڻ کانپوءِ بابا گيلارام صاحب جن هوريان اُن رنگ ۾ رڱجڻ لڳا. ورهاڱي کانپوءِ دربار اُلهاسنگر ٽين نمبر ۾ کوليائون. شروع کان وٺي سندن جا ڪافي سک شيوڪ پريمي هئا، خاص ڪري ڀائونگر، سورت، احمدآباد، بامبي، رائپور، ناگپور وغيره شهرن ۾، پاڻ سنگيت وديا ۽ گرٻاڻي صاحب جو ڪافي اڀياس ڪيل هئن، پاڻ هميشه سادگيءَ ۾ وشواس رکندا هئا، سنڌونگر ۾ به شروع کان پوج بيکه ڀڳوان منڊل سان جُڙيل هئا، پاڻ به ڪافي رڌين سڌين جا ڌڻي هئا، پر ظاهر ڪونه ڪندا هئا، خاص جنات ڪڍڻ جي سڌي پڻ هوندي هئن، اُن ڪري ڪافي ماڻهن جو ڀلو ڪري اُن کان نجات ڏياريائون. هاڻي پڻ تازو هڪ سک کي اُن ڏکه کان آجو ڪرائي اُن جي پيڙا

آهن. گهرو ماحول ڌرمي ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ دُعا سان گڏ دوا ڏيڻ شفايابيءَ ۾ ڪامياب رهيو آهي ۽ پڻ راڄنيتيءَ ۾ به اڳرو رهيو آهي.

جڏهن ته ڊاڪٽر نارائڻداس جگياسيءَ جي ڏيءَ اندران اُداسي اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جي ميمبر چونڊجي ويئي هئي ۽ پڻ ڊاڪٽر ڪشنچند جگياسيءَ جي ڌيءُ پڻ اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر چونڊيل آهي، هن وقت ۾ پڻ سندن ياڻيجو ڊاڪٽر سپاش (سوني) به دفعا اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل تي چونڊيو ويو هو ۽ هاڻي پڻ سندن جي ياڻيجي جي ڌيءُ جيا ساڌواڻي ڪائونسلر ۽ وري هاڻي ڪارپوريٽر چونڊي ويئي آهي.

اهڙي نموني هي گهراڻو دوا، دُعا ۽ شبوا ڪاريه ۾ اڳرو رهندو اچي ٿو ۽ ڌرم جي پرچار ۾ پڻ اڳرو رهي ٿو.

هاڻي ياڻي ڊاڪٽر ڪشنچند جگياسي پوج بيڪه پيگوان - سنڌونگر جو ميمبر پڻ ٿيو آهي.

گهر جو فون نمبر : ٧٣٠٢٠ (سنڌونگر-٠٠٣ ٤٢١)

اسپتال جو فون نمبر : ٥٨٢٦٤٦ (اُمبرناٿ).

★★★★★

سچل سرمست

ڪافي سنڌي صوفي متي جا سنت ٿي گذريا آهن، ڪي هندو ته ڪي مسلمان پر اُنهن صوفي سنتن درويشن جي ڪا ذات يا ڌرم نه ڪونه ليکيو ويندو آهي، اهڙن سنڌي صوفين جو مُڪٽ يعني سرتاج سچل سائين صوفي سنت ٿي گذريو آهي، جيڪو اصل خيرپور سنڌ جي درازن ڳوٺ ۾ صلاح الدين جي گهر جو چراغ هئو، سندن پتا جلدي وفات ڪئي - تنهن ڪانپوءِ سندس چاچي ميان عبدلا حق پالي نپائي وڏو ڪيو ۽ سچل کي صحي راه ڏيکاري، سندس چاچو ئي سندس گُرو يعنيٰ مُرشد هو. جنهن سندس جو نڪاح پنهنجي ڌيءُ سان ڪرايس، اُن مطابق هو سندس چاچو، مرشد. سهرو هو پر جلدي سچل جي زال وفات ڪئي ۽ اله سان وچي ملي.

هو فقير تن درويش هئو، سيني کي هڪ ڪري ليکيندو هو، اعليٰ درجي جو شاعر هئو، شاه لطيف به سندس لاءِ ڪافي ڪجھه اڳڪٿي ڪئي هئي ته هي هڪ ڏينهن نالو روشن ڪندو ۽ اها پيشنگوئي يعنيٰ اڳڪٿي سورهان آنا سچ ٿي.

سچل سائينءَ ڪافي ڪلام رچيا، چوندا آهن ۽ خاص ٻڌو پڻ آهي ته سائينءَ اٺڪل ستن ٻولين ۾ ۱۰ لک ڪلام رچيا آهن، جيڪي ڪلام اڄ به صوفي سنت ڳائي سندن کي ياد ڪندا آهن ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ جي صلاح ڏيندا آهن.

سچل سائين اڪيلا ئي وچي جهنگ ۾ سائينءَ جي عبادت

پنهنجي سِرَ مٿان کنيائون، پاڻ ڏکَ سٺائون پر دردمند سڪَ جا درد دور ڪيائون. چوندا هئا تہ اُبا اسان تہ رمتا جوڳي آهيون، ڏکَ پوڳيو تہ چا ٿيو، جيڪا سائينءَ جي مرضي هوندي ائين ئي ٿيندو، اُن ۾ ڏکَ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. ائين سائينءَ کي ياد ڪندي وڃي سائينءَ سان مليا.

هن وقت سندن نائين گدي چالو ٿي، سندن جي وڏي پٽ پائي دامودر لعل بابا گيلارام اُداسيءَ کي پوچ بيکہ پڳوان منڊل جي آسپس ۽ وڏيءَ انوسار سنتن جي حاضريءَ ۾ سيلي صاحب ۽ دلڪ صاحب پهرائي، منترن ۽ وڏيءَ انوسار سيلي صاحب، ماترا صاحب جو اُچارڻ ڪري شري سريچندر ڀڳوان اُداسين آچاريہ جڳت گروءَ جي آراڌنا ڪندي ارداس ڪري ۽ آرتي صاحب ڪري سنت منڊل سندس کي گديءَ تي ويهاريو، جتي ڪافي سنت مهاتمائون سِڪہ شبوڪ پريمي حاضر هئا، جن گُرن کي مٿو ٽيڪي يٿاشڪتيءَ ڀيٽا ڏئي مٿو ٽيڪيو ۽ اُها ئي پرمپرا قائم رکي.

ائڊريس : شري گرونانڪ دربار، هري اوم نواس، بئرڪ-١٠١٧، روم-٢٦/٢٥، سيڪشن-٢٢، سنڌونگر-٤٢١٠٠٣

فون نمبر : ٥٥٤٧٨٧ (٠٢٥١)

★★★★★



شري راڌاڪشنلال 'صوفي'

صوفي درويش يا مهان آتما چئجي ته ٿورو ڪونه ٿيندو. شري راڌاڪشنلال جن جو جنم ۱۹۱۸ جي لڳ ڀڳ سنڌ پاڪستان جي ڪيهرن ڳوٺ ۾ شري باشارام جي گهر ٿيو هو.

هو تعلقي ڳڙهي-يا-سين ضلع لاڙڪاڻو هئو، سندن ماتا پتا درويشي خيالات جا هوندا هئا، اُنڪري سنتگرن جي آسپس ديا مهر ۽ ماحول جو اثر سندن ۾ ڪوٽ ڪوٽ ڀرجي ويو. اٽڪل ۱۵ سالن جي عمر ۾ سندن ڳوٺ ۾ سنڌي ماستر شري شيوڪرام سان صحبت ٿي، اُهي پاڻ به فقيرتن هئا ۽ سچل سُرمست جا طالب هئا، اُنهن ماستر جو راڌا ڪشن لال تي ڪافي صحبت جو اثر ٿيو ۽ سندن ڪي پريوء جو لاڙو ٿيو جو هو ماستر شيوڪرام سان گڏجي درگاه حضرت سچل سُرمست - درازه شريف ويا، اُن جي قرب وهنوار پيار، سندن تي ڪافي گهرو اثر ڪيو ۽ اُنهن کي راڌاڪشن پنهنجو مُرشد گرو ڪيو.

اُنهن جي ديا مهر سان بنا ڪنهن اُستاد ڪرڻ جي سندن کي ڳائڻ ۽ باجو وڄائڻ اچي ويو. شري راڌاڪشنلال ڳائڻ ۾ اينترو ته ماهر ٿي ويا جو سندن گرو سندن کي اهڙي ميلاج سان ڳائڻ ڪري وڏن وڏن ڳائڪن سان گڏ ويهاري ڳارائيندا هئا ۽ چوندا هئا پت 'ڪرشن' اسان کي ڪلام ته ٻڌاء، اُن

ڪندا هئا. وڏي هوندي ڪافي سنتن فقيرن درويشن سان صحبت ڪيائون ۽ ڪافي ڪجهه پرايائون.

سندن اکين ۾ هميشه لالائي هوندي هئي نشي جي ڪري ڪونه، پر سائينءَ جي نيهن جي رنگن جي نشي ۾، سائين جن هميشه سادگي پسند هوندا هئا.

سائين سچل صوفيءَ تي هنگلاج سائين جيڪي پڻ ڪافي ڪامل پهتل پرش ۽ صوفي هئا، اُنهن جو به ڪافي اثر هئو ۽ اُنهن وانگر سچل سائينءَ 'حق موجود' جو نعرو هڻيو.

سائينءَ جي مخالفت به هئي پر سون ته آخر سون آهي، باقي سڀ ڪوڙ آهي.

هو هڪڙا اله لوڪ درويش هئا ۽ روحاني شڪتيءَ جا مالڪ پڻ هئا. سندن ڪلام ۾ اهڙي ته شڪتي هئي جو ٻڌندڙ پاڻ وساري وهندا هئا، اُنڪري سندن کي سچل سرمست پڻ چوندا آهن.

هو اعليٰ درجي جا شاعر هئا، جن سنڌي، اُردو، فارسيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪلام لکيا ۽ آخر وڃي الله سان مليا. سندن انتڪال اٽڪل پوڻا ٻه سؤ سال اڳ ٿيو.

★★★★★

گيارس تي ديولڪ پڌاريا ۽ وري سندن واعدو هوندو هو ته هميشه پائي صاحب تلسيداس دربار جنهن کي پريم روپ پائي تلسيداس دربار به چوندا آهن ۾ ڪارڪت جي گيارس جي چونڪي ڪندا هئا، جيڪا هميشه نڀايائون.

’پران جائي پر وچن نه جائي‘

جڏهن اسان جي سنت ماتا صاحب روپونتي ديوي بابا تلسيداس اُداسي پنهنجو چولو ڇڏڻ جو ٽائيم ويجهو ڏٺو ته چيائون ته ڀاءُ راڌاڪشنلال کي سڏ ڪري اچو ته مونکي پنهنجو شبد ٻڌائي.

شبد هئو : ’جيوت جا ڏينهن چار - روئي ته ڪين گذار‘

(اهو گيت يعني پچن اصل سائين جيوت سنگهه قنبر وارا سنت جو رچيل آهي)

اهو گيت ٻڌندي ٻڌندي ماتا صاحب روپونتي ديوي بابا مهنت تلسيداس اُداسي سڄي ڪٽنب ۽ سنگت پريمين جي سامهون وڃي پار برهم پرماتما جي گود ۾ وڃي پهتي.

اهڙي ڳائڻ جي ڪلا پلا ’ڪرشن‘ ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڳائي، اهڙي ته مهر سندن مٿان سندن جي ڪامل ستگرن ڪِرپا ڪري ڇڏي هئي.

سوامي سنت تلوڪداس اُداسين عبدوءَ وارا سنت ۽ سائين ٽيئونرام صاحب دربار جا شري مهنت سوامي شانتي پرڪاش مهراج پڻ سندن جي مَڌُر واڻي ٻڌي چوندا هئا ته.هي ته ڪو جادوئي آواز آهي جڻ دِلين جو آپريشن مثل آهي ۽ ٻيو راحت بخشي.

سائين راڌاڪشنلال ڪانپوءِ سندن ڌيءُ سُران بائي (سرسوتي) ۽ سندس خانود سائين هريرام به ساڳي جوت جڳائي وينا آهن، ساڳيو نيم ٽيم چالو آهي.

ڪري ئي سائين راڌاڪشنلال پنهنجي ڪلام ۾ تخلص 'ڪرشن' اُنڪري ئي وڌو جو اهو سندن مُرشد سائينءَ طرفان سوغات ۾ مليو هو ۽ اُن ڪري ئي 'ڪرشن' سان سڏيندا هئا.

ورهاڱي ڪانپوءِ چوٿين نمبر سيڪشن-٢٧، بئرڪ-١٥٩٠ ۾ اچي رهيا.

هت بہ نت نيم سان هر وسپت ۽ آرتوار جي شام جو پنهنجي مُرشد جي چونڪي ڪري موج مچائي اُن کي ياد ڪندا رهندا هئا. سندن ۾ ڪافي پيار قُرب جو اثر ۽ اُٽِي ويهڻي بہ قرب واري هئي، اُنڪري ئي ڪيترائي ماڻهو سندن ڏانهن ڇڪجي ايندا هئا ۽ سندن جي صحبت جو آنند ماڻيائون. اهڙي عظيم اعليٰ درجي جي شخصيت ٦٢ سالن جي عمر ۾ ڪارتڪ جي شُڀ مهني جي وڏي گيارس تي رات جو ٣٠-٢ بجي ١٩٨٠ ۾ ديولوڪ پڌاريا ۽ وڃي پرين سائينءَ سان وڃي مليا.


سائين راڌاڪشنلال اوچ ڪوٽيءَ جا شاعر ۽ گائڪ هئا، سندن آواز ۾ ايترو تہ درد هوندو هو جو ٻڌندڙ جهومڻ لڳندا هئا، سندن جي واڻيءَ ۾ ڄڻ سرسوتي واسو ڪندي هئي، سندن ڪافي واڻي رچيل آهي.

خاص سندن جي ستينارائڻ سواميءَ جي ڪٿا شعر يعني راڳ سُرَ سان نهيل آهي، مان نٿو سمجهان تہ ڪو ٻيو اهڙي ڪٿا ڪري سگهندو، ايئن تہ ودوان گهڻا ڪافي آهن پر هرهڪ جو انداز پنهنجو پنهنجو آهي.

اُلهاسنگر ۾ ورلي ڪا دربار هوندي جتي سندن مڌر واڻيءَ ۾ ستسنگ ڪونہ ٿيو هوندو ۽ چونڪي ڪونہ لڳي هوندي، لڳ ڀڳ سڀني هنڌ سندن چونڪي ٿي ۽ سنگت کي ڄڻ جهومائي ڇڏيندا هئا. جيڪو سُرُ اڄ بہ ڄڻ ڪنن کي ياد آهي.

قدرت سان سائين راڌاڪشنلال جن جي ڪارڪت جي

سنت ڀائي خانورام



(ڀائي برجلعل)

ڀائي صاحب سنت خانورام سنڌ لاڙڪاڻي جا هئا، ننڍي عمر ۾ ئي وڏي ماتا نڪتي هئي، اُن ۾ سندن اکين جي جوت غائب ٿي ويئي.

تنهن ڪانپوءِ ڀائي جن پوڄ ڀائي سانولداس بجاج کان ڳائڻ جي وديا پرائي - سنتن جي سنگ ڪري شاسترن ۽ گربائيءَ جو ابياس ڪري سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيا.

سندن جي گلي ۾ سرسوتي ماتا جي مهر هئي جو ڳائڻ ۾ ايترو ته نپڻ ٿي ويا جو ٻڌندڙ مست ٿي ويندا هئا. ورسين تي سائين ڀڳت ڪنوررام صاحب، سائين ڪوي ڦلاجراءِ ۽ سائين خانورام صاحبن کي به گهرايو ويندو هو ۽ سندن پاٽيجو ڀائي برجلعل باجي تي، ڀائي سانولداس سارنگيءَ تي ۽ ڀائي اوڌوداس ڍڪڙن تي ساٿ هوندا هئن، هتي هندستان ۾ پڻ ڪنڌ ڪرڇ ۾ گربائيءَ جو ڪيرتن ڪري نالو ڪمايو.

سنڌونگر ۾ گيان گرو سوامي ايشورداس هنس جي نالي سنڌونگر-٢

سائين راڌاڪشنلال ۱۸ تاريخ چولو ڇڏيو هو، اُن ڪري هر مهني ۱۸ تاريخ خاص چونڪي ۾ ستسنگ ٿيندو آهي ۽ ٻيا بہ ڪلاڪار ڳائڪ ايندا آهن ۽ موج مچائيندا آهن ۽ ڪيترا من جون مُرادون پوريون ڪري ويندا آهن.

سچل صوفي درويش سنت جي گادي نشين پڻ بہ دفعا هن استان تي اچي آسيس ڪري ويا آهن، پاڪستان مان اچي ڪري.

۽ شران ڀائي ۽ سائين هريرام جن پڻ پاڪستان وڃي پنهنجي مُرشد جي درگاه جو درشن ڪري آيا آهن.


شل اهڙن سنتن فقيرن مهاپرشن صوفي سنتن جا ميلا لڳندا رهن ۽ موج مچندي رهي.

آهڙن صوفي سنتن جي نالي چونڪ جو نالو 'سچل صوفي راڌا ڪشن دربار چونڪ' تي نالو ميونسپل طرفان پاس ڪري رکيو ويو آهي.

ائڊريس : شري هريرام ڪٽاريا، سچل صوفي-راڌا ڪشن دربار چونڪ، بئرڪ-۱۵۹۰، سيڪشن-۲۷، ڀائي تلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ، سنڌونگر-۰۰۴ ۴۲۱، ضلع ٿاڻا، مهاراشٽرا.

فون نمبر : (۰۲۵۱)-۵۲۵۳۳۱

★★★★★



ڀائي ساڄنداس
چيتنداس اُداسي

سوامي سنت جوالارام صاحب اصل سنڌ لاڙڪاڻي شهر جا هئا ۽ پورن برهمچاري برهمگياني ۽ ودوان هئا، پورن سنت هئا. سندن بزار اُن بزار ۾ هوندي هئي ۽ ڌرمشالا پڻ هوندي هئي، اُنهن جي برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ سوامي گنبشداس جن وينا، هو پڻ ودوان ۽ سائينءَ جي رنگ ۾ رام نام جپائي جس کٽي ويا ۽ ڪافي ڪرامتون پڻ ڏيکاريون، هو گرهستي هوندا هئا.

تنهن ڪانپوءِ بابا چيتنداس جن گديءَ تي بزاجمان ٿيا، هو پڻ سنت پرورتيءَ ۽ اوچ خيالن جا هوندا هئا ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ وت آهر پنهنجو فرض سمجهندا هئا ۽ ڏنڌوڙي پڻ هئا ۽ شانت سڀاءَ جا گٽي هئا.

اُنهن ڪانپوءِ ڀائي ساڄنداس گادي نشين ٿيا. ڀائي صاحب ساڄنداس جو جنم هتي هندستان ۾ ئي ٿيل آهي، ۵۴-۱۰-۱ تي، هو پڻ امبرت جهڙو ڳائڻ ۽ گرو صاحبن جي باڻيءَ جا سنا ڳيانا آهن ۽ ستسنگ ڪري رام نام جپائيندا

۾ استان برپا ڪيائون، جتي ڌرم جا ڪم غريبن جي شيوا، اناج، روڪ پئسا غريبن کي ملندا آهن ۽ هر منگل تي غريبن جو ڀنڊارو ٿيندو آهي، اُن لاءِ ڀائي کانورام ٽرسٽ ٺهيل آهي.

هن وقت سندن ڀاڻيجو ڀائي برجلعل مولچند سنڀاليندڙ آهي، جيڪو پوڄ بيبه ڀڳوان منڊل جو ميمبر پڻ آهي.

ائڊريس : ڀائي برجلعل مولچند بنيجا، سنت ڀائي کانورام ٽرسٽ، سوامي ايسرداس ڌرمشالا، سنڌونگر-٣٠٠٢٤١

★★★★★

شرير کي سادو رکو. شرير فقط ڀسم جي، رک جي هڪ مٽ برابر آهي. انڪري اُنجو خاص لاڏ پيار ۽ سينگار نہ ڪريو.

— شري رامچندر ڪيشو ديو ڊونگري جي مهراج.



ڀائي ڀوورام صاحب

ڀائي صاحب سنت ڀورام ڏينگورام هندوجا ٿي گذريا آهن. سندن جنم ١٩٠١ع ۾ شڪارپور سنڌ ۾ ٿيو هو. هو ننڍپڻ کان ئيءَ سنتن جي سنگت ۾ رهيا ۽ هميشه پربوءَ جي مهما پيا ڳائيندا هئا. چوندا هئا تہ ڪرڻ ڪرائڻ وارو اُهو پرماتما ئي آهي، پاڻ کي هميشه ننڍو چوائيندا هئا.

ننڍي هوندي کان ئي هو سوامي پرمانند صاحب ۽ ڪٽ وارو بابا رامداس صاحبن جي سنگت ۾ هوندا هئا. ورهاڱي کانپوءِ بابا ڀورام جن ١٩٤٨ ۾ اُلهاسنگر ۾ دربار صاحب استاپن ڪئي، جتي پيا ميلا لڳن خاص ڪارڪتن ۾ تہ موج مچندي آهي.

سوامي جن گُرمکي وديا لاءِ ڪلاس پڻ چالو ڪيا هئا جي اڄ بہ اهن، جتان ڪافي ماڻهن لاڀ پراپت ڪيو آهي. هتي ئي سوامي جن سيني جا ڏُکہ درد ٻڌندا هئا ۽ اُن جو سماڌان يعني رستو يا نبيرو ڪندا هئا ۽ سوالين جا سوال پورا ٿيندا هئا، خوشيءَ خوشيءَ واپس ورندا هئا.

رهندا آهن. هو پڻ گرهستي ساڌ آهن، سندن کي ٽي پٽ آهن ۽ پنهنجو سٺو ڌنڌو اٿن. هتي سندن دربار پهرين نمبر ۾ بئرک ۶۵/۴ ۾ اٿن ۽ هڪ استان سهجپور، احمدآباد ۾ پڻ اٿن. هو ماڻي لڪشمي بائي پائي ايسرداس دربار ٽرسٽ جا پئٽرن آهن ۽ سنپالينڊڙ آهن، جيڪا بئرڪ ۱۴۴۷، او.ٽي. سيڪشن سنڌونگر-۴ ۾ آهي. هن وقت دربار صاحب کي نئين سر وڏي پئماني تي ٽرسٽ نهرائي رهي آهي، اُن ڪم ۾ ڪافي رُچي ڏيکاري ۽ رام نام جپائي سناتن هندو ڌرم جو پرچار ۽ نيم سان ستسنگ ڪري نالو چمڪائي رهيا آهن.

هو هن وقت پوج بيڪ پڳوان سنڌو نگر جا صلاحڪار آهن، ۽ اکل پارت سنڌي ساڌو سماج سان پڻ جُڙيل آهن.


پهرين نمبر دربار جو فون نمبر : ۵۵۴۰۴۵

ٻوٿين نمبر دربار جو فون نمبر : ۵۲۳۱۴۵

★★★★★

شل سيني گرُن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
سيني مٿان رهندي اچي





سرگواسي
ڊاڪٽر سترامداس راڌومل پمناني

سرگواسي
ڊاڪٽر اشوڪلعل ايس. پمناني
ڪپل ڊسپينسري، امبرناٿ.

شيوا ۾ : ڊاڪٽر نندلعل ايس. پمناني ۽ پائرُ ڪٽنب پريوار
ڊاڪٽر سترامداس هاسپيٽل چونڪ، سيڪشن-٢٨، سنڌونگر-٢.

سندن جو ڪافي پريم ڊاڪٽر دريلداس، شري سبتلداس ڪيماڻي ۽ ٻين سنتن سان لھہ وچڙہ گيان - گوشٽي ٿيندي رھندي ھئي، جئن سنت چرنداس، سوامي بسنترام، سوامي خانورام، سوامي أمرداس صاحب جن ھوندا ھئا.

پڇاڙيءَ جو تبيعت ناساز ھوندي بہ ڪاريہ ڪندا رھندا ھئا، ۽ دين دکين جي پرگھور لھندا ھئا، آخر ھي سنساري چولو ڇڏي سفر پورو ڪري ١٩٦٧ع ۾ برھملين ٿيا.

ھن وقت سندن دربار صاحب شريمتي موھني ٻائي ۽ شري رميشلعل جوت جڳائي وينا آھن.

سوامي ڀھورام جن جي ياد ۾ الھاسنگر ميونسپل ڪائونسل أن ٽڪريءَ واري روڊ جو نالو 'سنت ڀھروام مارگہ' پاس ڪري رکيو آھي.


شل اھڙا سنت وري وري اچن ھن ڪلجڳہ جي سمي ۾ ۽ اچي سنئين راھ ڏيکارين.

ائڊريس : سنت ڀھورام دربار، ٻيوس چونڪ پرسان، سنت ڀھورام مارگہ، سنڌونگر - ٤٢١٠٠١

فون نمبر : (آفيس) - ٥٢٣٣٠٠، (گھر) - ٥٦٥٣٥٣ (پي.ڪي. ھندوجا)

★★★★★

"सतनाम साक्षी"



"جئہ شري ڪرشن"



ستگرو سوامي ٽيئونرام صاحب



ستگرو سوامي سروانند مهراج



دادا جشن واسواڻي



ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج



ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي

سوامي ديو پرڪاش مهراج
جو سوڳڻ ڪندي

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش
مهراجن کان آسيس وٺندي



ڀائي ڊاڪٽر سپاش سوني آداسي



سوامي هرداسرام صاحب



ٺهرام ساڌولاڻي ۽ ٻلرام
ساڌولاڻي (ڪولهاپور وارا)

دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي

شري دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو جنم سنڌ جي پوتر يوميءَ تي حئدرآباد شهر ۾ ٢٥-١١-١٨٧٩ جي ڏينهن شري ليلارام واسواڻيءَ جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو وران ٻائي هو.

سندس پورو نالو ٿانورداس ليلارام واسواڻي هو. گهر ۾ ڌرمي خيالات جو ننڍڙي ٻالڪ ٿانور تي ڪافي گهرو اثر ٿيو جو سندس ماتا گرن جي ٻاڻي جپ صاحب ۽ سکمني صاحب نت نيم سان پاٺ ڪندي هئي ۽ گرن ۾ سندس ڏاڍو اعتقاد يعني وشواس هوندو هئو، ۽ وري جو سندن کي سنڌ جي مهان سماج سڌارڪ، ڪرم يوگي، شبوا جو ڪوڏيو اُستاد جنهن کي ساڌو هيرانند جي نالي ڄاتو سڃاتو ويندو آهي، اهڙي ڪامل اُستاد جي صحبت ۽ آدرش نصيب ٿيا نه ڄڻ دادا واسواڻي پارس بڻجي پيو ۽ سندن اعليٰ درجي جي ويچار ڌارا ۽ آدرشن جو سندن جي وديارٿي جيون تي گهڻو ئي پرڀاءُ پيو. دادا جن اسڪول ۾ هميشه پهريون نمبر ايندا هئا ۽ مئٽرڪ ۾ به پهريون نمبر آيا هئا، اُنڪري سندن کي اسڪالرشپ پڻ ملي جيڪا اُن وقت وڏي شان عزت جي ڳالهه هئي.

اُن وچ ۾ سندن پوجنيه پتا صاحب پرلوڪ پڌاريا هئا ۽ سندن من هميشه اُداس ۽ اُباڻڪو لڳندو هو ۽ وئراڳ ورتي

۾ پريوءِ لاءِ پيار پياس پيدا ٿي.

سندن ماتا صاحب گهڻو ئي سمجهاين ته شادي ڪر پر دادا ماتا صاحبن کي عرض ڪيو ته مان نه ان پرپنچ ۾ ڪونه پوندس ۽ سائينءَ ۽ اُن جي اُپايل جيون جي شيوا ڪندس. دادا جن ڌارمڪ گرنٿن، ڀڳوت گيتا، رامائڻ، گرباڻيءَ جو ڪافي اڀياس ڪيو ۽ اُن سان گڏو گڏ پڙهائي پڻ جاري رکي، سنڌ مان هند ۾ اچي به ڏاڪ ڇمائي نوڙت جي هڪ مورتيءَ هڪ سنڌي هوندي به انگريزيءَ وشيه ۾ بي.اي. ۾ پهريون نمبر اچي سنڌيت جو شان وڌايو، جيڪا اُن وقت وڏي فخر جي ڳالهه هئي، اُها به بامبي يونيورسٽيءَ ۾، اُنڪري سندن کي يونيورسٽيءَ طرفان خاص اسڪالرشپ ملي.

جڏهن دادا جن ڪراچيءَ آيا ته اُنهن کي اُتي ئي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو ۽ پاڙهيندي هوندي به پنهنجي پڙهائي جاري رکي ۽ ايم.اي. جي ڊگري پاس ڪيائون.

دادا جن جي وياکاڻ ۾ هڪ جُنبش هوندي هئي جو ٻڌندڙ لرزش ۽ آنند محسوس ڪندا هئا.

هڪ دفعي دادا ڀاونداس تلريجا جن ٻڌايو هو ته دادا ٽي.ايل. واسواڻي صاحب ڪراچيءَ ۾ اچي وياکاڻ ڏنو جو اهڙي ته سرل نموني سمجهائي ٻڌايائون جو اُن جو اثر اهڙو ٿيو جو بيان ڪري نٿو سگهجي (دادا ڀاونداس برهمو سماج وارا)

تنهن کانپوءِ دادا ڪلڪتي ڪاليج ۾ ڪجهه وقت پرنسيپال ٿي رهيا، اُتي سنت نالودا سان سندن جي ملاقات

ڪيو اٿائون ۽ ڪن پيا.

هن داس نندڙي ٻالڪ ڊاڪٽر سپاش (سونيءَ) اُداسيءَ کي بہ هڪ دفعو دادا سنت درويش ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي صاحب جهڙي عظيم اعليٰ شخصيت جو درشن ۽ آسيس نصيب ٿي، اٽڪل ١٩٦٢ع ۾ پوني جي ميران سنسٿا ۾ جڏهن مان نيتاجي اسڪول ۾ پڙهندو هوس، ڪلاس ٽيچر سائين روپاڻي هوندا هئا ۽ سنڌي وشيہ ۾ ماستر سائين ديال آشا هئا.

اهڙي شخصيت سنڌين جو مهان دارشنڪ پارت جي مهان آتما جنهن کي سڄي دنيا جا وڏا ماڻهو بہ جُهڪي ملندا هئا، اُهي آخر وڃي ١٦/١/١٩٦٦ جي پرڀوءَ جي جوت ۾ برهملين ٿي ويا.

هن وقت سندن جي پوڪ جيڪا ڪيل آهي، اُنهن کي دادا جشن واسواڻي ۽ داد گنگارام ۽ ماتا هري ديوي واسواڻي اڄان بہ پاڻي ڏيئي سنواري سينگاري اُن جي سُڳند ۽ آنند سڄي دنيا ۾ ڦهلائي رهيا آهن.

★★★★★★

مهان سنت دارشنڪ، ودوان گيان گرو روپ ۾ مليا جن جي آسيس سان دادا رچي يوگي ڪرم يوگي ساڌو بڻجي ويا ۽ جيڪا سندن جي دل جي پياس هئي تہ تياڳہ فقيري پريوءَ جي راه پريم جي گنگا ۽ شيوا ڪاريہ جي جوت جڳايان ۽ غريبن مسڪينن گگدامن پسن پکين جي شيوا ۽ سماج مان اوڻايون ڪڍي روشن راهہ بڻايان، اُن لاءِ پاڻ اَرپن ڪري ڇڏيو.

هو ديش ڀڳت پڻ هئا، سندن تي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جو وڏو اثر هئو. اُن وچہ مانا صاحب بہ چالاڪو ڪري ويا تہ وئراڳہ پئدا ٿين ۽ پريوءَ جي راه تي نڪري نرواڻ ٿي ويا.

شري گرو نانڪ ديو صاحبن جئن پاڻ کي ٻِداسِ چوايو، اهڙي نموني دادا جن بہ پاڻ ننڍو داس سمجهي شيوا ڪاريہ ڪرڻ لڳا. گرديو ٽئگور ۽ ڪبير سنت وانگر پاڻ بہ ڪاويہ گرنٿن جي رچنا ڪيائون ’نوري گرنت‘ ۽ ’اَنجلي‘. سوامي وويڪانند وانگر ننڍي هوندي کان ئي فيلسوف، دارشنڪ روحاني سنت هئا ۽ اُن وانگر ئي وَشوَ ڌرم جي سميلن ۾ شريڪ ٿيا ۽ وياکياڻ ڏنائون جو اُتي آيل لوڪ اهڙي الوڪڪ دارشنڪ وياکياڻ ٻڌي هتُ پِرَڀُ مگڌ ٿي ويا ۽ دادا جن وشوَ وکيات ٿي پيا.

هنن حيدرآباد ۾ ميران اسڪول کوليو ۽ وري ورهاڱي کانپوءِ دادا جن هتي پوني ۾ ميران اسڪول، ڪاليج، ناري شالائون، دواخانو ۽ ميران سنستا برپا ڪيائون، غريب غُربن جي مدد لاءِ اُن ميران اسڪول ۾ شڪشا سان گڏ چريتر تي بہ خاص ڌيان ڏيندا هئا، جنهن مان هزارين هيرا جواهر ماڻڪ موتي ننڍڙا ٻال گوپال بڻيا ۽ پنهنجو آئينده روشن

دادا جو درشن ڪرڻ ۽ ملڻ جو موقعو مليو آهي. هڪ دفعي دادا دولترام منگتاڻيءَ جي گهر ۾، هڪ دفعو پوائي چونڪ وٽ ناکي جي پرسان پريمبن جي ڪري ڪار مان لٿا، اُن وقت مان اوچتو اُتان لنگهيس ته ڏسان دادا جشن واسواڻي ڪار مان لهي رهيا آهن، هڪ سردار ڪار مان لهندي اُنهن کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري رهيو هو، مان به ٽڪڙو ٽڪڙو ماڻهن کي پاسي ڪري وڃي دادا جن کان آسيس گهري ۽ پيري پيومان، پر اچي پيري پئي ڦاٿس جو دادا پاڻ منهنجي پيري پيا پون، آخر جڏهن مان دادا کان معافي گهري ۽ هٿ جوڙيا تڏهن اهڙو ته پريم جو پاڪر پاتائون جو مونکي ٿورو بخار به هئو ته بخار پرَ ڪري اُڏامي ويو، اهو آسيس ۽ پريم جو پاڪُر اڄ به محسوس ڪندو آهيان ڄڻ دادا سامهون بيٺا آهن.

هڪ دفعو ميونسپل ڪائونسل ۾ فنڪشن ٿيو، جنهن ۾ دادا جن شِرڪت ڪئي ۽ ڪائونسل جو مانُ ۽ شانُ وڌايو ۽ آسيس ڪري ويا ۽ سڏن صاف اکرن ۾ چيو ته ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي، هڪ کي اڳوان ڪري هلايو ته ڏسو ته ڇا ڪونه ٿو ٿئي، هڪٻئي جي ٽنگ نه ڇڪيو. دادا جي پاشڻ يعني وياکياڻ ۾ ايتري ته مٺڙي ٻولي سَرَل سڀاءُ سان هوندي آهي جو پورو واتاورڻ سڏ ٻڌ ڪوئي وهندو آهي ۽ آتم گيان ۾ ورڌي ٿيندي آهي ۽ من کي ڇُهي ويندو آهي ۽ من نري پوندو آهي.

هو به سوامي وويڪانند وانگر ڪرم يوگي ڏرمشٽ سنڌي جاتيءَ جا رهنمان سونهارا ڀهٽا آهن، جن سڄي دُنيا ۾ پنهنجي ڪامل گُرو دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ جو سنديش اَمن، شانتي سادگي، نمرتا، پشن پکين جي سنڀال سبوا، چريترواِن تيا

وِشوَ شانتي دوُت - داد جشن واسواڻي

سنڌ جي حئدرآباد شهر ۾ داد جشن واسواڻيءَ جو جنم ٢ آگسٽ ١٩١٨ع ۾ شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي گهر ٿيو. سندن ماتا جو نالو ڪرشنا ديوي هئو.

هو ڀي دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي ڪُل جا هئا. گهرو ماحول جو سندن تي ڪافي پرڀاءُ پيو.

دادا جشن روحاني رهبر جو روحاني وارث آهي. جيئن ديا، ڏکين بيواهن جو همدرد، مسڪينن جو همراهُ بڻجي پيو ڪم ڪري. دادا جن ننڍي عمر جواني چالو ٿيندي ئي مئٽرڪ پاس ڪئي، اٽڪل ٢٤-٢٥ سالن جي عمر ۾ ئي دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي صحبت ۾ شيوا ۾ رهيو ۽ سندن آسيس سان آتم گيان پراپت ڪيو.

سندن جي ايم.ايس.اسي. پاس ڪيل آهي ۽ هڪ اعليٰ ڪوي ۽ ليکڪ پڻ آهن، سندن جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. هو هڪ 'ايسٽ-ويسٽ' مخزن ماهوار ڪڍندا آهن، پتريڪا جي روپ ۾. دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي چوڻ تي هو ميران اسڪول جا پرنسيپال پڻ ٿي رهيا. دادا کي فلاسافيءَ جي ڪتاب تي ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي آنرري ڊگري مليل آهي آمريڪا مان.

دادا جي رهڻي ڪرڻي سرل سادگيءَ ۽ پريم سان ڀريل آهي. هن داس ڊاڪٽر سپاش (سونيءَ) کي ٻه ٽي دفعا

سنت شرومڻي سوامي ٽيئونرام صاحب

پريو بہ اُنهن ۾ ٿو وسي جيڪي پريوءَ جي اُپاٻلن جي شيوا ٿا ڪن، اهڙن مهان وڀوتين مان سنت شرومڻي سوامي ٽيئونرام صاحب پڻ هڪ هئا.

سندن جنم حيدرآباد ضلع جي ڪنڊو ڳوٺ ۾ شري ڇبلارام آسنداس کتريءَ جي گهر ٿيو هو ۽ سندن ماتا جو نالو ڪرشنا ديوي هو.

گهر ۾ ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن ڪري سندن تي بہ ڪافي اثر هئو. هو هڪ اساڌارڻ ٻالڪ هئا، جڏهن ٻيا ٻار راند روند ۾ مشغول هوندا آهن تہ هي سنت پرورتيءَ جا ٻالڪ هئا ۽ ٻيا ننڍپڻ کان ئي رام نام جپي ۽ جپائي ڏني لڳايائون، سندن من پڙهائيءَ ۾ ڪونہ لڳندو هو، ۽ هميشه سنتن جي سنگ ۾ رهندا هئا، ننڍي عمر ۾ ۱۴-۱۵ سالن ۾ پرسڌ صوفي سنت آسورام صاحب کان گُر منتر ورتو.

سندن گهر ۾ پڻ پتا صاحب هرروز نت نيم سان ستسنگ ڪندا هئا. پتا جي ديهانت کانپوءِ هو پڻ سندن راهہ تي هلي ستسنگ ڪندا هئا، خاص يڪتارو کڻي ڳائيندا هئا، هو اهڙو ۽ سرل سهڻي نموني ستسنگ ڪندا هئا جو ٻڌندڙ منتر مگڌ ٿي ويندا هئا.

سندن جو دُڪان ۽ کيتي ٻاڙي هوندي هئي.

جڏهن گرونانڪ ديو صاحبن دُڪان تي وهندي سنت فقير ۽ غريب غربي کي سيڌو مفت ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا، تهڙي نموني هي سنت سوامي ٽيئونرام جن بہ ڪندا هئا، ٿورو

دين ڏکين جي سنڀال، وڏياڊان، ڏيتي ليتيءَ کي گناهه ڪري ليکڻ ۽ ڪُرسمون ڪيڻ لاءِ هرهنڌ پيغام پهچائي رهيا آهن.

دادا جن سنت فقير تبيعت جا مهان آتما جو روپ آهن جن جي بڌايل راهه اسان جو ۽ پوري دنيا جو آتمڪ گيان وڌائي رهي آهي. سندن سمجهاڻي يعني ليڪچر روپ ٽائيم جو پائبند هوندو آهي ۽ هو ٽائيم جو قدر ڪرڻ جي پڻ جڻ شڪشا ئي ڏيندا آهن.

اهڙن سنتن درويشي روحاني رهبرن جي نه فقط سنڌي جاتيءَ کي پر پوري وِشوَ کي ضرورت آهي.

اهڙي وشوَ آتما کي 'پارت رتن' ملڻ گهرجي.

ڪنهن سنت چيو آهي ته :-

بدلي وٺڻ جي شڪتي هوندي به جو سهن ڪري ٿو،
اُهو ڀاڳيوان آهي - ننڊا سهندا نه پڪ اڳتي وڌندا.

شرير کي سادو رکو - شرير فقط ڀسم آهي،
رکه جي هڪ مٺِ برابر آهي - اُنڪري اُنجو خاص لاڏ پيار ۽ سينگار نه ڪيو.

هرهڪ ديو جي وندنا ۽ پوڃا ڪريو، پر ڏيان هڪ ديوَ جو ڪريو، ڏيان کان سواءِ ساکياتڪار ڪين ٿيندو.

★★★★★

سنت شرومڻي سوامي ٽيئونرام صاحبن ’پريم پرڪاش گرنٿ‘ جي اَدِيت ڪاويہ رچنا ڪئي آهي، جيڪا اڄ بہ انسان ذات جي راه روشن ڪري رهي آهي، سنتن سنڌي، هنديءَ ۾ ٻنهي ڀاشائن ۾ رچنا رچيون آهن.

جئن سنت ڪبير کي مڃيو ويندو آهي، تئين سوامي ٽيئونرام مهراجن کي بہ سنڌ جو سنت ڪبير چوڻ غلط ڪونہ ٿيندو.

سندن جون ٻيون بہ ڪيتريون ڪتائون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن (اُهي احوال سان لکڻ ويهبو تہ هڪ ٻيو گرنٿ ٿي ويندو)

هنن سنتن هزارين ماڻهن جا ڪارج راس ڪيا ۽ سَتيہ، سبوا، سادگيءَ، ڀڳتيءَ جي گيان جو سنيهو ڏيندي پنهنجي سنساري ياترا پوري ڪئي ۽ ١٩٤٢ ۾ جوتي جوت سمايا.

سندن گديءَ تنهن ڪانپوءِ شرڌيہ سنت سوامي سروانند مهراج جن گاديءَ تي آسين ٿيا.

اُنهن بہ ڪافي گيان گنگا سنسارڪ انسانن ۾ نام روپي پيغام رستي ڏني ۽ ويدانت جي مهما ٻڌائي. هو نہ فقط هندستان ۾ پر ٻاهرين ملڪن ۾ بہ وڃي هندو سناتن ڌرم جو پرچار ڪندا هئا ۽ رام نام جپائيندا هئا ۽ ديش وديش ۾ نالو روشن ڪيائون ۽ پرم پرڪاش منڊل کي ڪافي اڳتي وڌائي ويا.

اهڙا گياني ستگرو ١٩٧٧ ۾ برهملين ٿيا ۽ پنهنجا اُترا اڌڪاري - شانتي پرڪاش مهراجن کي ڪري ويا جيڪي پوءِ اُن گاديءَ تي براجمان ٿيا.

★★★★★

سمبه هو ڏڪان سنڀاليندا هئا ۽ باقي ٽائيم رام نام ڀڄا ڄپيندا هئا، سندن جي اهڙي هلت چلت ڏسي سندن وڏي ڀاءُ ڪيتي ڀاڙيءُ جو ڪم ڏسڻ لاءِ سونپيو پر هيءُ هئا ئي سنت ته اهو ڪم ڪيئن ڪن ۽ اُن ۾ به سندن مَنُ ڪونه لڳندو هون، هو ته پرماتما ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ ۾ پنهنجو لڪش سمجهندا هئا.

هو نت نيم سان ستسنگ ڪندا هئا، هو ديش ڀڳت پڻ هوندا هئا ۽ وئراڳه مئه جيون جا سنت هوندا هئا، سندن جا ڪيترا ڀڄن پڻ ڇپيل آهن.

سندن ستسنگ جي ڌاڪ پوري سنڌ ۾ هوندي هئي، اُن ڪري ڪيترن کي اها ڳالهه ڪونه وڻندي هئي، پر سنت ته برهمگياني هئا، اُن تي ڌيان ڪونه ڏيندا هئا ۽ پرڀوءَ جي آراڌنا اَرچنا ۾ اڳي کان اڳرا هئا، آخر اُنهن ماڻهن کي سندن جي آڌياتمڪ گيان امبرت جي رَسُ کي مٺو ٽيڪڻو پيو ۽ سنتن کان معافي وٺي اُهي به پنهنجو جيون سڦلو ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي اگيانتا کي دور ڪرڻ لڳا.

تنهن کان پوءِ سنت پريم پرڪاش منڊلي ٺاهي ۽ سڄي سنڌ ۾ رٽن ڪري رام نام جپائيندا رهيا ۽ صحي مارگه ٻڌائيندا هئا ته ست ڪرم، غريبن جي شيوا، ڳئون جي رکشا ڪرڻ ۽ ايشور ڀڳتيءَ ۾ ئي جيون سڦلو ٿيڻو آهي، هو سڀني ڌرمن جي عزت ڪندا هئا ۽ مانس نه کائڻ لاءِ چوندا هئا، اُن جو وروڌ ڪندا هئا ته مانس کائڻ پاپ آهي جيوَ هتيا پاپ آهي.

سندن ڪرڻيءَ ۽ چوڻيءَ کي هرڪو مڃيندو هو، جو ڪيترن مسلمانن به سندن کي مڃي مانس جو واهپو بند ڪيو هو.

’ستنام ساکي‘ منتر ڏئي ڪيترن کي گيان جو رستو يعني مارگه ٻڌايو.

سائين شانتي پرڪاش جهڙو نالو هون شانتي معنيٰ امن پيار محبت چوڌاري پريم پيار وارو واتاورڻ شانت چت ۽ پرڪاش معنيٰ انڌڪار دور ڪري سچي گيان جي گنگا جو پرواهه ڪرڻ، اُنهن مان هي لڪل لعل ثابت ٿيا. گيان روپي روشني انسان ذات جي خدمت، گئو ماتا جي رکشا، سماجڪ ڪاريه، ست ڪرم ڪرڻ ۽ ڪرم ۾ وشواس رکڻ ئي ڌرم سمجهو ۽ دين دکين پسن پکين بيزبان گگدامن جي سار سنڀال جي روشني ڦهلائي.

سناتن ڌرم سان گڏو گڏ شڪرت جا ڪم اسپتالون، گئو شالائون، وديا لاءِ اسڪول، ڌرمشالائون، ستسنگ هال، سماج مان اوٽايون ڪڍڻ لاءِ، ساموهڪ شاديون ڪرائڻ، ساموهڪ جٿيا ۽ قدرتي آپدائن وقت مدد موڪلڻ جهڙا نيڪ ڪم تنهن ڪانسواءِ تعليمدانن، ليکڪن، ڪوين جي همت افزائي ڪرڻ، ڪلاڪارن کي همٿائڻ جهڙا اُتم ڪاريه ڪرڻ ۾ هميشه اڳرا رهيا. غريب نياڻين جي شاديءَ ۾ مدد ڪرڻ، غريبن کي ڪپڙو اناج ڏيڻ، ٻڍڙن جي سار سنڀال لاءِ ٻڍا آشرم کولڻ جهڙا ڪاريه سائين سنگرو شانتي پرڪاش مهراجن کي هميشه ياد ڪندا رهندا ۽ سڀني کي پريرنا بخشيندا رهندا.

سائين جن ديش پڳتن کي بہ هميشه وڏو درجو ڏيندا هئا ۽ عزت ڪندا هئا.

هو نمرتا جا پندار هئا، پاڻ سنا ڪوي پڻ هئا، ويني ويني پڇن ٺاهي ڳائيندا هئا، سندن جي ڪنٺ ۾ سرسوتي ماتا واسو ڪندي هئي.

هو هندو سناتن ڌرم جا پرچارڪ ٿي هند سنڌ سنڌولگر

سنڌونگر جا - ’اَمن جا پئگمبر‘
سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج

جبڪو پوڪبو، اُهو ئي لُٽبو، ائين وڏن جي چوڻي آهي.

گيتا ۾ لکيل آهي پريورتن ئي سميہ ڪا نيم هئہ.

سوامي جن جو جنم ۱۹۰۷ ۾ چڪ ڳوٺ سکر ضلع ۾ ناريل پورنما جي شڀ ڏينهن تي ٿيو هو.

وڏي ماتا جي نڪرڻ ڪري سنتن جي جوت پرماتما ڏي هلي وئي ۽ اندر جي جوت اهڙي جاڳي جو سنسار ۾ اُن روشني ڦهلائي.

پهرين هو سائين هرچورام صاحبن جي شرن ۾ هئا، جن سندن کي آتمڪ گيان بخشيو (جن کي پڻ سوامي جن گُرو در ڪري مڃيندا هئا). تنهن کانپوءِ سائين جن امراپور وڏي دربار جي سوامي سنت ٽيئونرام مهراجن کي گُرو ڪري وديا پراپت ڪئي ۽ رچي راس ٿي پارس ٿي پيا.

سنڌ کانپوءِ هتي ڪلياڻ ڪئمپ نمبر پنجين ۾ هڪ ڪُٽيا نما هي استان برپا ڪيائون، پاڻ فقير قسم جا بنا ڪنهن اڊمبر جي ڌرم جي پرچار ۽ ستسنگہ سان سنگت کي ڪرتارٿ ڪندا رهندا هئا.

ائين تہ سنت هند سنڌ ۾ ڪافي ٿيا آهن، جن پنهنجي پنهنجي طريقي منش ذات لاءِ پاڻ پي پتوڙيو آهي، صحي رستو ڏيکارڻ لاءِ.

ويدانت آچاريہ - سوامي ديو پرڪاش مهراج

ٻالڪ سنمکہ جو جنم ۴۲-۱-۱ ۾ حئدر چانڊيو ڳوٺ ضلع لاڙڪاڻو سنڌ ۾ ٿيو. سندن ماتا پتا شري حڪمتراءِ ۽ ماتا تلسي ديويءَ جي گهر ٿيو ۽ اُنهن جي ممتا ڀري گود ۾ پليو نپنيو وڏو ٿيو.

هتي هو سنڌونگر ۾ پرم پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جا شش ٿيا جن سندن کي گرو منتر ڏنو ۽ سنياس آشرم ۾ داخل ڪيو. لڳاتار ۲۰-۲۵ سال سوامي جن جي چرنن ۾ رهي شيوا ڪندا رهيا، اُن وقت سوامي جن سندن جا صد ڪرم، شيوا ڀاءُ، نماڻائپ ڏسي ڪاشيءَ وديا پراپت لاءِ ۽ شاسترن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ پنهنجي حليمائپ ۽ اڀياس ڪانپوءِ رچي راس ٿي 'ويدانت آچاريہ' جي اُپاڌي حاصل ڪري موٽيا.

وري سوامي پنهنجي سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي شيوا ۾ لڳي ويا ۽ شاسترن ۽ پريم ڀڳتيءَ سان ستسنگہ ڪرڻ لڳا ۽ سيني کي گيان جي گنگا ڏيڻ لڳا ۽ پڻ ڪيترا دفعا سوامي جن سان گڏ ديش وديش ۾ پڻ ويا ۽ سناتن ڌرم هندو ڌرم جي پرچار ۾ اڳرا رهيا. سوامي جن سندن نالو سنمکہ مان ديو پرڪاش رکيو هو. جنهن جو

نہ پر پوري دنيا ۾ ناماچار ڪيائي ويا، سندن سچي دنيا ۾ ڪافي پريمي آهن.

اهڙن مهان ڪرم يوڳي ست پرش برهمگياني جن بہ هي سنساري سفر پورو ڪيو، جڏهن جنم سڦلو ڪري امن شانتيءَ جو پيغام ڏيندي سينگاپور ويندي هوائي جهاز ۾ ئي انڪل ٨٦ سالن جي پاڪ دامن جيون جي ١٥ آگسٽ ڏينهن هي چولو ڇڏي جڏهن هوا ۾ ئي پريو پرماتما سان لين ٿي برهملين ٿي ويا.

سندن پارٿيہ سرير جي درشن لاءِ سڄو شهر اچي پلٽيو ۽ روئندو رهيو. سندن سماڌي بہ آشرم ۾ ئي ٺاهي ويئي آهي ۽ روز سنگت درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيندي آهي.

سنتن چيو آهي تہ :-

’جب تُمُ پئدا هئي تم روئہ جگہ هسين
ائسني ڪرڻي ڪر چلو جب تُم هسين، جگہ روئہ‘

هن وقت پريم پرڪاش يعنيٰ ٽيئونرام صاحب ۽ سوامي شانتي پرڪاش مهراجن ڪانپوءِ سوامي هرداسرام صاحب گاديءَ تي براجمان آهن.

ائڊريس : سوامي ٽيئونرام آشرم، سنڌونگر-٣٢١٠٠٥

فون نمبر : ٥٥٢١٣٧، ٥٥٠٥٣٢

★★★★★



سوامي برهمداس اُداسين

سندن آصل نالو ڀڳوانداس آهي، هو پرم پوڄنيہ سوامي تلوڪداس اُداسين جا پرم شش آهن، اُنهن ئي سندن نالو ٻيڪہ ڏئي برهمداس رکيو هو، هن وقت سندن اُلهاسنگر ۾ هڪ سهڻو آشرم جتہ بابا نالي استاپن ڪيل آهي، جيڪو سندن گُرن جي نالي سان شروع ٿيل آهي.

سندن اصل شهر سکر آهي ۽ سندن جنم گرو نانڪ ڏيو صاحبن جي ڄڻيءَ واري ڏينهن ۱۹۴۷ ۾ ٿيو آهي، اهڙي شڀ ڏينهن تي.

هنن سنتن پنهنجي اَتڪ محنت لڳن شيوا ڀاءُ سان پنهنجي استان کي سٺو ٺاهيو آهي ۽ سنواريو آهي ۽ سال ۾ ٽي چار ميلا پڻ لڳائيندا آهن.

هو هن زماني جي رُخ سان گڏ هلي بي.اي. ۽ رتن هنديءَ ۾ ۽ سنسڪرت جا ودوان آهن ۽ سنا گياتا آهن.

هو ساماجڪ ۽ ڌرمي ڪارين ۾ هميشه اڳرا رهندا آهن ۽ ليکڪن، ودوانن، ڪوين، تعليمدانن، جرنلستن کي سماج

مطلب آهي ديو يعني ديو پُرش ڀڳوان ۽ پرڪاش معنيٰ روشني
مطلب دويه روشني، ۽ هو اُنتي ساڪار پڻ ڪري رهيا آهن
۽ دين ڏکين جي شيوا، گئو شيوا، سنتن جي شيوا ۽ سنگت
کي ستسنگ روپي گيان گنگا پيئاري رَسُ وتائي گيان ڏيڻ
۽ سڀني کي ڪرتارٿ ڪري رهيا آهن، سندن ماڪيءَ ڪان
متا اکر يعني ستسنگ جي واڻي ٻڌي، سڀني کي سئين راه
ڏيکارڻ ۽ ڏک دور ڪري رهيا آهن.

پنهنجن وڏن گُرن وانگر ساماجڪ پنگتي ڪاريه هن
وقت هو سوامي شانتي پرڪاش مندر جا سنڀاليندڙ آهن ۽
پڻ ساڌو سماج جا ڀُهٽا آهن ۽ ميمبر پڻ آهن.

اڊريس : سوامي ٽيئونرام مهراج آشرم، سنڌونگر-٠٠٥ ٤٢١

★★★★★



سائین اَٹلرام صاحب



سائین ڈرمداس صاحب



سائین پلرام صاحب



سائین پیسورام صاحب

جو هڪ گهٽو سمجهندا آهن.

ساموهڪ شاديون ۽ ساموهڪ جڻيا ٽين، اُنهن کي همٿائيندا رهندا آهن ۽ اهڙا پروگرام پنهنجي استان تي ڪيترائي دفعا ڪرائي جس ڪٽيو اٿن.

اهڙي نموني هو ساماجڪ ۽ پنگتي ۽ ڌارمڪ ڪارين ۾ هميشه اڳرا رهندا آهن.

۽ سندن ٺهرايل جڳه بابا لانس ۽ سوامي برهمداس لانس ۽ اديبن ليکڪن ۽ ودوانن جون گڏجاڻيون ۽ جلسا پيا ڪندا آهن.

سندن جا پريمي هندستان ۾ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پڻ آهن، جتي وقت به وقت وچي ستسنگ ڪندا آهن ۽ هتي به روز نت نيم سان ستسنگ ٿيندو رهندو آهي.

هاڻي هردوار ۾ پڻ هڪ وڏي سندر ڌرمشالا ۽ ستسنگ هال ٺهرائي رهيا آهن، جيڪو ڪافي وڏو ۽ سندر نموني هوندو.

سنتن ۴ ڌام تيرٿن جا به درشن ڪرايا آهن، ڪافي سنگت تي آئي آهي ۽ ڪنڀ جي ميلي ۾ ان ڪيتر پڻ لڳائيندا آهن.

هو پوڄ ٻيڪه پڳوان سنڌونگر جا صلاحڪار ۽ اکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جا پرچار منتري پڻ رهي چُڪا آهن.

★★★★★

شل سيني ٽڙن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس
أسان مٿان رهندي أچي

راس ٿيا. ڪافي ڪرامتون پڻ ٻڌڻ ۾ اينديون آهن. سندن دَرَ تان ڪو سوالي خالي ڪونه موٽيو ۽ مانگهه جي مهني جي ١٩٤٢ ۾ هي سنت برهملين ٿيا.

هن وقت سندن آشرم - دربار چوٿين نمبر جي پوائي چونڪ وٽ سائين ڏامارام صاحب جي نالي مشهور آهي ۽ ڀائي ڪوڏورام جن دربار سنڀاليندا آهن ۽ هو به سنگيت وديا ۽ گُرباڻيءَ جا ڄاڻا جانڪار آهن ۽ نت نيم سان ستسنگ ڪري وڏن جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. هو پوڄ ٻيڪ ڀڳوان سنڌونگر جا ميمبر آهن ۽ هميشه ڀيا ميلا لڳائن ۽ سنتن جي سنگ ۾ آهن.

هن دربار جا مکيه شيواڌاري سنت نامديو پڻ شيوا ڪري پنهنجو جيون سڦلو بڻائي ڪمائي ڪري ويا آهن جو سندن جون به ورسيون لڳنديون آهن، سندن جا سپتر پورنداس ۽ پريتم ڪُڪريڃا پڻ اُنهن جي مهما چالُو رکي شيوا ڪاريه ڪندا رهن ٿا.

ائڊريس : ڀائي ڪوڏورام، سائين ڏامارام دربار، پوائي چونڪ، سنڌونگر-٤٢١٠٠٤

فون نمبر : (دربار)-٥٢٩١٤٤

★★★★★

سنت ڏامارام صاحب



(ڀائي ڪوڏورام)

ڪافي سنتن جي سنڌ ڀومي ڪرم ڀومي ۽ جنم ڀومي ۽ هڪ قسم جو تپو وَن ٿي رهي آهي، اُنهن مان هڪ هئا سنت ڏامارام صاحب.

سندن جنم سنڌ ۾ چونڊڪي ڳوٺ خيرپور ۾ ٿيو. هو شروع کان وٺي ئي جڏهن وڏو ٿيو ته سندس پِتا صاحب شادي ڪرائي، ڏنڌي تي لڳايو، پر سندن جي مَن دُنيوي مايا جار ۾ دِلِ ڪونه لڳندي هئي.

تنهن کان پوءِ هو سنتن جي سيوا ڪندا هئا ۽ سنتن سان گڏ هردوار آيا ۽ گنگا جي گود ۾ ويهي ڀڳوان جو نام جپيندا هئا ۽ سنتن جي سنگ رهڻ لڳا ۽ ورڪت پرورتيءَ جي سنتن وانگر هلت هلڻ لڳا ۽ سادنا ۾ لين رهڻ لڳا، هو موه مايا کان ڪوه پرتي رهندا هئا، آخر گهڻن پريمين جي زور بار تي خاص ڪري شري سنت نامديوَ مهراج کين پير ڳوٺ وٺي آيا، اُتي چاليهي صاحب پرسان ڏيوري نهرائي ڏني، جتي هو رهندا هئا، ڏينهن ۾ هڪ دفعو رسوئي ورتائيندا هئا ۽ تمام ٿورو ڳالهائيندا هئا.

ڀڳتيءَ ۾ ئي شڪتي آهي، اهو ساڪار ڪيائون ۽ رَچي

تہ ڀائي اُمولڪداس پاڻ چيو تہ مان گُرن جي شيوا ڪندس. تنهن ڪانپوءِ ڀيکہ ڀڳوان فيصلو ڪيو تہ ڀائي هيرانند جي پٽ ڀائي مانڊوداس کي آسڻ تي ۽ اُمولڪداس کي گاديءَ تي ويهاريو ويندو ۽ پوءِ بابا ٽهلداس جي گاديءَ تي بابا اُمولڪداس کي گاديءَ تي ويهاريو ويو ۽ شوڀا ياترا ۽ ڀنڊارو ڪيو ويو.

سندن کي شوڀا ياترا ۾ ۽ ٻين سنتن کي مٺ مندر کان دربار تائين گلن جا هار سڀني کي وجهي شوڀا ياترا ڪرائي ۽ پئنچات طرفان پڻ جوڳو سٽڪار ڪيو ويو، سڀني سنتن جو، ۽ ماترا صاحب، دلہ صاحب، سيلي صاحب جو اُچارڻ پوڄا ڪري، ڀيکہ طرفان ويدن منترن جي اُچارڻ ڪانپوءِ نرسنگهي جي ڏنيءَ سان گاديءَ تي ويهاريو ويو. ڀائي صاحب قنبر وارن سنت سوامي سنمکداس صاحب اُداسين جي هٿان ۽ سروپا ڀيٽ ڪندي بابا اُمولڪداس کي گاديءَ تي ويهاريو ويو. اُتي ڀيکہ ڀڳوان جا ٻيا سنت پڻ حاضر هئا، جئن تہ ساڌو ٻيلا آشرم وارن، سوامي شانتي پرڪاش، سوامي تلوڪداس نج ڌام وارا، سنت سوامي بابا تلسيداس رامداس اُداسي چوٿين نمبر وارا سنت، سائين گوپارام، سائين وسڻ گهوٽ وارا سنت، شري مهنت چرنداس مهراج، سوامي پريم پرڪاش وڏي دربار پير ڳوٺ وارا، سنت نامنداس، ڀائي ڪندارام، سوامي پهلداس مهراج سپاش ٽيڪريءَ وارا سنت، سوامي ڪرشنانند ڀارتي هردوار ۽ ڪيترا ٻيا سنت مهاتمائون حاضر هئا ۽ پڇاڙيءَ ۾ شري ڪمباداس اُداسين ۽ شري پنجورام ورما سڀني آيل سنتن جي شڪر گذاري ڪئي ۽ گاديءَ تي ويهڻ ڪانپوءِ بابا اُمولڪداس جن پنجن ئي ڪئمپن ۾ مکيہ اسٿانن تي مٿو ٽيڪڻ ويا ۽ آسيس ورتي.


کٽ جي ڪرامت :-

ورهاڱي ڪانپوءِ سائين گنگارام صاحبن جي کٽ جا پاوا رام

مهنت بابا آمولڪداس صاحب



برهملين بابا امولڪداس اداسي




ڀائي شنڪرلعل امولڪداس اداسي (اوچاڻي)

ايتري عمر شايد اٽڪل ٧٨ سالن جو ڦڙت نوجوان پنهنجي تمام گهڻي مشغولين جي باوجود سماجڪ ڪارين ۾ پڻ پهرين قطار جو ليڊر آهي، اُن پٺيان سندس ڌرمپتني شريمتي ڊاڪٽر گوپي ناري گُرسهاڻيءَ جو پڻ ڪافي وڏو يوگدان آهي. چوڻي آهي تہ هر ڪامياب انسان جي پٺيان ڪنهن استريءَ جو هٿ ضرور هوندو آهي، اُن کي سندس ڌرمپتنيءَ ڪافي حد تائين سچو ثابت ڪيو آهي ۽ سندس ڌيئرن جو هٿ پڻ ڪافي رهيو آهي جيتري قدر مونکي خبر آهي.

شري ناري گُرسهاڻيءَ صاحب جا پتا صاحب پڻ قابل وڪيل هوندا هئا دادا هرداسمل گُرسهاڻي صاحب.

هي صاحب ڪيترين پنگتي - سوشل - تعليمي - قانوني سنستائن سان جُڙيل آهن، جي هڪ هڪ جو بہ ذڪر ڪيو تہ هڪ ڪافي وڏو ڪتاب ٺهي ويندو.

اُلهاسنگر کي ڪارپوريشن کان الڳہ رکڻ لاءِ سندس وڪالت سان گڏوگڏ وڏن ليڊرن سان ناتا پڻ ڪافي ڪم آيا هئا، جو رات جو بہ چيف منسٽر کي اُٿاري بہ ڪم ڪرائڻ جي ڏانوَ ڪم آئي.

ڪيترن کي جيڪي شيڊيول ڪاسٽ ۾ هئا ۽ سرٽيفڪيٽ ڪونہ هئن، اُنهن کي ڪورٽ جي معرفت ڪم ڪرائي ڏنو اٿائين جو اڄ اُهي ڪيترا ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ وڏن عهدن تي آهن ۽ سندس کي دُعائون ڪري رهيا آهن.



همدرد ۽ سنڌين جو لاڏلو نيتا
شري ناري هرداسمل
ڳُرسهاڻي صاحب

شري ناري ڳُرسهاڻيءَ جو نالو اڳ به هو، هاڻي به آهي ۽ پوءِ به رهندو. جئن سنڌين ۾ ڀڳت ڪنوررام، شري رام پنجواڻي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي سنت فقير مشهور آهن، اهڙي نموني ٻارن ۽ وڏن جي زبان تي جي ڪنهن ليڊر جو نالو هِندُ يا ٻاهرين ديشن ۾ آهي ته اُهو آهي ناري ڳُرسهاڻي جنهن کي صرف ناري به چئو ته پيو مشڪندو، اهڙو ته پيارو شخصيت جو ڏٺي آهي.

اُلهاسنگر تي يا هندستان ۾ ڪٿي به ڪا سنڌين تي مصيبت اَچي ته هيءُ ئي ليڊر آهي جيڪو طبيعت نيڪ ڪونه هوندي به اُتي پهچندو ۽ تن من ڌن ۽ وڪالت ڪري اُها مصيبت دُور ڪرڻ جي ڀرسڪ ڪوشش ڪندو آهي.

هو شيوا کي ڪرم ڪري ۽ ڏُکين کي غريبن کي همدرد دوستن وانگر ٻڌي طاقت آهر مددگار بڻجي ڪاريه ڪندو رهندو آهي. شل اجان به هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ شيوا ڪاريه ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن وڏڙن جو نالو روشن



سائين ڊاڪٽر ديال 'آشا'

سائينءَ جي مهر ۽ پري پورڻ ڪرم يوگي سنت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي آسيس هڪ پارس مثل ڪم ڪيو آهي.

ماستر ديال مان ڊاڪٽر ديال 'آشا' جڳ پرسڌ انسان بڻائي ڇڏيو آهي.

هو هڪ اوچ ڪوٽيءَ جا تعليمدان، ساهتڪار، ودوان، ڪوي، ليکڪ ۽ وچارڪ آهن ۽ وري اهڙي شخصيت ڪي جو مٿان آسيس ٿي ساڌو دادا ٽي. ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي ته ايئن ٿيو جو چڻ سون تي سهاڳو.

سندن جنم ١٦-١٢-١٩٢٦ تي سنڌ ۾ خيرپور رياست ۾ شري ڪوٽومل ڏاميجا جي گهر ٿيو. سندن جي ماتا جو نالو پاري بائي هئو جنهن کين شروع کان سُنا سناتن ڌرم ۽ سنتن جهڙا سنسڪار ڏنا ۽ سيکاريا.

پاڻ شروع کان انٽرنئشنل سنڌي پنچائت فيڊريشن جي روح رواڻ پريزيڊنٽ آهي ۽ پاڻ پڻ ناري گوپي هرداسمل گرسهاڻي فائونڊيشن برپا ڪئي آٿائين ۽ ڪاريه ڪري رهيو آهي. هو دادا جشن واسواڻي صاحب جو پڻ پيارو آهي، سنڌيت جي جوت جڳائي وينو آهي شروع کان جو چيٽي چنڊ تي هميشه بامبي ۾ ميلو ملهائيندو آهي ۽ ڪيترن سٺن ڪاريه ڪرتائن جو ۽ وڏن ناميارن ماڻهن ۽ ڪم ڪندڙن جي همت افزائي ڪندو آهي ۽ انعام ۽ سنمان ڪندو رهندو آهي. هو تعليمدانن جو قدردان پڻ آهي ۽ ڪافي تعليمي سنسٿائن ۽ بورڊن سان جُڙيل آهي. الهاسنگر ۾ چاندي بائي ڪاليج ۽ ساڌو بيلا اسڪول ۽ ڪاليج سان جُڙيل آهي ۽ ڪافي دوستن جي معرفت مالي مدد پڻ وني ڏني آٿائين.

اهڙي اعليٰ اظيم شخصيت تي سڄي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي ۽ ڀڳوان در پرارٿنا آهي تہ شل سائين اجان وڏيڪ سگهہ ڏيس جو پنهنجي جاتي ۽ ديش جي شيوا ڪندو رهي.

ائڊريس : ٩٠١، اُتر ٽئريس، ١٩، ڪف پريڊ،
ممبئي - ٠٠٥ ٤٠٠

فون نمبر : ٢١٨٧٢٥٤ / ٢١٨٧٦٢٣

سان شروع [illegible] وٽي [illegible] آهي، [illegible] سنڌس جي وٽي
آورجا ۽ سٺي صحت بخشي جو اڄان ۽ اڄان شيوا ۽ سماجڪ ڪاريه ڪندو رهي ۽ پنهنجن وڏن ۽ گرن جي سنڌس مثان آسيس قائم دائم رهندي اچي.

تازو سنڌس کي ڏيارلٽ جي اُپاڌي ملي آهي جيڪا شايد سنڌي سماج ۾ ڪنهن ودوان کي هند يا سنڌ ۾ ملي هجي. اهڙي شخصيت کي پرنام ۽ آفرين، آفرين ۽ آفرين.

اَئڊريس : شري ديال 'آشا'، سوامي شانتي پرڪاش آشرم، سنڌونگر-٠٠٥ ٤٢١

فون نمبر : (گهر)-٥٣١٥٧٤، (آشرم)-٥٢١٩٣٣

شڪتيءَ کي خراب نموني ڪم آڻيندڙ راڪشس آهي. شڪتي، سمپتي ۽ وقت وويڪ سان ڪم آڻيندڙ ديوتا بڻجي ٿو.

— شري رامچندر ڪيشو ڊيو ڊونگري جي مهراج.

(شري ديال 'آشا' جا پيءَ ٺهلرام صاحب پڻ ويجها ماٽ هئا جيڪي سنڌ ۾ پڻ ڪافي مشهور هئا.)

ڊاڪٽر ديال 'آشا' پاڻ پڻ سادگيءَ جا همراهي ۽ دين-ڏکين جي پرگهور لهندڙ انسان آهن، هو ايم.اي. ۽ پي.ايڇ.ڊي. جا وڏا امتحان پاس ڪيل آهن ۽ پنهنجي اورچائي، محنت، لگن ۽ نهٺائيءَ جهڙن گڻن سان پريل ڪاڻ آهن، جيترو تورو لکڻ جي ڊِل تي تئي اوترو ئي وڌيڪ لکڻ لاءِ قلم هلي رهيو آهي، اها بہ هڪ پرماتما جي مهر آهي جو قلم هلندو ٿو وڃي، جهُونيون پراڻيون يادگيريون ايندون ٿيون وڃن، گُڻن جو نالو ئي ڪونہ آهي. اهڙي درويشي سڀاءَ واري انسان جو هي بندو ڊاڪٽر سڀاش سوني بہ مئٽرڪ ۾ شاگرد ٿي رهيو آهي.

سائينءَ هند سنڌ سنڌونگر تہ ڇڏيو پر پوري دُنيا ۾ جتي بہ سنڌي آهن اُنهن ۾ پنهنجي حاق جو ڏاڪو ڄمايو آهي.

سندس ڪي ڪيترا انعام ۽ تگما مليا آهن جو مان تہ شايد ياد ڪري ڪونہ سگهندس، هن صاحب ڪيترا ڪتاب، ڪوتائون، گرنٿ لکيا آهن جو هڪ وڏي لسٽ تيار ٿي ويندي، هو پنهنجو پاڻ ۾ جڻ هڪ ڪتاب آهن ۽ مونکي نہ پر سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي اهڙي عظيم علاءِ شخصيت تي.

دين ڏکين پيڙن بيواهن گهرجائن جو همدرد آهي ۽ سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي جنتا جناردن پريشد

پاڻ جهوليلال ٽرسٽ جا روح رواڻ هئا - پهرين کان هو چاليهي صاحب جو ورت پڻ نيم سان رکندا ۽ رکائيندا هئا ۽ ميلو پڻ لڳائيندا هئا، جيڪو اڄ به لڳندو آهي. سندن محنت سان ڪئلاش پربت هوٽل اڄ به سنڌي جاتيءَ ته چڙهيو پر بامبي جي سڀني جاتين ۾ نامياري هوٽل آهي.

سندن جا ناهيل جهوليلال مندر، هيرا گهاٽ ۽ مندر ڌرمشالا، شادي هال ڪنهن کان ڪونه وسرندا. هر سال پائو صاحب جن مفت اکين جي ڪئمپ لڳه ڀڳه ٢٨ سال لڳائي الهاسنگر جو نالو چمڪايو. (ڊاڪٽر مودي صاحب کان) جنهن مان هزارن ماڻهن فائدو ورتو هوندو ڳڻڻ مشڪل آهي. آفرين نه پر پرنام آهي اهڙي شخصيت کي جنهن سنڌيت جي جوت جڳائي رکي. ڇا ته ڀراٽا ڪڍندا هئا، ڇا ته پائوءَ جي ڏوڪلن تي جُهمر هئي چڻ سنڌ جون سِڪون پيون لهن. اسان ته سنڌ جي ڏنڏلي يادگيري به ڪونه ڪٽي آياسين پر پائوءَ جي جُهمر ۽ جهوليلال سائينءَ جا پلوَ ڏسي ئي سنڌ سمجهندا هئاسين اهڙي ته پائوءَ ۾ مٺيا هئي.

هاڻي به هڪ سٺي اسپتال کولي اٿائون جنهن ۾ اکين جا مفت آپريشن ڪيا ويندا آهن، خاص ليزر رستي پٽريءَ جو تمام واجبي اگهه تي علاج ڪيو ويندو آهي. جهوليلال اسڪول به سندن جو ڪافي مشهور آهي ۽ هميشه ڪنب جي ميلي تي ان کيتر لڳندو آهي ۽ هر مهني غريبن کي مفت اَناج ورهايو ويندو آهي. تڏين ۾ سال ۾ هڪ دفعو ڪمبل پڻ ورهايا ويندا آهن ۽ هڪ جهوليلال

شري ڀائو پرسرام جهوليلال وارو



ڀائو پرسرام کي هند سنڌ نہ ڇڏيو پر جتي جتي دُنيا ۾ سنڌي آهن اُتي ڀائوءَ جي هاڪ آهي ۽ سندس کي عزت ۽ مانَ سان ياد ڪندا آهن.

ڀائو پرسرام اصل لاڙڪاڻي سنڌ جا هئا. سندن پتا شري ٽينئومل ۽ ماتا لهٽي ٻائيءَ جي گهر جنم ٿيو. سندن کي ننڍپڻ کان ئي ڌرمي خيالن جو ماحول مليو ۽ پنهنجي محنت ڪندي گهٽ پڙهائيءَ ڪري بہ پنهنجي ڌرم کي ڪَرم ۾ بدلي ڪري جس ڪمايائون. ورهاڱي کان پوءِ اُلهاسنگر کي اچي وسايائون ۽ وڏن کان مليل ورسي ۾ ڌرم ڪرم ايمانداري غريبن جي مدد ڪرڻ کي ئي پنهنجو ڌرم سمجهي پنهنجي روزگار ۾ پڻ ڪاميابي حاصل ڪيائون ۽ ڌرم جو جيڪو پاٺ سندن کي ماتا پتا پڙهايو هو اُن کي ساڪار ڪرڻ لاءِ غريبن جي مدد کي پنهنجو مقصد بڻائي سائين جهوليلال - اُڏيرولال کي گرو آراڌنا ڪري ڪم ۾ نشڪام شيواڌاري بڻجي جنبي ويا جو اَڄ هو سڄي دنيا ۾ سندن کي 'ڀائو پرسرام جهوليلال وارو' ڪري ياد ڪيو ٿو وڃي.



شري رامچند بنيجا

شري رامچند بنيجا اَصل شڪارپور جا آهن. هو شروع کان وٺي شهر لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن ڪاريہ ڪرتائن مان آهن.

سندن پتا صاحب ٽولارام، ماتا صاحب گنگا بائي هئن.

هو هوريان ۽ صاف ڳالهائيندڙ ليڊر آهي پر پاڻ کي هميشه ڪاريہ ڪرتا سمجهي هلندو آهي. هو لاري آپريٽر ايسوسئيشن جو روح رواڻ پريزيڊنٽ آهي ۽ ڪاريہ ۾ لڳل آهي، هر سال اُن آفيس ۾ بوجا پڻ ڏيندي آهي ۽ لنگر پڻ ڏيندو آهي. هو ٽي چار دفعا ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيو آهي ۽ هن جي ديکہ ريکہ ۾ آڪتراءِ پڻ وڌي تہ پيو ڪالاٽي۽ کي پڻ سندس ڪافي سهڪار مليو جو ڪلياڻ امبرنات روڊ وڏو ويڪرو ۽ ٺاڻا ضلع ۾ پهريون نمبر ليکيو ويندو آهي. سندس خاص ساٿي شري ڪشومل آهوجا هر وقت سندس سان گڏ رهيو آهي، هو پڻ ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيو آهي. پڻ هرداس ماکيجا ۽ امرلعل چابڙيا بہ سندس ساٿي آهن.

مريضن سينٽر پڻ چالو آهي جنهن ۾ صرف نياڻين ئي ناري شالا، ڪوڪنگ ڪلاس، ميهندي ڪلاس، ڪامپيوٽر ڪلاس، پرت پرڻ ۽ پيننٽنگ سيڪارڻ ۽ يوگا ڪلاس هلندا آهن ۽ انهن سيني جدا جدا ڪمن جي ٽريننگ ڏني ويندي آهي. هاڻي هڪ فري مٽين مائٽين لاءِ مئريج بيورو کوليو ويو آهي تنهن ڪانسواءِ هن نئين اسپٽال کولڻ ڪان پوءِ ٻه هر مهني ٣٠-٤٠ ماڻهن جا اکين جا آپريشن مفت ڪرايا ويندا آهن ۽ فري چشمو، دوائون ۽ کاڌو ڏنو ويندو آهي.

ڌن آهن اهڙا سنت روپي مهان ڪرم يوگي انسان، ڌن آهن اهڙا ماتا پتا جن اهڙا سپاتر سنڌي جاتيءَ جو شان اوچو ڪرڻ لاءِ پئدا ڪيا.


سنڌن اهڙن ڪرمن جي ڪري شهر واسي ڀائوءَ کي هميشه ياد ڪندا رهندا سنڌن ديهانت ١٩٩٥-٣-١٤ تي ٿيو جڏهن سڄو شهر پيو روئي پر سائينءَ کي ڪير روڪي، هرهڪ کي هڪ ڏينهن هلڻو ئي آهي.

هن وقت جهوليلال رجسٽر ٽرسٽ ۽ سنڌن سپاتر دادا ليلارام ۽ سنڌس جا ساٿي ڪاريه ڪري سنڌن جي ٻڌايل راهه تي هلي پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو روشن ڪري رهيا آهن.

اهڙن شخصيتن جي اڄ جاتيءَ کي ڪافي ڪمي محسوس ٿي رهي آهي. اهڙن نشڪام شيواڌارين کي وار وار پرنام.

ائڊريس : ڀائو ليلارام ڀائو پرسرام، جهوليلال مندر ٽرسٽ، سنڌونگر ٤٢١٠٠٤ .

فون : ٥٤١٢٧٦



سائين ٽيڪچند ميرپوري

شهر ۾ ٽيڪچند ميرپوري يعني سائينءَ کي هرڪو سڃاڻي. هو سرل ۽ نرم دل ۽ هوريان ڳالهائيندڙ پر جذباتي نموني مظبوط ڳالهائيندڙ شخصيت آهي.

هو منڌيپڻ کان سنگهه پريوار سان جڙيل آهي ۽ هڪ ڪاريه ڪرتا سمجهي پرچارڪ طور ڪم ڪيل اٿس.

سندس جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ١٩٢٣-٥-٢٤ تي ٿيو. سندس پتا جو نالو شري ٺانورداس ۽ ماتا جو نالو جوهاري بائي هئو. هو هڪ دفعي الهاسنگر مان ضلع لوڪل بورڊ ٺاڻا جو ميمبر پڻ ٿيو هو ۽ ٺاڻيل ميونسپل ڪائونسل جو ٺاڻيل ميمبر پڻ ٿيو هو ۽ سرگرم سياستدان نه هوندي به هردم سرگرم سياستدان ٿيندو پي رهيو آهي ۽ سندس کي هرهڪ شهرواسي شرڌا وچان سائين ڪري نوڙي ڳڏجندو ۽ عزت ڪندو آهي.

سندس نه وسرندڙ ڪاريه شروع ۾ غريب وڌوائن کي بلاڪن جي نيلام وقت مدد ڪرڻ ۽ هاڻي هڪ پارتيه سنسڪار آشرم برپا ڪيل آهي جنهن ۾ غريبن لاءِ دواخانو،

سندس کي يعني شري رامچند کي سبب کري پيار سان چوندا آهن. هن وٽ هر وقت ڪم ڪار لاءِ ماڻهو ويندا رهندا آهن.

سندس جي ڌرمپتني پاپي اِندوءَ بنبجا هن وقت اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريٽر چونڊيل آهي، هوءَ پڻ هر وقت وارڊ جا ڪم ۽ شيوا ڪاريه ڪرڻ ڪرائڻ ۾ اڳري رهندي آهي. هن فئمليءَ جي ڪاريه کي ڏسندي سندن جي وارڊ ۾ جئن چٽبو آهي، ته بڙ جي وڻ جون پاڙون پاتال ۾ هونديون آهن، اهڙي نموني هن خاندان لاءِ وارڊ ۾ پيار، سک ۽ ڪاريه کي ڏسندي شايد ٻيو وارڊ جي ڪارپوريشن جي اليڪشن ۾ ڪٿي ڪونه سگهندو، اهڙو وشواس آهي. سندس جا سنا ڏنڏا پڻ آهن، سندن پٽ پپو پڻ پنهنجي ڏنڌي سان لڳل آهي.

شل سائين سندن تي اَجان وڏيڪ ۽ وڏيڪ مهر ڪندو جو اَجان ٻه سماج جو ڪاريه ڪندا رهن، ۽ اَسان مٿان ٻه هٿ رکندا اَچن، شڀ اڇائن سان.

اڊريس: بئرڪ-٨٣٧/١، شاستري ڪالوني، سيڪشن-١٧،
اُلهاسنگر - ٠٠٣ ٤٢١

فون نمبر : (گهر) - ٥٥٠٩٧٢/٧١٨٣٩
(لاري آپريٽر آفيس) - ٧١٣٥٦/٥٥٣١٣٨/٥٥٠٤٧٨



شري ناري أننداڻي

ألهاسنگر ۾ ڪجهه اهڙيون خاص شخصيتن جا مالڪ ٿي گذريا آهن جن پنهنجو نالو سنڌونگر جي تواريخ ۾ هڪ اتهاس نموني رچي ڇڏيو آهي، نه وسرڻ جهڙو، أنهن مان شري ناري أننداڻي پڻ هڪ اهڙي شخصيت ٿي آهي جنهن کي ماڻهو وساري ڪونه سگهندا.

سندس جنم ۱۲ مارچ ۱۹۳۸ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري ٽيڪچند أننداڻيءَ جي گهر ٿيو هو. سندس ماتا جو نالو ٽيجي ٻائي هئو.

شري ناري أننداڻي بي.اي.، ايل.ايل.بي. پاس ڪيل هوندي به ڏنڌي ۾ گهڙيو ۽ هڪ قابل ڌنڌوڙيءَ وانگر ديوداس پلسٽڪ نالي فئڪٽري کولي ۽ پوري هندستان ۾ نالو ڪمايو ۽ ناڻو به دِل سان ڪمايو.

پهرين هو پرائيويٽ نوڪري ڪندو هو ۽ پنهنجي سچائي، لگن، محنت سان هو هڪ اِنڊسٽريئلسٽ يعني ڪارخانيدار بڻيو، اُن ڪانسواءِ هو سماجڪ ۽ پنگتي ۽ ڌرمي ڳالهين ۾ پڻ ڪافي رُچي رکندو هو، أنڪري سندس جي قابليت ڏسي ألهاسنگر مينوفيڪچررس ائسوسيئشن


اُناج ورهائڻ ۽ گهرجائو ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ جيڪي بروبر گهرجائو آهن ۽ وڏين اسپتالن ۾ علاج ڪرائڻ جي طاقت ڪونه اٿن اُنهن کي بامبي لاءِ وڃي علاج ڪرائڻ لاءِ مدد ڪرڻ ۽ سفارشي خط ڏيڻ ۽ اُن سان گڏوگڏ ڀارتيہ سانسڪرتڪ پروگرام رکڻ ۽ اُن لاءِ سهٽي ڪشادي نموني هال پڻ ٺهيل آهي ۽ آشرم جو نالو ئي 'ڀارتيہ سنسڪار آشرم' آهي. سائين هڪ پڪو هندو ڌرم جو پالن ڪندڙ برهمچاري ۽ ويشنو شخصيت جو مالڪ آهي.

سندس کي اڄ تائين ڪا وڏي ڪرسي نصيب ڪونہ ٿي آهي اها هڪ دکدائڪ ڳالهہ آهي پر هي شخص ڪرم ۾ وشواس رکندو آهي، سندس ڪرم ئي ڌرم آهي جئن گيتا ۾ چيل آهي ڪم ڪر پر ڦل جي اشا نہ رکہ، اهو مالڪ تي ڇڏ، اها سندس سان سورهان آنا سچ لڳندي آهي. سندس کي هر ذات، هر پارٽيءَ جا ڪاريہ ڪرتا ۽ ليڊر عزت ڏيندا آهن، اها ئي سندن ڪمائي آهي.


سائينءَ کي شل ڀڳوان اڃان سگهہ ڏيس جو اڃان شهر جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ صحي صلاحون ڏيندو رهي ۽ ڪم ڪندو رهي.

اڊريس : ڀارتيہ سنسڪار آشرم، پنجابي ڪالوني، سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۳

فون نمبر : ۵۴۴۷۹۱



(ڊا. ڀڳوانداس اگهيچا)



(ڪرپالداس اگهيچا)

ڊاڪٽر ڀڳوانداس جهڙو نالو اٿس اهڙا صد ڪرم ڪندڙ آهي. اصل لقمان خيرپور سنڌ جا آهن. سندس جنم حڪيم صابومل اگهيچا جي گهر ۱۹۲۴-۱۰-۷ ۾ ٿيو، سندس ماتا جو نالو سيتان ديوي هو.

هو هڪ رحمدل انسان سان گڏ غريبن جو همدرد مددگار پڻ آهي. هو پهريون شخص آهي جيڪو بنا مخالفت الهاسنگر جي ميونسپل ڪائونسل تي چونڊيو ويو، اهو ٻه پهرين دفعي ۾ بنا مخالفت جي، اهو اتهاس آهي. ۱۹۷۱ ۾ سول ڊفينس آفيسر جي حيثيت ۾ ڪارج ڪيل اٿس.

هو ڪيترا دفعا ميونسپل ۾ چيئرمن پڻ ٿي رهيو، جُدا جدا ڪاميٽين جو ۽ هو اسڪول بورڊ جو پڻ ميمبر ٿي رهيو ۽ ڪنهن وقت هو پنجين نمبر شاپ ڪيپرس ائسوسيئشن جو پريزيڊنٽ پڻ ٿي رهيو آهي.

هن ڪائونسلر هوندي پنهنجي وارڊ کي ڪافي سُڌاريو ۽

جو پريزيڊنٽ پڻ ڪيو ويو هو ۽ اُن ڪي هن شخصيت ڪافي سهڻي نموني ڪاروبار هلائي پڻ نالو ڪمايو.

هو غريبن جو همدرد هوندو هو ۽ دان پڇ بہ ڪندو هو پر ڏيکاري نہ (جئن اڄڪالھ ڪيو پيو وڃي).

شهر ڪي نئون رنگ روپ ۽ وڪاس ڪاريہ لاءِ پڻ هميشه اڳرو رهندو هو ۽ پاڻ سٽيزن فرنٽ سنستا جو پايو پڻ وڌائين ۽ ڪارپوريشن ڪي ڪلياڻ ڪارپوريشن ڪان اُلهاسنگر ڪي الڳہ رکڻ لاءِ پڻ هلچل ۾ ڪافي سرگرم بهرو ورتائين.

ڪلياڻ اُمبرناٿ روڊ جي اُمبرناٿ مان اُلهاسنگر ايندي اِنٽري گيٽ وٽ جتي سندس جي فئڪٽري پڻ آهي، اُتي هڪ شاندار سهڻو سائين بابا شرڌيءَ واري جو مندر ٺهرائي اُتي سائين بابا شرڌيءَ واري جي شوڀنيڪ سندر من موهڻي مورت سنگمرمر جي استاپنا ڪرائي، اهڙو تہ شاندار مهورت ڪرايائين جو هيليڪاپٽر مان گلن جي ورکا ڪرائي ۽ ائڪٽر منوج ڪمار ۽ شترگهن سنها ڪي گهرائي اُلهاسنگر ۾ پنهنجو ڏاکو جمائي ويو جو وسرڻ جهڙو ڪونہ آهي.


اهڙي عظيم اعليٰ شخصيت اوچتو اسان جي وچ ۾ ڪونہ رهي، سندس ديهانت ١٩٨٩-١-٢٢ تي اوچتو ٿيو جو ٻڌي ڪري ڪيترن ڪي وشواس ڪونہ پيو اچي. هو يارن جو يار دلبر دوست هو جو اڄ بہ اسان ڪي ياد آهي ۽ هميشه ياد رهندو. سندس ڌرمپتني سرينا ديوي پڻ هن وقت سيني سان نوڙت ۽ پيار سان هلي سائينءَ جي مندر جي شيوا ڪري ۽ گهر ۽ پرَ سان پڻ همٿ سان ڪاريہ ڪري رهي آهي.

ائڊريس : ڏيوداس پلسٽڪ، پلاٽ نمبر ١، ڪلياڻ امبرناٿ،
ناري آننداڻي روڊ، سنڌونگر - ٣٢١٠٠٣

فون نمبر : ٥٥١١٩٩



شري دادا دولترام منگناڻي





شري وجيه دولترام منگناڻي شريمتي شيلا وجيه منگناڻي

شري دولترام منگناڻي اصل ڪوئيٽا بلوچستان جا رهندڙ هئا. سندن جنم ۱۰ آگسٽ، ۱۹۱۴ع تي ٿيو هو. سندن پتا جو نالو شري شامداس هئو. شروع کان وٺي سندن لاڙو ڪانگريس ڏانهن رهيو هو، اُن ڪري آزاديءَ جي جنگ ۾ سرگرم ڀرو ورتائون ۽ سوتنترتا سنگرامي ٿيا ۽ هڪ جوڌي جوان وانگر سپاهي تي ڪاريه ڪيائون. اُن ڪاريه ۾ دادا دولترام جي ڌرمپتنيءَ هري بائيءَ

ڪافي ڪم ڪرايا ۽ پڻ شهر جا ڪم پڻ ڪيا ۽ پنهنجو نالو روشن ڪيو. سنڌس جي اسپتال سهڻي ۽ ماڊرن نموني ٺهيل اسپتال آهي ۽ 'ڀڳوان هاسپيٽل' نالي مشهور آهي.

هاڻي پڻ ڊاڪٽر ڀڳوانداس اهڙو ئي ڌرماتما وانگر اُدار دل سان ۽ پوري شرڌا سان اُلهاسنگر جي ڪلياڻ مان اچڻ وقت اِنٽري گيٽ وٽ هڪ شاندار سهڻو سائين بابا جو مندر ٺهرايو آهي، اُن ۾ سائين بابا شرڌيءَ واري جي موهڻي مورت سنگمرمر جي ۽ پنهنجي سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي مورت سان گڏو گڏ رادا - ڪرشن جون مورتون استاپن ڪرايون آهن.

هر وسپت تي اُتي جڻ ميلو لڳندو آهي، سنڌس سپاتر ڪرشن لعل اُتي هميشه شيوا ڪاريه ۾ سرگم رهندو آهي.

سنڌس جو سڄو ڪٽنب ڌرمشت خيالن جو آهي. سنڌس اسپتال ۾ پڻ هڪ ديوي ماتا جو سهڻو مندر ٺهيل آهي ۽ ڏسڻ وٽان آهي، اُن جي ديکه ڀال سنڌس جي ڀيڻ ڪندي آهي.

سنڌس ڀاءُ شري ڪرپالداس صابومل آگهيچا پڻ ڌرمشت خيالن جو انسان آهي، هو هڪ اعليٰ درجي جو ڪلاڪار پينٽنگ ناهڻ ۾ آهي. نرم دل، همدرد ۽ پيارو انسان آهي. سائين شل اهڙا لال پئدا ڪري جيڪي پاڻ سان گڏ پنهنجي وڏن ماتا پتا ۽ گرن جو نالو روشن ڪن.

جئن ڪنهن سنت چيو آهي : 'ساڌوءَ جو سنگه ۽ هري نام ڀيه هڪت - ڀيه ناشڪ ۽ ڪلجڳه ۾ تاراڻ وارو آهي.

ائڊريس : ڀڳوان هاسپيٽل، سنڌونگر-٥٠٠ ٤٢١

فون : (هاسپيٽل)-٥٢٢٠٧٤-٥٢٢٩٣٨/٥٢٢٠٧٤، (گهر)-٥٢٠٧٦٦

ڪائونسل طرفان پوائي جونڪ ناڪي پرسان شهر جي انٽريءَ واري چونڪ تو نالو سهٽي نموني پاس ڪري رکيو آهي.

دادا جن ليپرسي (ڪوڙه جي مريضن جي) ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر سونيءَ سان گڏ لڳاتار مدد ڪئي ۽ اڌ ڪلاڪن جو هو ڏينهن ڏکين جي بنا نالي شيوا ۾ پڻ وشواس رکندا هئا ۽ صبح کان منجهند تائين گڏ هئا.

دادا دولترام جن پنڱتني ۽ سماج سيوڪ ۽ سوتنترتا سنگرامي راجنيتڪ سان گڏو گڏ ڌرمي خيالن جا پڻ هئا. هو سنڌين جي سنوهارين درويش سنت دادا جشن واسواڻي صاحب جي هيٺ ڪافي ويجها هئا. اڄ به شهر واسي سندن نالو عزت ۽ شرڌا پيار سان ڪٿي ياد ڪندا آهن. وجيه دولترام منگناڻيءَ جو جنم ١٩٥١-٢-١٤ آهي. پاپي شيلا وجيه منگناڻيءَ جو جنم دن ١٩٥٣-٥-٢٠ آهي.

ائڊريس : وجيه بڪيلائيٽ، پوائي، سنڌونگر-٠٠٢ ٤٢١

جيون بلڪل سادو رکو. جيون جهڙو سادو آهي، اهو ضرور سادو بڻبو.

— شري رامچندر ڪيشو ديو ڏونگري جي مهراج.

جو پڻ سهڀاڳو هئو. ورهاڱي کان پوءِ الهاسنگر ۾ اچي رهيا. پهرين شروع ۾ سبڪشن ٣٥ ۾ رهندا هئا (اهو هونکي پاڻ ٻڌايو هئائون). انهن کانپوءِ ٽين نمبر ۾ رهندا هئا ۽ سخت محنت لڳن ۽ پنهنجي قابليت سان وڃبه بئڪيلائيٽ فئڪٽري وڌائون ۽ پنهنجي ڪاربه کُشلتا سان اوچ تي پهتا.

پنهنجي رسائيءَ، اداردليءَ ڪري سماج ۾ سندن اوچو اِستان هوندو هئن. هو پهريان الهاسنگر مينوفيڪچررس ائسوسيئيشن جا پريزيڊنٽ هئا ۽ پڻ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جا پڻ پريزيڊنٽ هئا. پاڻ صاف سُٿرو ۽ کليل ڳالهائيندا هئا، انڪري هرڪو سندن وٽ اچي وڃي سگهندو هو. نه فقط وڏا ماڻهو، وزير، ليڊر، پر غريبن لاءِ به سندن جي دل ۾ پيار هوندو هو.

سندن ديهانت ١٦-١٢-٨٥ تي شهر ۾ ڪافي خال پئدا ڪيو. پر هلڻو هرهڪ کي آهي.

هن وقت سندن پٽ وڃبه منگناڻي پڻ سندن راهه تي هلي ڪافي ناماچار ڪڍيو آهي، انڪري ڪيترا سندس کي پيار مان ڪئپٽن به چوندا آهن ته ڪي شانتي دوت به چوندا آهن.

دادا دولترام منگناڻيءَ جي نونهن يعني وڃبه جي ڌرمپتني شيلا پڻ سنڌيت لاءِ پاڻ ارپن ڪيو آهي ۽ گهر جون جوابداريون پڻ ساڻ ساڻ نڀائي رهي آهي.

سندس يعني پاپي شيلا وڃبه منگناڻيءَ جون ڪافي ڪئستون گيت سنگيت ۽ پڄنن جون نڪتل آهن ۽ اهڙي نموني دادا دولترام جي جوت جڳائي وينا آهن. ميونسپل

ڪارخانو اٿس ۽ ڪنسٽرڪشن جو ڪم پڻ اٿس. شهر ۾ جنهن فنڪشن ۾ رميش آهوجا ايندو آهي، اُن فنڪشن جي رونق ۾ چار چنڊ لڳي ويندا آهن. پوءِ اها ڪا شادي هجي، مڱڻو هجي يا ڪو ڊرامو يا ڪا ادبي بيٺڪ هجي، يا ڪو انعامي پروگرام هجي، يا ڏانڊيا راس هجي يا سنڌو ميلا هجي.

سندس ماتا صاحب شريمتي تلسي بائي مرليڌر آهوجا ۽ سندس ڌرمپتني گينا جو ساٿ ۽ سهڪار هميشه پي رهيو آهي. گهر ۾ آئي وئي جي هميشه عزت ۽ پيار ڀريو وهنوار ملندو آهي، جڻ ماڻهو پنهنجي ئي ڪنهن عزيز يا مائٽ جي گهر ويٺو آهي. رميش لعل کي ٽي ڌيئر ۽ هڪ پٽ آهي.

هو پنهنجي پتا صاحب وانگر داني پڻ آهي. ٻن ٽن هنڌ تڏي پاٽيءَ جا ڪولر پڻ هڻائي ڏنا اٿائين ته ڪن کي ڳجهي نموني مدد به ڪئي اٿائين، مطلب ته هو هڪ انوکي لاثاني شخصيت جو مالڪ آهي ۽ هڪ چمڪندڙ ستارو آهي. شل سائين اڃان به وڏيڪ همت ڏيندس جو اڃان به سماج جا ڪاربه ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو نالو چمڪائيندو رهي.

آئڊريس : شيام-سندر اپارٽمينٽ، ڀريون ماڙو، او.ٽي. روڊ، سنڌونگر - ۴۲۱۰۰۳

فون نمبر : ۵٦٧٦٠٢



شانتي دوت

رميش مُرليڌر آهوجا


سنڌونگر ۾ ڳاڻ ڳڻين فئملين ۾ سنو درجو رکندڙ آهوجا فئمليءَ جو نالو ڳڻيو ويندو آهي. نه فقط سنڌونگر ۾ پر پيبونديءَ ۾ پڻ آهوجا فئمليءَ جي ڌاک آهي، اُنهن ۾ به خاص نه سڀ آهن پر رميش مرليڌر آهوجا جو نالو ڪافو اوچو آهي.

سندس ڪي شهرواسين شانتي-دوت نه ڪن انڊسٽريئلسٽ نه ڪن سماج سيوڪ نه ڪن سنڌي ادبي ۽ سنڌي سينا جو شيدائي ڪري ڪوٺيو ۽ مڃيو آهي.

ڪي نه ڪيس رميش سيٺ نه ڪي يارن جو يار چوندا آهن، هرهڪ دوست سڄڻ سڃاڻپ واري سان پال پلائيندڙ هيءُ نرالي شخصيت آهي، سندس جنم ۸-۱-۱۹۵۴ تي هن ننڍڙي سنڌ يعني سنڌونگر ۾ ئي ٿيو آهي.

سندس جا سنڌي ۽ غير سنڌي ڪافي سنستائن سان ناتا آهن. هو جيئي سنڌي سڀا جو جائنٽ سيڪريٽري ۽ سائين نڪيتن جونيئر ڪاليج جو ٽرسٽي پڻ آهي.

پيبونديءَ ۾ سنت مرليڌر ڪمپائونڊ ۾ نوس جو



شهيد دادا ڏنيچند ڪالاڻي

”شهادت جن پاتي - سدائين زنده آهن اُهي،
پر ڦام آهي اُنهن ماتائن کي جن، اهڙا لعل ڄڻيا.“

ڳانڌي پريوار جو نالو اڄ بہ امر آهي جو اُنهن مان مهاتما ڳانڌي، اندرا ڳانڌي ۽ آخر ۾ راجيو ڳانڌيءَ شهادت جو جامو پهريو ۽ ديش لاءِ قربان ٿي ويا. اهڙي نموني سنڌي جاتيءَ مان بہ شري شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو نالو عزت ۽ شرڌا سان ورتو ويندو آهي، اهڙي نموني هن ننڍڙي سنڌ يعني سنڌو-نگر (اُلهاسنگر) ۾ بہ اُن ڪالاڻي پريوار جو دادا ڏنيچند ڪالاڻي بيباڪ، نڊر ۽ صاف ڳالهائيندڙ هن شهر جي صدقي پنهنجو بليدان ڏنو ۽ شهادت جو جام پيتو، جو هو هميشه شهر جي مٺلن کي ڪٽي ڳنڊاگيريءَ ۽ زمين هڙپ ڪندڙن جو وروڌ ۽ مظلومن جي طرفداري ڪندا رهندا هئا ۽ شهر کي ناهڻ لاءِ سدائين اڳرا رهندا هئا ۽ اُنهن وٽ شهر کي نئون رنگ روپ ڏيڻ لاءِ ڪارگر رٿائون هيون.

سندن جنم ١٥ آڪٽوبر، ١٩٣٥ تي سکر سنڌ ۾ شري تيجنداس جي گهر ٿيو، سندن ماتا جو نالو گومتي

دادا ڏنيچند کي ڪائونسل ۾ نہ چڙهيو پر پورو شهر مڃيندو هئو جو اڄ بہ اُن کي ياد ڪندي چوندا آهن تہ ليڊر تہ ڏنيچند ڪالاڻي.

هو ڪانگريس جا آخر تائين پريزيڊنٽ ٿي رهيا ۽ ڪنهن وقت ٿاٽا ضلع گراميٽن وياپر جا جنرل سيڪريٽري پڻ ٿيا هئا. سندن جي ٽائيم يعني ڪانگريس پريزيڊنٽ رهندي ئي ڪانگريس پارٽيءَ جو راڄ اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل تي ٿيو اهو سندن ۽ سندن جي ساٿين جي ڪوشش جو ڦل هئو.

هو هڪ سٺا ليکڪ يعني لکندڙ پڻ هئا. ڪجھ وقت سنڌڙي اخبار جا سمپادڪ پڻ ٿي رهيا ۽ وري پنهنجي اخبار بہ ڪڍيائون 'شهيد هيمون' هفتيوار.

جيتري قدر مونکي ڄاڻ آهي تہ هو وائين جا وڏا واپاري ۽ ڪارخانيدار هئا ۽ پڻ سچائيءَ سان سڄي ضلع ۾ وڏ ۾ وڏ انڪم ٽئڪس ڀريندڙ هئا، اُنڪري سڀ آفيسر پڻ سندن جي عزت ڪندا هئا.

هو پنهنجي محنت، لڳن، نڊرتا ۽ سچائي - صاف ڳالهائڻ جي ڪري ايتري ترقيءَ تي پهتا هئا.

هو ماتا جا پورن ڀڳت هوندا هئا ۽ پنهنجي گهر ۾ بہ هڪ سندر سهڻو موهيندڙ ماتا جو مندر ٺهرايائون.

شهر جي ڀلائي بهبوديءَ لاءِ ۽ شهر ۾ زمين هڙپ ڪندڙن ۽ گونڊاگيريءَ جي خلاف آواز اُٿارڻ جي ڪري ڪافي گورمينٽ سان لڪہ پڙه ۽ جاکوڙ ڪندا هئا، اُنڪري ئي سندن کي شهادت يعني قرباني ڏني ۽ هن نندڙي سنڌ صدقي شهادت جو جام پيتو ۽ هميشہ لاءِ امر ٿي ويا.

'جَنہ تم پئدا هئي جڳہ هسين تم روءِ
ائسي ڪرڻي ڪر چلو تم هسو جڳہ روءِ.'


بائي هئي. هو ڪالاڻي پريوار مان هئا ۽ هنن ۾ ظلم جي خلاف آواز اُٿارڻ جي زبردست اها شڪتي ڪم ڪندي هئي. هو ميونسپل ڪائونسل جا ناقبل ميمبر هوندي به پنهنجي شخصيت، اورچائيءَ ۽ صاف سُٺرو ڳالهائڻ ڪري الڳ پهچاڻ رکندڙ شخص هئا. ڪائونسل ۾ وڏي گهڻائيءَ سان هو اسڪول بورڊ جا چيئرمن بڻيا ۽ پنهنجي رتا سان اينترو نه اسڪول بورڊ جي پرائيمري اسڪولن کي اوج تي آندائون جو اڄ به شهر جي ميونسپل اسڪول بورڊ جا ماستر ماسترياڻيون ۽ اُتان جو اسٽاف سندن کي ياد ڪندي ڪونه ٿڪبا آهن ۽ هميشه سندن جي گڻن جي واکاڻ ڪندا آهن.

هو اسڪول بورڊ ڪانسواءِ اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جي آئڊمنسٽريشن ڪاميٽيءَ جا چيئرمن پڻ ٿيا ۽ اُن ڪاميٽيءَ کي ڪوبه جڻ ڪا خاص اهميت ڪونه ڏيندو هو، پر اها هڪ قسم جي ڪاميٽي نه پر ڪائونسل جو مغز هئو، جئن سرير ۾ سڀ انگ هجن پر مغز ڪونه هجي ته ماڻهوءَ جي حالت ڇا ٿيندي، پر دادا ڏنيچند ڪالاڻيءَ اُن ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿي اهڙو ته قابليت سان اُن ڪاميٽيءَ جي ذريعي ڪم ڪيو جو سڄي ڪائونسل دادا جي اڳيان پٺيان گهمندي هئي جو خود شري سربش (پپو) ڪالاڻي جو اُن وقت پريزيڊنٽ هو، اُن کي به اُن ائڊمنسٽريشن ڪاميٽيءَ جي صلاح مچٽي پوندي هئي ۽ سندس کي ڪافي مدد پڻ ملندي هئي جو دادا ڏنيچند جي صحي ۽ سنئين سمجهه پرين صلاحن جي مدد سان ڪم ڪرڻ ۾ سندس کي ڪافي مدد ملي ۽ دادا جي ڪوشش ۽ صلاحن شهر کي ناهڻ ۾ هڪ وڏي ميل جي پٿر جو ڪم ڪيو.




ڀائو گوپ وريلداس ڀراڻي

ڀائو گوپ ڀراڻي



ڀائو موهنداس ڀراڻي



ڀائو ناڪرداس ڀراڻي

شهر ۾ ڀراڻي خاندان کي هرڪو شهرواسي ڄاڻي سُڃاڻي سندن وڏا سکر سنڌ جي باگڙجي ۽ جا ڏاڍي اڳِئن ۽ زميندارِي ۽ ڪري ڪافي مشهور ۽ هاڪارا هوندا هئا. ورهاڱي جي دردناڪ نظارن ڏسندي دل پڪي ڪندي سيٺ وريلداس ٻيڄارام ڀراڻي به اُلهاسنگر اچي ورسايو، پنهنجي محنت سچائي ۽ ۽ بزرگاڻي هلڻي چلڻي ۽

دادا ڏنيچند اهڙي نہ ڪرڻي ڪري ويا جو هرڪ ڪي روئندو ڇڏي ويا، سندن جي ڇانئي تي ۽ شرڌانجليءَ ڏيڻ جو نظارو اڄ بہ اکين اڳيان تري ٿو اڇي جو اينري نہ پبلڪ شرڌانجلي ڏيڻ آئي هئي جو شايد نہ وري ڏسڻ ملندي نہ وري ڪڏهن ايندي، سندن شهادت ١٩٨٩-٢-٨ جي ڏينهن تي، جڏهن سائين ڪنوررام ڀڳت صاحب ڀڳت ڪري گهر پئي ويا تہ کين سندن جو خون ڪري ڇڏيو تڏهن دادا ڏنيچند ڪالاڻيءَ کي پڻ گهر ويندي شهيد ڪري ڇڏيو.

سندن جي نالي ميونسپل ڪائونسل وبل ڪم گيٽ کي شهيد ڏنيچند ڪالاڻي نالي سان نالو پاس ڪيو آهي ۽ سندس جي نالي شهيد ڏنيچند ڪالاڻي ايڊيوڪيشن ڪاليج هلندڙ آهي جنهن پڻ پوري مهاراشٽرا ۾ نالو ڪمايو آهي.

هن وقت سندن پاءُ ترلوڪ ڪالاڻي، پٽ پرديپ ڪالاڻي (جنهن کي ماڻهو پيار وچان پرديپ سيٺ پڻ چوندا آهن)، گريش ڪالاڻي ۽ منوج ڪالاڻي پڻ سندن نقشي قدم هلي سندن ناهيل محنت، اورچائي ۽ سچائيءَ سان ڌنڌو سنڀالي اڄان بہ وڏيڪ ۽ وڏيڪ اوج تي آڻي نالو چمڪائي رهيا آهن ۽ پڻ شيوا ڪاريہ ڪري رهيا آهن، دادا جن سنڌيت جا شيدائي هوندا هئا ۽ چيٽي چنڊ جو وڏي پئماني تي ميلو هڪ ڪاميٽي ناهي لڳائڻ جي جوت جڳائي ويا، هو اُن جا پهريان پريزيڊنٽ پڻ ٿي رهيا، جيڪو ميلو هاڻي بہ لڳندو رهي ٿو.

’جئہ ماتا جي – جئہ جهوليلال‘

ائڊريس : پرديپ ڪالاڻي، چندر شيکر آزاد مارگ، کيماڻي، سنڌونگر-٢.
فون نمبر : ٥٣٨٣٠١ (ڪان ٦ لائينس)

شهر ۾ ننڍڙي جهوپڙپٽين ۾ سندس وڏو دٻدٻو آهي ۽ ماڻهو سندس جا ڪيل ڪم ياد ڪري آسيسون ڏيندا آهن. ڀائو گوپ ڀراڻي ڪافي پئنچاتن، سنستائن، بزارين جو پريزيڊنٽ آهي ۽ پڻ پنهنجن ساٿين سان گڏ 'سنڌو يوٿ سرڪل' جو روح رواڻ آهي، جنهن ۾ سندس سان گڏ خاص سندس ساٿي سندر ڏنگواڻي ۽ ڪمل پارواڻي ۽ ٻيا ڪيترا ساٿي سندس سان گڏ آهن ۽ سنڌي سينا کي زنده رکڻ لاءِ ڪافي پروگرام پڻ رکندا آهن، سنڌي ناٽڪ، جوڊو ڪراٽي ڪلاس، اَدبي ٻئٺڪون، شهر جي سٺي ڪم ڪرڻ لاءِ سنمان، انعام ڏيڻ، يوگا ڪلاس هلائڻ ۽ ٻيا ٻه ڪيترا سٺا پروگرام ٿيندا رهندا آهن جڻ سنڌ جون سڪون لاهيندو آهي سنڌو يوٿ سرڪل. ڀائو گوپ ڀراڻيءَ جڻ ورت رکيو آهي سڄو جيون شهر جي ڀهبوديءَ ۽ غريبن جي ۽ گهرجائو ماڻهن جي وٽ آهر مدد ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ، هميشه سندس گهر ۾ سڄو ڏينهن پئنچاتن جو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

ڀائو گوپ ڀراڻي جدا جدا ڪاميٽين جو ميونسپل ۾ چيئرمن ۽ وائيس پريزيڊنٽ جي ڪرسي ۽ ائڪٽنگ پريزيڊنٽ جي ڪرسي ماڻي چڪو آهي ۽ پڻ ميونسپل ۾ آپوزيشن ليڊر پڻ رهي چڪو آهي.


★ سندس جا ڀائر جنهن ۾ شري پرسرام کي پنهنجو فوٽو اسٽوڊيو آهي ۽ ڏرمي خيالن جي شخصيت اٿس، هو فوٽوگرافيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ ڪافي مشهور آهي. هن وقت سندس پٽ ڪاروبار هلائيندا آهن.

★ سندس ڀاءُ شري ناڪرداس ڀراڻي پڻ ڪائونسلر ٿي رهيو آهي ۽ سينيٽيشن ميڊيڪل ۽ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمن رهي چڪو آهي ۽ هاڻي ٻه اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل ڪارپوريٽر آهي ۽ اُن سان گڏو گڏ هو سنڌونگر واپاري

سندن کي شهر ۾ وڏي عزت ڏني ۽ اُن سان گڏو گڏ ملڪيٽو ڏنو ۽ سيٺ وريلداس جن پنهنجو فرض ڌرم ڪرم سمجهي اُن ملڪيٽي جي لاڄ رکي جو اڄ به ماڻهو سندن نالو وڏي عزت سان کڻندا آهن ۽ مکي صاحب يا سيٺ صاحب ڪري ياد ڪندا آهن.

پاڻ ميشرس وريلداس پيجارام نالي ڏاڍي جو ڪارخانو برپا ڪيائون ۽ اوچ تي آٽي پٽن جي حوالي ڪري وجي سائينءَ سان مليا. سندن جي عزت ۾ اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل سندن نالو گهر ڪان اُلهاسنگر اسٽيشن تائين پاس ڪري رکيو آهي. سندن جا چار پٽ آهن وڏو پائو گوپ بهراڻي، شري پرسرام بهراڻي (تازو سرڳواس پڌاريا آهن)، ٽيون ناڪرداس بهراڻي ۽ چوٿون ننڍو پٽ موهنداس بهراڻي. سندن ماتا صاحب جو نالو شِوَل بائي هو ۽ ڌرمشت خيالن جو اثر پائرن تي پڻ پيو. انسان کي گهرو ماحول جو اثر ٿيندو ئي آهي ۽ چوڻي آهي ته خانداني ماڻهو پنهنجي خانداني ضرور ڏيکاريندو آهي. اهڙي نموني پائو گوپ بهراڻيءَ به ڪيو پهرين پيڙه پختي ڪئي ۽ پوءِ راڄنيتيءَ ۾ ۽ غريبن جي شيوا ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ تي چار دفعا ميونسپل ڪائونسلر پڻ بڻيو ۽ هن وقت اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جو پڻ چونڊيل ميمبر آهي.

سندس جا پائرُ پڻ سندس بانهن بيلي تي ڪلهو ڪلهي سان ملائي سندس سان گڏ تي بيٺا جنهن ڪي اهڙا پائر گڏ هجن اُن تي ڪير نه ايرڪا ڪندو. پائو گوپ بهراڻيءَ جو جنم سکر سنڌ ۾ ۱۹۳۳-۵-۲۰ تي ٿيو. پائو گوپ بهراڻيءَ کي جهوپڙپٽين ۾ خاص ڪم ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ ڪري اُنان جا ماڻهو پنهنجو وڏو پاءُ ڪري مڃيندا آهن.



شري سيتلداس هرچندائي

شري سيتلداس هرچندِائيءَ جو جهڙو نالو آهي اهڙو ئي سندس جو نرم ۽ سيتل سڀاءُ آهي. سياويڪ اهڙي نالي کي ساڪار ڪيو اٿائين.

سندس جو جنم ١٩٢٣-١٢-٢٢ تي ماڏو ڳوٺ ضلع دادوءَ - سنڌ ۾ ٿيو آهي. سندس ماتا جو نالو سموري بائي ۽ پتا جو نالو شري خوبچند آهي.

دادا سيتلداس هرچندائي سانده ٽي دفعا اُلهاسنگر جو ايم.ايل.اي. چونڊيو ويو، ١٩٧٨ کان ١٩٩٠ تائين.

سندس لاءِ جيترو لکجي اوترو گهٽ ٿيندو. مان سمجهان ٿو تہ لکن ۾ تہ ماڻهن کي سفارشي خط ۽ صحيون ڪري ڏنيون هونديون جو هو سولي ۽ سرل نموني ملي سگهندو آهي، اها هن جي وڏي خوبي ڳڻي سگهجي ٿي. تنهن ڪانسواءِ هو اُلهاسنگر جو پهريون ايم.ايل.اي. آهي جنهن سنڌي اڪادمي سرڪار کان برپا ڪرائي

مها منڊل جو پريزيڊنٽ آهي جيڪا شهر ۾ واپارين جي وڏي ۾ وڏي سنستا آهي. سندس جنم ۱-٦-۱۹۴۴ تي ٿيو آهي.

★ سندس ننڍو ڀاءُ شري موهنداس ڀهراڻي پڻ ڪائونسلر ۽ ٽائون پلئننگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمن رهي چڪو آهي ۽ هن وقت اُلهاسنگر شهر جي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو اڌيڪش آهي، بنا مخالفت جي چونڊيل اڌيڪش آهي. ۽ نئين نموني نئين اُتساه سان پارٽيءَ کي مظبوط ڪري رهيو آهي مطلب تہ لڳ ڀڳ سڄو خاندان راڄنيتيءَ ۾ آهي ۽ سماج جا ۽ غريبن جا ڪم ۽ مدد ڪري رهيو آهي. سندس جو جنم ۱۵-۵-۱۹۵۲ تي ٿيو آهي.

هن خاندان کي پيار ۽ عزت سان سڀ ڀائو ڪري چوندا آهن. سندن جا لڳ ڀڳ چيف منسٽرن يا منسٽرن يا بامبي جي سنڌي ليڊرن سان سنا ۽ گهرو ناتا پيا رهيا آهن.

ڀائو گوپ ڀهراڻيءَ جو پنهنجو دٻدٻو آهي تہ سندس جي ڀائرن بہ اُن کي گهڻجڻ کين ڏنو آهي ۽ کُلهو کلهي سان ملائي هلي وڏن جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. شل سائين اڃان سگهہ ڏين تہ سماج ۽ شهر جي سيوا ڪندا رهن. ائين تہ ڪيتريون ڳالهيون آهن جي لکڻ ويهبو تہ ڀهراڻي خاندان لاءِ هڪ ڪتاب ٿي ويندو. شيپ ڪامنائن سان.

سندن ائڊريس : بئرڪ ۱۰۰۲، دسهڙا مئدان پرسان، سنڌونگر-۴۲۱۰۰۲

فون نمبر : ڪارخانو - ۵۵۴۰۰۰، ڀائو گوپ ڀهراڻي - ۵۵۲۰۰۰،
ڀائو ٺاڪرداس ڀهراڻي - ۵۵۱۱۰۰، ڀائو موهنداس
ڀهراڻي - ۵۵۲۲۰۰ / ۵۵۴۲۰۰،
موبائيل نمبر - ۰۹۸۲۰۱۵۲۴۸۲

شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ پاڻ اُن جو فائونڊر چيئرمن پڻ ٿي رهيو ۽ هو نوجيون سرڪل جو فائونڊر سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ مينٽلي رٽائرڊيڊ اسڪول برپا ڪيو. سندس جون ٻيون بہ ڪيتريون خوبيون آهن - غريبن کي شادين ۾ مدد ونئي ڏيڻ ۽ بامبي جي اسپتالن ۾ داخل ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيا بہ سندس جا ڪافي سٺا ڪاريہ رهيا آهن، هر پارٽيءَ، هر جاتيءَ سان بنا ڀيد ڀاوَ، بنا ذات پات جي هميشه مدد لاءِ تيار رهندڙ هي صاحب هميشه اڳرو رهيو آهي.

ائڊريس : سينلداس هرچنداڻي، اڳيون ايم.ايل.اي.، سيڪشن او.ٽي.، ٩٣/١٠، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٣

فون نمبر : گهر جو - ٥٥١٩٠٠ / ٥٥٤٨٠٠، ڪارخانو - ٥٢٢٨٣٩ / ٥٥٥٤٦٤، بئنڪ جو - ٥٤٥٦٥٢

غريبن جي علاج لاءِ ٻه سرڪاري سينٽرل هاسپيٽلس ٺهرايون. هڪ ٽين نمبر، هڪ چوٿين نمبر لاءِ، چوٿين نمبر اسپتال لاءِ ٻڪ هڙتالون پڻ ٿيون هيون، جن ۾ ناگن بالاٽي ۾ سيٽ نوتنداس کوبچنداڻيءَ پڻ سٺو پارٽ ڪيو هو ۾ پهرين نمبر جي آر.او.بي. اور برج ۾ پڻ سندس يوگدان رهيو. پڻ پي.ڊبليو.ڊي. جو اُلهاسنگر-۵ جي ٽڪريءَ وٽ گيسٽ هائوس ۾ اُلهاسنگر جي ريلوي اسٽيشن کي نئون رنگ روپ ڏيارڻ لاءِ يعني ماڊرن نموني ٺهرائڻ لاءِ اٽڪل ۷۰ لک پاس ڪرايا گورنمينٽ مان ۾ اُلهاسنگر جي ٽيليفون جو نئون ايڪسچينج چالو ڪرائڻ ۾ ٻه سندس ڪافي ڪوششون سامهون آهن ۾ اٽڪل ۱۸ هزار ماڻهن کي يعني فئملين کي صنتون وٺي ڏنيون ۾ پنهنجي گهرن جو مالڪ بڻايو، اُن ۾ بين اِسڪريننگ ڪاميٽي ميمبرس جو ٻه سندس کي ڪافي سهڪار پڻ مليو.

هيراگهاٽ برج لاءِ ۾ جهوپڙپٽي سڌار ۾ شهر وڪاس ڪارڻ لاءِ شهر کي ڊي.پي. فنڊ (ڊسپليس پرسن فنڊ) مان پڻ اٽڪل هڪ ڪروڙ ۲۰ لک وٺي ڏنا ۾ چوٿين نمبر ۾ پنجين نمبر ۾ پاڻي رزرو رکڻ جون پاڻيءَ جون ٽانڪيون ٺهرايون گورنمينٽ جي طرفان ۾ پڻ ٽائون هال لاءِ ٻه ڊي.پي. فنڊ مان سرڪار کان رقم پاس ڪرائي ۾ ميونسپل طرفان اُهو ڪافي ڪم ڪرايو ويو ٽائون هال جو. اهي ته ٿيون گورنمينٽ جي طرفان سندس جا ڪيل ڪجهه ڪم پر سندس جي خاص ڪوشش ۾ سائين جي مدد سان نوجيون ٻئنڪ ٽولڻ جنهن ٿوري وقت ۾

۾ پڻ ڪافي آهي پر هن بنهي خاندانن جي ٻالڪن ڪا ٻي آهي. ٻئسو، پيار، مٺي مائٽي، عهدا ۽ راڄنيتي ۾ بلڪل پريپورن آهن ۽ ٻئي ساڪرو آهن.

اهڙي هڪ خاندان ڪالاڻي ۽ جو چراغ جنهن ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هوندو تہ هو راڄنيتي ۾ ڪڏهن ايندو ۽ هن شهر تي جڻ اڪيلو بيتاج بادشاهہ ٿي راڄ ڪندو، نہ فقط هو اُلهاسنگر ۾ مشهور هستي بڻيو پر پوري مهاراشٽرا ۾ نہ پر پوري ديش ۾ نہ پر پوري دنيا ۾ پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو روشن ڪيو جو پوري دنيا ۾ هو مشهور ۽ پيارو بڻيو ۽ سنڌاڻي تبيعت، هٺ ۾ مالها هميشہ پپو پڳتي ڪري ۽ چوي تہ پڳتي ۽ شبوا ئي سنڌس شڪتي آهي، شايد مون ڪڏهن هن کي ٿڪل محسوس ڪونہ ڪيو، جڻ تہ ڪا ديوي شڪتي پئي ڪم ڪري، شڪئ.

مون پنهنجي اخبار ’سوني ۽‘ ۾ هڪ دفعو پهرين پيج تي وڏن اکرن ۾ هيڊنگہ لکي هئي تہ ’ٻڌان ٿي، هڪ جادوگر آيو آهي‘ اهو جادوگر ٻيو ڪو ڪونہ هو پر سريش (پپو) ڪالاڻي هو.


ٻيهر هڪ دفعو لکيو هو تہ پپو ڪالاڻي شڪني مامائن جي چڪر مان نڪري آيو پر ڪاش اها پوشيہ واڻي سچي نڪري هان پر سنڌس کي شايد گرهڻ لڳي ويو. جڻ چار ۾ هڪ شبهن ڦاسي ويو، آخر تہ ڏينهڙا بدلجندا، سڀ ڏِن ايڪ سمان تہ ڪونہ آهي.

سنڌس جنم ١٩٥١-٨-٧ تي شري ٻڌرمل ڪالاڻي ۽

شري سريش (پپو) ڪالاڻي

۽

شريمتي جوتي پپو ڪالاڻي

ڪالاڻي - ڀرواڻي خاندانن ڪي هن شهر ۾ ٻار ٻچو سڃاڻي. اهڙو ڪو ورلي شخص هوندو پوءِ کهڙي ٻه ذات جو هجي سنڌي، مرهٽي، گجراتي، مدراسي يا ڪرسچين يا سردار پنجابي هجن هي ٻه خاندان هن شهر جا ڇڙ بيتاج بادشاهه ڳڻيا ويندا آهن.

پوءِ اُهي سيٺ پرسرام ڪالاڻي هجي يا شهيد دنيچند ڪالاڻي صاحب هئا، ياڻو گوپ ڀرواڻي هجي يا سُريش (پپو) ڪالاڻي هجي يا ناڪرداس يا موهنداس ڀرواڻي هجن يا ترلوڪچند ڪالاڻي يا پرديپ ڪالاڻي هجي، ائين ته شهر ۾ ٻيا به ڪيترا وڏا خاندان آهن ۽ پئسي ۾ هلندي پڄنديءَ وارا جن جي ڌاڪ هن شهر

ڪائونسل ۾ پڻ بنا پارٽي بازيءَ ڪي مهتو ڏيندي سڄي شهر جو وڪاس ڪري ڏيکاريائين، ڇڻ شهر کي سينگاپور بڻائي ڇڏيائين جو اڄ به ماڻهو بار بار، مانائون هرهڪ هن کي ياد ڪري رهيو آهي، اهو آهي سندس لاءِ شهرواسين جو پيار ۽ دعائون. سندس جي ٽائيم تي ڪانگريس پارٽي ڏاڍي مظبوط تي. هو هميشه پاڻ کي سنڌي چوائڻ ۾ فخر سمجهندو آهي. سندس ڪم ايترا آهن جو ڳڻڻ مشڪل آهن ۽ لکڻ لاءِ اڪيلو هڪ ڪتاب نهي ويندو. (سائين‌ءَ سگهه ڏني ته شايد پپو ڪالاڻيءَ تي هڪ ڪتاب به ضرور لکندس).

شهر کي پاڻيءَ جي تنگي هميشه رهندي آهي (هاڻي نه اُجان وڏيڪ آهي) اُنڪري بورويل شهر ۾ لڳايائين، گورنمينٽ جي طرفان جيڪي ڪامن نلڪا شهر ۾ لڳل هئا ۽ اٽڪل مهني ۾ ٨ کان ١٠ لک بل پرڻو پوندو هو ميونسپل کي، اُهي سڀني پارٽين سان صلاح ڪري جنرل باڊيءَ ۾ قانون پاس ڪرائي اُهي ڪٽايا ۽ سال ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ رپيا شهر-واسين جا بچايا ۽ اُتي هرهڪ وارڊ، هرهڪ جهوپڙپٽيءَ ۾ بورويل لڳارائي، اُن وقت ڪافي پاڻيءَ جي تڪليف دور ڪيائين، اهو هڪ دورانديشيءَ جو نمونو آهي، هڪ طرف شهرواسين جا پئسا بچايائين، ٻي طرف غريبن کي مفت پاڻي ساڳي نموني قائم ٿيو.

شهر کي صاف سٿرو، هرو ڀرو، سبز سائو ۽ روشن ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪونه رکيائين ۽ پڻ ميونسپل ۾ ملازمن کي پڻ هميشد پاڻ سان گڏ رکي گهرجون پوريون

جي ٿيو. سندس ماتا صاحب جو نالو پمي بائي ٻڌرمل ڪالاڻي هو. هو اصل سکر جا آهن.

سندس سوجهه بوجهه، دماغ، همت، نڊرتا ۽ مٿان دادا ڏنيچند، گوپ ڀراڻي ۽ سندس هوشيار همراهين ڪائونسلرن جي صلاحن هن کي ڪم ڪرڻ جي صحي دِشا يعني رستو ڏيکاريو ۽ الهاسنگر جي اتهاس کي سونهري اکرن وارو اتهاس بڻائي ڏيکاريو هن نوجوان جنهن کي سوامي شانتي پرڪاش مهراجن پڻ آسيس ڏني ۽ چيو هو تہ 'پپو معنيٰ پيار، پپو معنيٰ پرماتما جو پيار پپو چئبو آهي - ننڍڙي پياري، ٻار کي شل سائين سندس ڪارج راس ڪندو ۽ ٿيو بہ ائين هن انوکي شخصيت، ڪرم يوگيءَ پنهنجي هن جنم ڀوميءَ کي ڪرم ڀومي ڪري - ڪم ڪري ڏيکاريو. سندس کي ڏنل صلاحون ۽ سندس دِليريءَ شهر جي ڪايا ئي پلٽي ڇڏي، نہ ٽئڪس وڌي، نہ آڪٽراءِ وڌي، نہ ٻي ڪا ٽئڪس وڌي، رُڳو چوريون جيڪي ٿينديون هيون، اُهي بند ڪرائي ۽ ڏينهن رات اٿڪ محنت ڪري پنهنجن ساٿين سان گڏ اُس، برسات، طوفان جي پرواهہ نہ ڪري، شهر جي ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ ئي سندس مقصد رهيو ۽ پنهنجن سينئرس ليڊرن ۽ ساٿين ۽ شهرواسين جي سهڪار ۽ پنهنجي ڪٽنب وارن جي سهڪار ملڻ ڪري ۽ همت وڌائڻ ڪري هو ايڏو سارو ڪاريہ ڪري سگهيو.

هو ميونسپل جو نوجوان پريزيڊنٽ ٿيو ۽ وري بہ دفعا سنڌه ايم.ايل.اي. وڌان سڀا لاءِ چونڊيو ويو ۽ رڪارڊ قائم ڪيو اتائين ووٽ وڌ ۾ وڌ ڪٺي سنڌونگر مان.

پنا صاحب جو نالو هيرانند چئناڻي ۽ مانا جو نالو ڪلاوني ديوي هو ۽ هاڻي هوءَ جوتي پپو ڪلاڻي آهي.

جوتي ڪلاڻيءَ پڻ شهر جي واڳ سنڀالي ميونسپل پريزيڊنٽ طور ۽ ڪافي ڪم ڪيو ٿوري ٽائيم جي اندر پر گورنمينٽ جي ڏاڍائيءَ ڪري هيءَ ننڍڙي سنڌ ڇڏجي ته ڪا غلط ڳالهه ڪين ٿيندي اُن ميونسپل کي بنا ڪنهن وڏي سبب ڪري برخواست ڪيو ۽ پڻ پپو ڪلاڻيءَ جو سپنو سيما هاليڊي هوم جنهن ۾ شهرواسين جا پڻ پئسا لڳل هئا، اُن کي نيست نابود ڪيو، پر ڇا ڪري ٿا سگهون، ڏاڍي جي لت کي به مٺا هوندا آهن، هنن به ائين ڪيو ويو جي شهر جون حدون وڌن ها ته ايم.آءِ.ڊي.سي. پڻ اُلهاسنگر کي ملي ها ۽ شهر جو وڪاس پڻ تيزيءَ سان ٿئي ها. سوچيو ڇا هئو پپوءَ ۽ ٿيو ڇا، اهو هڪ قدرت جو کيل آهي.

جوتي پپو ڪلاڻيءَ پنهنجي همٿ جو ڪم ڪيو جو پنهنجي خانوند جي غير موجودگيءَ ۾ پڻ اُن کي همٿ رکي سندس جي ڏکي ساٿين ۽ پنهنجي ڪرانتڪاري مهلا منڊل جي سهڪار سان سڄي شهر جو پيرين پنڌ دورا ڪندي هرهڪ جهوپڙپٽيءَ ۾ پڻ وڃي پنهنجي پٽيءَ کي اڳ کان به وڌيڪ ووٽن تان جيت ڏياري ۽ هرهڪ ميٽنگ ۾ سرڪار جي اوگهر ڪٽي ته ڪيئن نه شهر کي تڪليف ۾ آندو آهي، نه رڳو ڪلاڻي پريوار کي تڪليف ڏني آهي، پر شهر کي پڻ تڪليف ڏني آهي.

ڪري ساٿ سهڪار وني هلبو. جڏهن مان يعني ڊاڪٽر سپاش (سوني) سينيٽيشن، ميڊيڪل ۽ پبلڪ هيلٿ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هئس، اُن وقت جيڪي صفائي ڪامگار پڪا ڪونه هئا، اُهي اٽڪل ۳۰۵ ملازم پڪا ڪرايائين. گورنمينٽ کان، جيڪو هڪڙو هڪ قسم جو وڏو ڪم آهي شايد ايترا ملازم اڄ تائين ميونسپل اتهاس ۾ هڪ ئي ٽائيم تي پڪا ٿيا هوندا. اهو سندس جو ۽ سيني جو گڏيل ڪم هئو. اهڙي نموني قدرتي آپدائين بوڏ وقت جهوپڙپٽين ۾ رات رات ساٿين سان گڏ وڃي پرگهور لهڻ ۽ مدد ڪرڻ وساري ڪونه سگهبو. تڪليفون ته هر انسان کي اينديون آهن پر انسان، اُهو جو اُهي شانتيءَ سان سهي ۽ سائينءَ جو ڪيو منو ڪري پاٽي.

'نا ڪُش ميرا، نا ڪُش تيرا،
سڀ هئه پريو تيرا، تيرا، تيرا'

(دادا واسواڻي صاحب)

شري سريش (پپو) بڌرمل ڪالاڻيءَ جي ڌرمپتني شريمتي جوتي پپو ڪالاڻيءَ جو ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي، جنهن دليريءَ ۽ نڊرتا سان هڪ عورت هوندي حالتن کي منهن ڏنو آهي، اهو قابلي تعريف آهي، هڪ پڙهيل ڳڙهيل عامل خاندان مان حئدرابادي گهراڻي ۾ جنم ورتو ۱۷-۲-۱۹۵۲ تي ۽ انٽر پاس ۽ هنديءَ ۾ ڪووِد پاس ۽ ڊي.ايڊ. جو امتحان ڏئي شاديءَ جي بنڌن ۾ بڌجي پنهنجي مڙس جي ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي آهي. گهر سان، پر سان يعني شهرواسين سان ۽ پيڪن ساهرن سيني سان نڀائي رهي آهي، آفرين آهي. سندس



شري منوهرلعل
كنعيالعل جيسواڻي

شري منوهر جيسواڻيءَ کي شهر ۾ هرڪو ڄاڻي سڃاڻي. سندس اخبار ديش ڀڳت شهر ۾ ڪافي مشهور آهي جو ڪيترا ته چوندا ئي پپو ڀڳت اٿس.

هو اصل شڪارپور سنڌ ۾ ۱۹۳۷-۱۲-۲۱ تي شري ڪنعيالعل جيسواڻيءَ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا صاحب جو نالو پاربتي ٻائي هئو.

هو ورهاڱي کانپوءِ الهاسنگر ۾ اچي رهيا، سندن وڏو ڀاءُ سرڳواسي شري واشولعل جيسواڻي مشهور وڪيل هئو. اُن سان گڏ پنجين نمبر ۾ رهندو هو ۽ پوءِ ٽئين نمبر ۾ رهڻ لڳو. هو هڪ هوشيار ۽ اثرائتو ڪاريه ڪرتا آهي، پهرين هو سنگهه ۾ هوندو هو، تنهن کانپوءِ جن سنگهه جو ڪاريه ڪرتا هئو. ڪن ڪارڻن ڪري هو ڪانگريس ۾ آيو ۽ ميونسپل جو ٽي دفعا ڪائونسلر ٿي رهيو ۽ هاڻي به الهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جو ٿاڦيل ميمبر پڻ آهي. هو ڪائونسلر هوندي پي.ڊبليو.ڊي. جو چيئرمن رهي ڪافي اثرائتو ڪم ڪري ڏيکاريو جيڪو وسرڻ جو ڪونه آهي، وري واٽر سپلاءِ جو چيئرمن بڻيو ۽ آڪٽراءِ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن پڻ ٿيو ۽ ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ ٿي ڪاريه ڪيو. هو بي.اي. پاس پڙهيل ڳڙهيل نوجوان

ڪائونسل کي برخواست ڪري ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو، جنهن نه ويتر حالات خراب ڪئي شهر جي، جو پاڻي ڪانو ڪٽي آزار پئدا ڪري ويو ۽ پاڻيءَ جي بلن جو پڻ بوجو وڌيو نه آڪٽراءِ به وڌي ۽ پاڻي کاتي جو اڳلو نڪمو سرشتو ۽ نڪمو اسٽاف پڻ ساڳيو رکي ويو. اڄ ڏسو نه توهان کي وڪاس ٿيل ڪٿي به نه ملندو، جيڪو پيو جوتي ڪم ڪري ويا، اُن ڪان سواءِ ٻيو ڇا ٿيو آهي؟

هيترين تڪليفن ڪان پوءِ به هوءَ همٿ رکي ڪم ڪري رهي آهي ۽ پنهنجي ڪٽنب سيما، پنڪي ۽ اُميش کي به پڙهائي لائقيءَ تي پهچائڻ ۾ لڳي پئي آهي، ٻي طرف شهرواسين جي پڻ سار سنڀال لهي رهي آهي ۽ پنهنجي پتيءَ لاءِ به قانوني لڙائي لڙي رهي آهي - شال سائين اجان وڌيڪ همٿ حوسلو وڌائيندس جو سڀ ڪاريه ڪري سوڀاري ٿيندي شڀ اِشائن سان.

ائڊريس : ڪالاڻي محل، ڪيماڻي چونڪ، سنڌونگر - ۴۲۱۰۰۲
فون نمبر : ۵۴۸۸۸۸



شري هرداس سنمکداس ماکيجا

شري هرداس ماکيجا جو جنم قنبر سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلع ۾ ١٠-٨-١٩٤٨ جي شري سنمکداس ماکيجا جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو ڪرشنا ديوي سنمکداس آهي. سندس ڏاڏو ۽ ڏاڏيءَ جو نالو نندي بائي ڏُورومل ماکيجا هئا. دادا سنمکداس جن شروع کان راڄنيتيءَ ۾ هئا. قنبر کان وني ۽ سوتنترتا سنگراميءَ سان گڏو گڏ جنرلسٽ يعني پترڪار پڻ هئا، هو ڪانگريس جا جهونا سپاهي ڪاريہ ڪرتا ۽ سماج سيوڪ هئا ۽ ميونسپل ڪائونسلر پڻ هئا ۽ جدا جدا ڪاميٽين جا چيئرمن پڻ رهي چُڪا هئا، اُن سان گڏو گڏ آزادي اخبار جا مالڪ ۽ سمپادڪ پڻ هئا ۽ مهورت شري وسنتراءِ دادا پاٽل چيف منسٽر کان ڪرايو هئائون جن سان سندن ڪافي نزديڪي سنبنڌ هئو. هڪ دفعو ڪامن ويلٿ پريس يونين ۾ لنڊن وڃي شرڪت ڪئي هئي ۽ سنڌونگر نالو رکائڻ لاءِ پڻ مظاهرن ۾ ڀاڱہ ورتو هئائون ۽ دِل جا صاف، سڌو ڳالهائڻ وارن مان هوندا هئا.

آهي، پاڻ اسڪول بورڊ جو چيئرمن پڻ ٿي رهيو ۽ ڪافي اسڪولن کي سڌارڻ ۾ يوڳدان ڏنائين. صبح صبح جو لڳ ڀڳ سڀني اسڪولن ۾ پاڻ روبرو وزٽ ڪري تڪليفون دور ڪرائي ڏنائين جو اڄ به سندس نالو اسڪول بورڊ جي اسڪولن جا ماستر ماستريائيون کڻنديون آهن.

هن جي بي باڪ صاف سُٿري لکڻيءَ ڪري اخبار ديش ڀڳت ڪافي مشهور آهي ۽ ڪافي اوچو درجو حاصل ڪيو آهي. هن وقت هو پي.ايچ.ڪي. پارٽي يعني شريمتي جوتي پپو ڪالاڻي پارٽي گروپ ۾ آهي ۽ پنهنجي لکڻيءَ ڪري ڪارپوريشن لاءِ ڪافي سٺيون صلاحون ڏيندو رهندو آهي ۽ ڪائونسل هال ۾ پڻ ميٽنگ وقت آواز بلند ڪندو رهندو آهي. وڏ ۾ وڏ سوال هن ئي پڇيا آهن. پهرين هو دوائن جو ھڏو واپاري هئو. هن وقت اخبار جي مالڪ ۽ سمپادڪ جون جوابداريون نڀائي رهيو آهي. هو ايس.اي.ايم. پڻ رهي چڪو آهي ۽ نڊر سپاءِ جو آهي.

سچ چوڻ ڪان اصل ڪونه ڏڪندو آهي. سندس جو پاشڻ پڻ روچڪ ۽ انگن اکرن سان هوندو آهي. ٻڌندڙن ۾ ڪافي اثر پئدا ڪندڙ آهي.

شل اڃان به اڳتي ۽ اڳتي وڌندو رهي ۽ شهر ۽ جاتيءَ لاءِ ڪاريہ ڪندو رهي.

آئڊريس : بئرڪ نمبر ٨٣٧/٤، شاستري ڪالوني، سيڪشن ١٧
پرسان، سنڌونگر - ٣٠٠ ٤٢١

فون نمبر : آفيس - ٥٥١٨٨٨، گهر - ٥٦٦٩٩١

مئجسٽريٽ پڻ رهي چڪو آهي. سنڌس کي شهر لاءِ اجان وڏيڪ ڪم ڪرڻ جي ڏاڍي لگن آهي. پڻ سنڌس کي پتا صاحب کان ٽريننگ ملڻ ڪري ڪم ڪرڻ ۾ ڪافي آساني ٿي ۽ هن وقت هو آزادي اخبار جو هرتا ڪرتا پڻ آهي ۽ ڪافي سماجڪ سيينٽڪ سرگرمين سان جڙيل آهي. آزمودگار، هڏ ڏوڪي ۽ ڪم ڪندڙ آهي، بنا ذاتي پيد ڀاوَ جي. اهڙن مشغولين هوندي به هو گهر ڏانهن پڻ پنهنجي پوري ذميواري نڀائيندو آهي ته يارن کي به ڪونه وساريندو آهي. اڄ شهر کي اهڙن صاف سٿرن ليڊرن جي خاص ضرورت آهي.

شل اجان اهڙي ڀهڙمڪي شخصيت کي وڏيڪ ۽ وڏيڪ ڪاميابي ملي ۽ شهر لاءِ ڪم ڪرڻ جي شڪتي ملي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو روشن ڪندو رهي.

اَئڊريس : گهر : ۵۰۲، هيرا پنا سوسائٽي، گول مئدان پرسان،
سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۱

آفيس : آزادي نيوز پيپر، اندران پرنٽنگ پريس،
سنمکه ماکيجا مارگ، سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۱

فون : گهر - ۵۴۹۰۹۱ پريس - ۵۴۱۸۶۷

هو يارن جا يار هوندا هئا جنهن گهر جو ماحول ئي راڄنيتي ۽ صاف سٿرو واتاورڻ هجي ته اُن گهر جي ٻين گهر وارن تي پڻ اهڙو اثر ٿيڻ ڄڻ لازمي آهي، ائين ڏٺو ويو آهي ۽ چوڻي آهي ته جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچڙا، اها چوڻي شري هرداس ماڪيجا سان هڪدم صحي لڳي آهي ۽ هو پڻ ڪاليجي جيون پوري ڪري وري نوڪري ڪرڻ لڳو سينچري مل ۾، اُتي ٻه سئي پوسٽ هئڻ ڪانپوءِ به ورڪرن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو،۽ اُنهن به سندس قدر ڪندي ڪامگار ڪنزميورس ڪوآپريٽوِ سوسائٽيءَ جو لڳاتار پنج سال پرڌان چونڊيو. اها هڪ سنڌيءَ لاءِ نه پر جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه هئي ۽ اهڙي نموني ڪاريه ڪندي سندس جي دوستن صلاح ڏنس ته پيءُ وانگر توهان به ڪائونسلر بڻجي شيوا ڪريو ته بهتر ٿيندو ۽ هو ١٩٧٨ع ۾ پهريون دفعو ڪائونسلر چونڊيو ويو ۽ سانده ڪائونسلر ٿيندو آيو آهي ۽ هاڻي به ڪارپوريٽر جي چونڊ ڪٽي آيو آهي، تنهن کان پوءِ هن پنتي ڪونه نهاريو آهي، قدم قدم تي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

هو واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج ڪاميٽي چيئرمن، ٽائون پلئننگ چيئرمن ۽ اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ رهي چڪو آهي. هو هڪ ملڻ سار، خوش مزاج، رسائي ڪري هلڻ ۽ نمرتا ڀريل انسان آهي ۽ هو ڪانگريس پارٽيءَ جو هڪ ٿنڀو ثابت ٿيو آهي جو هو ايم.پي.سي.سي. (مهاراشٽرا پرديش - ڪانگريس ڪاميٽيءَ) جو ميمبر پڻ آهي. هو اسپيشل ايگزيڪيوٽوِ

۽ پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو نالو ۽ ناماچار وڌائڻ لڳا.

هن وقت هي صاحب جيئي سنڌي سڀا جو پريزيڊنٽ آهي ۽ هيمون ڪالاڻي لئبرريءَ سان ناتو پڻ نڀائيندو رهي ٿو. اُن ڪانسواءِ ۱۹۷۳ع کان وٺي ماڊرن نموني سان ٺهيل ۽ رجسٽر ٽرسٽ جي 'لڪ - جيون' اسپتال جو پريزيڊنٽ آهي، جنهن اسپتال ۾ وڏا ڊاڪٽر ايندا آهن ۽ سٺين اسپتالن ۾ ڳڻي ويندي آهي.

اُلهاسنگر ۾ ڪارپوريشن ڪي نہ آڻڻ لاءِ هڪ اَئنٽي ڪارپوريشن ڪاميٽي ٺهي هئي، اُن جا اڏيڪش پڻ شري نوتنداس هئا.

نوٽ : اُن ڪاميٽيءَ ۾ خاص يوگدان دادا دنيچند ڪالاڻي، سيٺ نوتنداس خوبچنداڻي، تنهن ڪانسواءِ هاءِ ڪورٽ کان وٺي سپريم ڪورٽ تائين يعني دهليءَ تائين ڀائو گوپ ڀراڻي، موهن ڀراڻي، سندرداس ٻنيجا، ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي ۽ شري سريش (پپو) ڪالاڻي، سرڳواسي ڀائو شونڪنراءِ پرسواڻي، منوهر جيسواڻي، راجو جيون عيدناڻي هئا. اُن ڪانسواءِ شري ناري گرسهاڻي صاحب ۽ شري ڪيسواڻي وڪيل جو دهليءَ جي وڪيلن جو يوگدان قابلي تعريف آهي ۽ اُنهن ڪي وساري ڪونہ سگهبو ۽ اُن وقت ڪجهہ ٽائيم لاءِ ڪارپوريشن جي لٽڪندڙ تلوار هٽي ويئي هئي.


شري نوتنداس خوبچنداڻي هڪ دفعو ميونسپل ڪائونسلر پڻ ٿيو ۽ اُن هڪ دفعي ئي پنهنجي اورچائيءَ ڪري ٻي دفعا وائيس پريزيڊنٽ ٿيو تہ پي.ڊبليو.ڊيءَ. جو چيئرمن پڻ ٿيو ۽ ڪافي ڪم ڪرايائين. پنهنجن ساٿين سان گڏجي.



شري نوتنداس کوبچنداڻي

اڄ شهر ۾ جن ڳاڻ ڳڻيل مشهور هستين جي چرچا هلندي آهي ۽ نالو آهي، اُنهن مان شري نوتنداس کوبچنداڻي پڻ هڪ اهڙي شخصيت آهي. سنڌ ۾ هو اصل سعدو ديرو ضلع لاڙڪاڻي جا آهن. سندن جنم ۲۸-۲-۱۹۳۵ تي شري ناومل کوبچنداڻيءَ جي گهر ٿيو. سندن ماتا جو نالو آسر بائي هئو.

هو اصل ۾ زميندار خاندان جا آهن پر ورهاڱي کانپوءِ اچي اُلهاسنگر وسايائون. گهر گرهستيءَ کي سٺي نموني هلائڻ لاءِ سندن پتا صاحب ڪٽيءَ جو ڪم چالو ڪيو ۽ پاڻ ڪجھ وقت ريلوي ۾ نوڪري ڪيائين ۽ پوءِ ڌنڌي ۾ گهڙيا. نوڪري ۽ ڌنڌو ٿورو وقت ڪرڻ کانپوءِ وائين جي ڌنڌي ۾ گهڙيا ۽ پنهنجي محنت، لڳن، ايمانداريءَ سان اُن ڌنڌي کي اوج تي آندائون ۽ پوءِ پنهنجي ڀاءُ گرمکداس ۽ پٽن کي ٻـ ساڳي ڌنڌي ۾ آڻي ۽ ڪجھ بلڊر لائين ۽ زمينون خريد ڪري پنهنجا پير پختا ڪري ۽ گهرو حالتون بهتر بڻائي ۽ اوج تي آڻي پوءِ راڄنيتيءَ ۾ گهڙيا ۽ اُن سان گڏو گڏ ساهتڪ، سماجڪ، سيينڪ، ادبي سنستائن سان پڻ جڙجي ويا



شري نريندر رامچند راڄاڻي

شري نريندر راڄاڻي پنهنجي اورچائي، محنت، ايمانداريءَ ۽ صاف ڳالهائڻ جي ڪري، سنڌونگر ۾ پنهنجي پهچاڻ پاڻ ڪري مٿي آيل انسان آهي. سندس هوريان ڳالهائڻ يا وري اسٽيج تي سهڻي نموني ڳالهائڻ ڪري سندس ڪي الڳ پهچاڻ واري شخصيت ڪري ڇڏيو آهي.

سندس پتا جو نالو شري رامچند ۽ ماتا جو نالو مئنا ٻائي آهي. هو بي.ايس.سي. سائنس گرئجوئيٽ سان گڏو گڏ هندي ڪووِد ۽ سنسڪرت مڌيما امتحان پاس ڪيل آهي. هو هڪ ميڊيڪل ڪمپنيءَ جو رپرزينٽيٽوِ يعنيٰ عيوضي ٿي ڪاريہ ڪندو آهي ۽ ڪافي ميڊيڪل ڪئمپون پڻ آئين ڪيل اٿس ۽ غريبن جو همدرد ۽ ڪم ڪندڙ ڪاريہ ڪرتا آهي ۽ هڪ قسم جو لڪل لعل آهي.

هي نوجوان سانده چار سال بي.جي.پي. پارٽيءَ جو آڊيڪش رهي چڪو آهي ۽ پوليس لئزن ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ ٿيو آهي ۽ ٽيليفون ائڊوائزري ڪاميٽيءَ


ڪجهه ٽائيم بي.جي.پي. پارٽيءَ يعني ڀارتيه جنتا پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ پڻ رهي پارٽي مظبوط ڪئي ۽ نوجوانن کي اڳيان آڻي پاڻ مارڳ درشڪ ٿي ڪم ڪري رهيو آهي.

نويوڪ سڀا جي طرفان پريزيڊنٽ رهندي لئبرري پڻ چالو ڪرائي ۽ هاڻي ٻه هڪ وڏو سندر ڪاريه هٿ ۾ ڪٽي اُن جو روح رواڻ پريزيڊنٽ آهي، اها پڻ رجسٽر ٽرسٽ آهي، ’لڪشمي ٻائي ايسرداس ٽرسٽ‘ جيڪا هڪ چوٿين نمبر جي گهرج هئي. اُن ٽرسٽ رستي هڪ وڏو درٻار صاحب جو هال، ڌرمشالا ۽ ڪميونٽي هال ٺهي رهيو آهي. اُن جو مهورت ڀائو رام ڪاپسي صاحب راجيه سڀا جا ميمبر ۽ سنتن جي شڀ هٿن سان فائونڊيشن پٿر رکيو ويو آهي ۽ ڪم چالو آهي.

هو هڪ نشٺاوان، ڌرمشٺ، ڪُشادي دِل وارو معتبر، يارن جو يار، سنتنشٺ ۽ اوچ وچارن وارو انسان آهي ۽ وٽ آهر مدد ڪرڻ ۾ اڳرو رهندو آهي ۽ شل ايشور سندس کي ڀلائيءَ جا ڀاڳا اجان وڏيڪ ۽ وڌيڪ ڏي جئن سماج جي شيوا ڪندو رهي ۽ جس کٽي وڏن جو ٻه ٺالو چمڪائيندو رهي.

ائڊريس : بئرڪ نمبر ١٣٥١، سيڪشن ٣١/بي.، سنڌونگر-٣٢١٠٠٣

فون نمبر : ٥٢٠٨٥١



دادا سندرداس ٻنيجا

اڄ شهر ۾ ڳاڻ ڳٽيا بزرگ سوتنترتا سنگرامي آهن، اُنهن ۾ شري سندرداس ٻنيجا صاحب هڪ مشهور ڪاريه ڪرتا آهن. سندن کي ڀائو يا دادا ڪري هرڪو شهرواسي عزت سان سڏ ڪندو آهي. اهو سندن جو پيار ۽ قربن ڪري آهي جو هو هرهڪ کي بنا ذات پات جي بنا ڀيد ڀاو جي پيار سان سڏ ڪري ڳالهائيندا آهن. اها سندن وڏماڻپائيپ آهي. هو اصل سنڌ سکر جا زميندار خاندان جا آهن. سندن جنم ١٩١٦ع ۾ ٿيو سيٺ ڪنعيالعل جي گهر. سندن ماتا جو نالو سڳني ٻائي هئو. نوجوان هوندي کان ئي هو پهلوان ٽائيپ جا هئا ۽ اڪثر ڪسرت ڪندا رهندا هئا ۽ هاڻي به اينري وڏي عمر ۾ به سائين ۽ جي مهر سان ڪافي تندرست ۽ ڦڙتيلا آهن.

هو سوتنترتا سنگرامي آهن ۽ انگريزن کي ڪافي ٽوٽا چپايائون، هن وقت به هو فريڊم فائيٽرس ائسوسيئشن جا پريزيڊنٽ آهن اُلهاسنگر جا ۽ ٤ دفعا لڳاتار ميونسپل ڪائونسلر ٿي رهيا آهن. سندن ڌرمپتني ۽ جو نالو ڀاڳونتي


جو ميمبر پڻ ٿيو آهي ۽ ٽاٽا ڪنزيومرس گائيڊنس جو چيئرمن پڻ ٿيو آهي ۽ ميڊيڪل ريپرزنٽيٽوس ائسوسيئيشن جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ آهي. هو بي.جي.پي. پارٽيءَ جو پرديش جو ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ آهي. هاڻي هو الهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جو چونڊيل ڪارپوريٽر آهي ۽ پهرين دفعي ٽي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن پڻ ٿيو آهي ۽ شهر لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. سندس ڌرمپتني پڻ پهريون دفعو ڪارپوريٽر چونڊجي ويئي آهي شريمتي پارتي نريندر راجاڻي. شري راجاڻي ملڻ سار ۽ ڪم ڪندڙ ڪاريه ڪرتا آهي ۽ سولو ملي سگهندو آهي، انڪري هر پارٽيءَ جا ڪاريه ڪرتا سندس عزت پڻ ڪندا آهن. هو جاتي ڀيد ڀاوَ ڪان بلڪل پري آهي. هن جي ٽائيم ۾ بي.جي.پي. پارٽي مظبوط پڻ ٿي آهي، ۽ هِنَ نوجوانن جو هڪ ڪئڊر تيار ڪيو آهي، پارٽيءَ کي وڌيڪ مظبوط ڪرڻ لاءِ.

شل اجان به ڪاريه ڪندو رهي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو اوچو ڪندو رهي.

سندس کي ٽي ٻار آهن - ٻه ڌيئر ۽ هڪ پٽ 'ڇوٽا پريوار، سکي پريوار'.

ائڊريس : ڪرشنا وِلا، ٻئرڪ ١٤٨٢/١، ٻيون ماڙ، سيڪشن ٣٠-بي.، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٤

فون نمبر : ٥٢٨٣٨٤ / ٥٢١٩٧٧، موبائيل نمبر - ٩٨٢١٠١٧٤١٠



شري هرولعل راجپال ’ستايل‘

شري هرولعل راجپال هڪ سنڌيت جو پوڄاري ۽ شيدائي شخصيت آهي جنهن جيون جو آديش ئي سنڌيت جي جوت جڳائڻ ۾ پاڻ ارپن ڪري ڇڏيو آهي.

سندس جنم ۱۲-۸-۱۹۳۱ ۾ باده ضلع لاڙڪاڻو سنڌ ۾ ٿيو. هو فائينل پاس آهي.

سندس جي دلي تمنا آهي ته اسان سڀ سنڌي پڙهون، ڳالهايون ۽ جهوليلال سائينءَ جي مورت هر مندر ٽڪاڻي يا سيني* گهرن ۾ هجڻ کپي ۽ شاديءَ جو ڪارڊ به سنڌي عربي ٻاشا ۾ ڇپائڻ گهرجي، هو هميشه سال ۾ ٻه ٽي سنڌيت جا ميلا تمام سٺي نموني ملهائيندو آهي. پاڻ پڻ جهوليلال جي مورت مفت ورهائيندو آهي. پاڻ هڪ پٽ جو نالو پڻ سنڌو ديپڪ رکيو آهي.

سندس کي دراما ڪرڻ ۽ اُن جي هدائتڪاريءَ جو ڪافي آزمودو آهي، هي عظيم شخصيت جو ڏٺي آهي، ليکڪ، شاعر، ناٽڪڪار، ڳائڪ، هدائتڪار ۽ ڪلاڪار

ديوي هئو.


ورهاڱي کانپوءِ پهرين هردوار پڻ رهيا ۽ ڪجهه مُدت مائٽ اڄ بہ اُتي رهندا اٿن. ڪيترا سال هو ٽين نمبر او.ٽي. سيڪشن پئنچائت جا مُکي پڻ رهي چڪا آهن. اڄ بہ ڪيترا سندن کي مکي صاحب پڻ سڏيندا آهن ۽ هو ڀڙاڻي خاندان جا يعني پائو ڳوپ ڀڙاڻي ۽ پائرن جا پيٽويئا صاحب پڻ آهن ۽ هن وقت سندن ننڍو ڀاءُ شري ڪمار آٽلاڻي پڻ ڊپٽي ميئر اٿن، سندن کي منڊڻ کافي کائڻ جو شونق آهي، شايد اُنڪري وڏيڪ مٺا آهن.

شال سائين اجان سندن کي سگهہ ڏي جو شهر جي لاءِ اجان ڪجهہ ڪن ۽ وڌيڪ جس کٽن.

هن وقت هو اٽڪل اَسي (٨٠) سالن جا جوان آهن.

اَئڊريس : بئرڪ ١٠٨٤، ڀاڳيہ لڪشمي، گرائونڊ فلور، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر - ٠٠٣ ٤٢١

فون نمبر : ٧١٨٥١ / ٧٩٤٨٤



شري ديارام ايس. منوجا

اُلهاسنگر جنهن کي اسان هاڻي سنڌونگر به چوندا آهيون ته هڪ قسم جي ننڍي سنڌ به چئون ته غلط ڪونه ٿيندو ۽ هاڻي ته هر قسم هر جاتيءَ هر ڌرم جا ماڻهو پڻ رهن ٿا، ڪاسماپوليٽن شهر چئون ته به صحي ٿيندو. سنڌي جاتيءَ ۾ به ڪيترا ديش ڀڳت پئدا ٿيا آهن جن پنهنجي پيل ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ پڻ پي ڪم ڪيو آهي.

اُنهن مان شري ديارام سيٺ صوڀراجمل منوجا پڻ هڪ آهي. اصل سنڌ ۾ تالوڪو ڏوڪري جي پرسان باده شهر جا رهندڙ، ضلع لاڙڪاڻو جا آهن. سندس جنم ١١-٣-١٩٢٢ تي ٿيو. هن وقت ٧٧ سال چالو اٿس، موهن جو دڙو به باده جي پرسان هو. هو هڪ خانداني ۽ شاهوڪاري ۽ زميند اري خاندان جو چراغ آهي، هن وقت هو مهاتما گانڌيءَ جو هڪ چيلجي ڪٽي ته سچو پوڄاري آهي، پاڻ روز نيم سان چرخي تي ڌاڳو ڪتي

آهي، سندس جا ننڍا ننڍا ڪتاب بہ ڪافي ڇپائي پڌرا ڪيل آهن، هن هندي ناٽڪن ۾ بہ ڪم ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ شهيد هيمون ڪالاڻي ۽ وير حقيقتراءِ ناٽڪن ۾ ڪلاڪار ۽ هدائتڪار طور مشهور ٿيل آهي، سندس پٽواري ڊرامائو پستڪاليہ ۽ راڄپال بوڪ ڀنڊار ڪافي مشهور آهن.

سندس کي ڪافي انعام پڻ مليل آهن ۽ ڪيترين ئي سنستائن سندس سنمان ڪيو آهي.

سندن گهر جا ڀاتي پڻ خاص سندس پٽ رمڻ راڄپال ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي سنڌيت جي جوت جڳائڻ ۾ شامل آهن.

سندس وٽ سنڌي ڪتاب اخبارون رسالا فوٽون جو چڱو خزانو آهي، هيتري وڏي اُورجا هوندي بہ ڦُڙتي جوانن وانگر آهي. شال لال سائينءَ ۽ سنڌيت کي قائم رکڻ وارا سنڌي هن جاتيءَ ۾ ٻيا بہ پيدا ڪري ۽ سنڌيت جي جوت جڳندي رهي.

اَئڊريس : ٻئرڪ ١٦٠٨/٩، سيڪشن ٢٦، سنڌونگر-٠٠٢ ٤٢١

فون نمبر : ٥٢٩٥٨١ / ٥٣٠٠٣٢

والي بال جو ۽ اهو ٻه جيڪو سنڌ ۾ ٻه والي بال جو چئمپيئن چوندا هئا، هي بي.اي. پاس نوجوان هن وقت ايتري عمر هوندي ٻه نوجوانن کان وڌيڪ ڦڙتُ چست ڪاريه ڪرتا ۽ شيواڌاري آديواسي ڳانوَن ۾ بنا ڪنهن لالچ يا نالي جي شيوا ڪندو رهي ٿو، اهڙي عظيم شخصيت جي اسان جي شهر کي هن وقت نه پر هميشه گهرج آهي.

شل سائين اَجان سگهه ڏيس جو غريبن، پيڙتن ۽ آديواسي غريبن جي شيوا ڪاريه ڪندو رهي.

جئن ڪنهن سنت چيو آهي ته وديارٿي هميشه پريوءِ جو ڏيان ڪر، هڪ ڏينهن تون ضرور مهان بڻجندين.

ائڊريس : ديارام ايس. منوجا، بئرڪ نمبر-١٥٩٠، پائي ٽلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ، سيڪشن-٢٧، ايڪتا هائوس، سنڌونگر-۴٢١ ٠٠۴ (ٺاڻا ضلع)

فون نمبر : ۵٢۵٣٦۴

اُن مان کاڌي ٺهرائي اُن مان ڪپڙو ٺهرائي اُهي پائيندو آهي، جن اهڙي شخصيت کي اڳ ڏٺو هو بادشاهي نموني ۾ هاٿي ڏِسندا هوندا فقيري نموني ڪيترو نہ زمين آسمان جو فيرو آهي.


سنڌونگر جيڪو اوائلي مليٽري ڪئمپ هئي ۾ هتان جي حالت ڏسي پرڻ ڪيائين تہ چمپل ڪونہ پائيندس، اُن پڻيان بہ مقصد هو ۾ اُن پڻيان ڪرانتي چين جي لڙائيءَ پڻيان ٿي ۾ مقصد لاءِ وچن ڪيائين تہ نهرو خاندان مان ڪو اچي اُلهاسنگر ۾ پر اُها اِڇا پوري ڪونہ ٿي. اهڙي نموني هڪ نہ پر بہ ٽي پرن ڪيائين پر اُهي ڪم ڪونہ ٿيا، اُن ڪري پرتگيا ڪئي هئائين تہ پيرين اُگهاڙو بنا چمپل بوٽ جي هلندس، اُن ٽي اڄ بہ قائم آهي، ٻيون وچن ڪيائين تہ هر سال وارڌا وڃي پنهنجي وار لهرائيندس ۾ اُتي ارپن ڪندس ۾ اڄ تائين ايئن ڪندو آهي، اُن پڻيان سندس مقصد هئو تہ پنج لک ماڻهو مهاتما گانڌيءَ جي شراد تي وار لهرائين. چوندا آهن شل نہ وئراڳ اچي ڇا تہ بادہ شهر جا سينيون ڇا ڳانو ڳانو وڃي غريبن جي شيوا ۾ مدد ڪرڻ پيرين اُگهاڙو ڪاڌيءَ جا ڪپڙا هڪ تيلهو ڪلهي ۾. مان تہ سندس کي سنڌونگر جو مهاتما گانڌي چوندو آهيان پر هو چوندو آهي تہ مان تہ مهاتما گانڌيءَ جو هڪ سپاهي ۾ پوڄاري آهيان.

ڪنهن سمي جو شونقين تبيعت، اسپورٽسمئن خاص

سندس من ۾ غريبن لاءِ همدردي هميشه رهندي آهي، اُن ڪري شيوا جي ڪيتر ۾ پڻ پاڻ موکيو اٿائين ۽ اُن سان گڏوگڏ راڄنيتيءَ ۾ پڻ پاڻ موکيو اٿائين. چوندا آهن جتي لڳن آهي، اُتي راهه پاڻيهي ملندي آهي، اهڙي نموني ڊاڪٽر نريندر پنجواڻيءَ پڻ ڪاريه چالو رکيو. اٽڪل ۴۵ ڪان به مٿي ميڊيڪل ڪئمپس يوگدان ڏنو آهي ۽ پڻ ريڊڪراس سوسائٽيءَ ۾ به اٽڪل ۱۲ سالن ڪان شيوا ڪندو رهندو آهي مفت ۾ بنا ڪنهن اُجوري وٺڻ جي، اَپاهجن لاءِ آرٿوپيڊڪ ڪئمپ ۵ نمبر ۾ پڻ لڳائي هئي سينچري مل ۾ جڏهن گئس ليڪ ٿي هئي، اُن ۾ ڪجهه ماڻهو مري پڻ ويا ۽ ڪافي بيمار ٿيا هئا، اُتي پڻ هن ڪافي شيوا ڪاريه ڪيو. پڻ هڪ دفعو ڪلياڻ پرسان ريلوي گاڏيءَ ۾ بم ڦاٽو هو ۽ ڪافي ماڻهو گهايل ٿيا هئا، اُن وقت پڻ هن دوست همدرد ڪرم ۾ وشوار رکندڙ ڊاڪٽر نريندر پنجواڻيءَ پنهنجي شيوا ڪاريه ڪرڻ جي پنهنجي همٿ ڪئي ۽ ڪيترن کي بامبي، جي.جي. اسپتال ۽ ٻين هنڌ علاج پاڻ وجي ڪرايو ۽ جس کٽيو.

هو روٽري ڪلب ۽ جائنٽس گروپ جو پڻ هڪ سُنو ڪم ڪندڙ اڌڪاري عهديدار رهي چڪو آهي.

اُلهاسنگر ميڊيڪل ايسوسيئشن جو لڳاتار پنج سال جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي ۽ هاڻي پڻ اُن مشهور سنستا جو سانده چوٿون دفعو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو آهي.



ڊاڪٽر نريندر پنجواڻي


سکر سنڌ جا رهندڙ شري وشنداس پنجواڻي او
ڪوٽيءَ جا تعليمدان ليکڪ شاعر جي گهر ڊاڪٽر نريند
پنجواڻيءَ جو جنم ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ ناسڪ
جهڙي پونا استان تي ۲۵ سيپٽمبر، ۱۹٦۰ تي ٿيو
سندن ماتا صاحب جو نالو شريمتي سُمترا ديوي آهي
گهر جو ماحول انسان تي اثر ضرور ڏيکاريندو آهي.
اهڙي نموني ڊاڪٽر نريندر پنجواڻيءَ تي پڻ ڌارمڪ
۽ تعليمي خانداني رنگ جو اثر ثابت ٿيو.

ناسڪ ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ اُلهاسنگ
اچي وسايائون ۽ نيو ايرا اسڪول مان ايس.ايس.سي
ڪرڻ کانپوءِ چاندي بائي ڪاليج مان سائنس بارهو
درجو پاس ڪري بمبئي وشو ودياليه مان ڊاڪٽري پا
ڪري پريڪٽس چالو ڪئي ۽ هڪ ڪامياب ڊاڪٽر ط
مشهوري حاصل ڪئي.

هريرام سانولاڻي ۽ ٻلرام سانولاڻي
(هري ٻلي)
(ڪولهاپور گانڌينگر وارا)



(ٻلرام سانولاڻي)



(هريرام سانولاڻي)

پريو پرماتما اسان کي منش جنم ۽ سندر ديهه ڏني آهي، اُن ۾ انسان کي پنهنجي ستگروءَ کان نام وٺي گيان وٺي، ست ڪرم جو رستو وٺي آتما جو ساڪياتڪار ڪرڻو آهي يا ته هن سنسار ۾ اچي پراُپڪار جا ڪاريه ڪري جيون سڪميه، سگنڌميه سڦل بڻائڻو آهي. جئن ڪنهن مهاتما فرمايو آهي ته 'يا ته آتم گيان هجي يا پراُپڪار هجي، جنهن ۾ اهي ٻئي گڻ نه هجن ته اُن جو منش جيون بيڪار آهي.'

اُن مقصد کي وٺي شري هريرام تيرٿداس سانولاڻي ۽ شري ٻلرام تولارام سانولاڻي عرف (هلي-ٻلي) جي جڳهه

اها هڪ قسم جي وڏي ڪاميابي آهي.

هن هڪ قسم جو هڪ دستاويز ناهي رڪارڊ قائم ڪيو آهي جو پبلڪ جي ڀلي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو. اهو آهي سنڌس 'ميڊيوائر' جا ٦ انڪ ۽ هڪ 'ميڊيميبل' ڊئريڪٽري پڻ ٻه دفعا ڪڍي آهي جنهن ۾ ڊاڪٽرن ڪانسواءِ پڻ بامبي جي اسپتالن، پيٿالاجي سينٽر ۽ ٻين ڊاڪٽري سيوائن جون ڪارگر ائڊريسن سان گڏ ٽيليفون نمبر پڻ آهن ۽ اُلهاسنگر جي وي.آءِ.پي جا ٽيليفون نمبر پڻ آهن. اُن ڪانسواءِ راڄنيتيءَ ۾ به سٺو يوگدان ڏيندو رهندو آهي. هو اُلهاسنگر ضلع شهر ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري پڻ آهي ۽ پوليس لئزننگ ڪاميٽيءَ جو پڻ ميمبر آهي ۽ روزاني آزادي اخبار جو آنرري ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو آهي.

شل سائين اجان وڏيڪ ۽ وڏيڪ سگهه ۽ لگن ڏيس جو شهر ۽ شهرواسين جي سيوا ڪندو رهي ۽ پنهنجي وڏن جي نالي کي چمڪائيندو رهي.

ائڊريس : جئه بابا اپارٽمينٽ، فلئٽ نمبر ٣٠٧، نئين ٽيليفون ايڪسچينج جي پرسان، سنڌونگر - ٤٢١ ٠٠١

فون نمبر : گهر - ٥٤١٠٣٠ ڊسپينسري - ٥٤٩٩٨٠

قدرتي آپدا جتي اچي اُتي وچي وقت سر مدد ڪرڻ
جهڙا ڪم ڪرڻ، اهڙا اُتم ڪاريہ مانوَ ماتر جي شيوا
ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهي ڪري رهيا آهن.

اُن سان گڏوگڏ اڌياتمڪ واڌاري لاءِ هرسال سنتن
مهاتمائن جا ستسنگہ ۽ ميلا لڳائڻ ۽ هندو سناتن ڌرم
جو پرچار ۽ پاڇوت، رامائڻ جا پاٺ رکائڻ ۽ وايو شڌيءَ
۽ وشوَ ۾ شانتي قائم رهي لاءِ هوَن يگيہ ڪرائڻ جهڙا
سندر ڪاريہ ڪري پنهنجي سونهاري ستگروءَ مهراجن جي
آسيس سان سندن ٻڌايل راهہ تي هلي پنهنجو نالو روشن
ڪري رهيا آهن ۽ اُنهن ڪامل گرن جي اُپار ڪرپا درشٽيءَ
جا پاتر بڻيا آهن.

چوندا آهن تہ 'شل اهڙا لال چمن جيڪي چمندي
چام بڻي دُنيا کي روشن ڪن.'

'جئہ شري ڪرشڻ'

اَئڊريس : 'هري-ٻلي'، پريم پرڪاش مندر، گانڌينگر، ڪولهاپور.
ٻلرام سانولاڻي، بئرڪ-١٦٨/٩، گانڌينگر، ڪولهاپور-١٩.
فون نمبر : ٦١٠١٥٥ / ٦١٠٦٨٧
هريرام سانولاڻي، بئرڪ-٦/٢٢، گانڌينگر، ڪولهاپور-١٩
فون نمبر : (دڪان)-٦١٠١٣١، (گهر)-٦١١١٣١

پرسڌ آهن.

شري هريرام جو جنم ۱۹۵۰-٦-۱ تي ٿيو ۽ شري بلرام جو جنم ۱۹۵۱-٦-۱ تي ٿيو آهي. هينئر هو گانڌينگر ڪولهاپور ۾ رهندڙ آهن ۽ ٻئي پنهنجو جيون پراُپڪارميہ بڻائي جس جا ڀاڱي بڻجي رهيا آهن.

نندپڻ کان ماتا پتا جي سٺن سنسڪارن ڏيڻ ڪري ۽ پرڏاڏي سنت سانولداس جي آسيس ۽ پرتاب ڪري نندپڻ کان وٺي سنتن جي شيوا ۾ چاهہ جاڳيو. ڦل سروپ مهان ڪرم يوگي، ڪرشن روپي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج جن گروءَ روپ ۾ مارگہ درشڪ مليا. اُنهن ستگرن جي آشيرواد سان ستسنگہ ۾ پيار ۽ دين دُکين جي شيوا ڪرڻ جو انگہ جاڳيو. ڪولهاپور گانڌينگر جي اندر شاهي سهڻو پريم پرڪاش مندر ٺهرائڻ، جتي نت نيم سان ستسنگہ ڪري نام جي جوت جڳائڻ، اتڻيءَ جي سيوا ڀڳوان جي سيوا سمجهي ڪرڻ، اُن مندر ۾ سوامي ستگرو شانتي پرڪاش مهراجن جو هڪ ڌيان مندر روم ٺهرائڻ جتي من کي شانتي ملي ۽ هن دُنيوي سمي ۾ من ڪجهہ وقت ايڪاگر ٿي برهم ۾ پنهنجو من لڳائي آنند وٺي سگهي ۽ شانتي محسوس ڪري سگهي، ضرورتمندن شاگردن کي مدد ڪرڻ، هوشيار وديارٿين يعني ٻارن کي وقت بہ وقت انعام ڏيئي همٿائڻ، بيمارن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريب گهرجائن کي دوائون ميسر ڪري ڏيڻ، اکين جون مفت ڪئمپون لڳائڻ،


جي نگاھ سان ڏٺو ويندو آھي ۽ سچائيءَ سان ايمانداريءَ ۽ مددگار جي روپ ۾ بہ ڪافي نالو ڪڍيو آھي. پھرين ھو ناسڪ ۾ ھئو ۽ اُتي پڻ سڀ سندس جو نالو ڪڻندا آھن تہ واقعي ئي ھو ھڪ ايماندار آفيسر ھئو، اُن ايمانداريءَ ڪري سندس جي اٽڪل ١٢ جڳھين تي بدلي پڻ ٿي آھي، پر ھو ھڪ پختي ارادي ۽ سچائيءَ تي اڏول آھي. ڪن ڪي ھو نہ بہ وڻندو ھوندو سندس جي سچائيءَ ڪري پر ٿي ڇا؟ چوٽي آھي، سچ تہ بيٺو نچ، يا ٻي چوٽي آھي تہ سچ جي ٻيڙي لڏندي لمندي پر ٻڏندي ڪونہ آھي، اھي چوٽيون سندس سان لاڳو آھن.

سندس جي ھڪ خاصيت آھي تہ ھر ڇھين مھني رت دان ڪندو آھي ۽ اٽڪل اٺ سال اڳ شرڌي سائين بابا جي درشن لاءِ ويو ھو تہ اُتي اڪيون ڊونيٽ جو فارم ڀري ڏيئي آيو تہ اُھي ڪنھن جي ڪم اچن مرڻ کانپوءِ بہ اسان لاءِ تہ ڪجھ ڪونہ آھي، اُنڪري آفرين اٿس اھڙن صد ڪمن ڪرڻ لاءِ.

ھو سنڌيت جو شيدائي پڻ آھي جو ڪوشش ڪري ادبي گڏجاڻين ۽ فنڪشنن تي ويندو آھي.

سندس ڪي لڳ ڀڳ شھر جي وڏين اسپتالن جا مالڪ ڊاڪٽر سڃاڻندا آھن جو لائيٽ جو لوڊ يعني وڏو پاور پاس ڪرائي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي اٿائين.

ھن لائيٽ چوري ڪندڙن ۾ پڻ ترٿلو پئدا ڪري ڇڏيو ھو جو ھو نہ پيو چاھي تہ ڪا لائيٽ جي چوري ٿئي پر سندس جي خاصيت آھي تہ ھو پھرين ھڪ بہ دفعہ اُنھن کي ،وڪيندو آھي، تہ اھڙو غلط ڪم نہ



شري جواهر گرناڻي

جهڙو سندس نالو جواهر آهي، اهڙي ئي نموني هن پنهنجو نالو جواهر ثابت ڪيو آهي.

سندس جنم ۲۴-٦-۱۹۴٦ تي ٿيو آهي ۽ سندس ماتا جو نالو ڏُلي بائي ۽ پتا جو نالو چنچلداس گرناڻي آهي.

سندس پڙهائي شروع ۾ سنڌي ميڊيم ۾ ستين درجي تائين ٿيل آهي، تنهن ڪانسواءِ ايس.ايس.سي. تائين مرهٽيءَ ۾ ٿيل آهي ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ بي.ئِي. (مِڪئينيڪل) ۾ انجنيري تائين ٿيل آهي.

هي هڪ رلڻو ملڻو ايماندار آفيسر آهي ۽ هن وقت ايم.ايس.ئي.بي. ڊپارٽمينٽ ۾ ڊپيوٽي ايگزيڪيوٽِو انجنير آهي. هن جي ايمانداريءَ ڪري ڊپارٽمينٽ طرفان ايڪهٺ هزار رپين جو انعام پڻ مليل اٿس.

سندس رلڻو ملڻو ۽ نرم دل ۽ پيار پريو وهنوار ڪري سندس کي ڊپارٽمينٽ توڙي باهر ڪافي عزت



شري پمنداس چانڊواڻي

اڳين ميونسپل ڪائونسل يا هاڻي اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جيسين هن شهر ڪي سنڀاليندين اوستائين شري پمنداس چانڊواڻيءَ کي شهر ۾ ڪوبہ وساري ڪونہ سگهندو.

خاص ڪري ترمورتي چانڊواڻي، وڇاڻي ۽ تڏاڻيءَ کي شهرواسي ڪونہ وساري سگهندا، اُنهن جي ڪم ڪرڻ جي ڏانوَ ڪري.

شري چانڊواڻي اصل دادوءَ سنڌ ۾ جنم ورتو ١٤-٨-١٩٣٧ تي شري يوڄراج چانڊواڻيءَ جي گهر.

پاڻ ڪافي پڙهيل هئا ۽ بي.اي.، ايل.ايل.بي، ايل.ايس.جي.ڊي. ۽ ايل.جي.ايس. جا امتحان پاس ڪيل هئا.

پاڻ ميونسپل جا لڳ ڀڳ سڀ کاتا سنڀاليا هئائون ۽ پوءِ ڊپوٽي چيف آفيسر تي ڪم ڪيائون، سندن جو شهر کي ڏاهڻ جو يوڳدان وساري ڪونہ سگهبو. سندن کي ايترو تہ آزمودو هوندو هو جو چيف آفيسر يا ائڊمنسٽريٽر يا پريزيڊنٽ پڻ سندن کان صلاح وٺندا هئا.

ڪيو، هو ٻڳوان ۾ آستا رکندڙ همدرد دوست آهي.


اُلهاسنگر ۾ سندس بدلي ٻه سندس جنم ڏِن تي ٿي هئي، جڏهن اُلهاسنگر ۾ ١٩٩١ع ۾ پوائيءَ تي ٽرانسفارمر ڦاٽو هو، اُنڪري هن کي اُلهاسنگر جي چارج ملي هئي ۽ هن انوکي شخصيت ٣٠ سيڪڙو فيليوئر ٽرانسفارمرن کي دُرست ڪري اچي ١ يا ٢ سيڪڙو تي پهچايو ۽ پنهنجي ڪم ڪرڻ جي ڏاڪ ڄمائي.

سندس ڪٽنب ننڍو آهي، جنهن ۾ سندس ڌرم پتني لتا ديوي، جيڪا پڻ ايس.وائي.بي.ايس.سيءَ ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آئي هئي، ۽ پڻ چانديبائي ڪاليج مان بي.ايس.سيءَ ۾ اول درجي ۾ پاس ٿي هئي ۽ سندس ٻه پٽ هڪ انيل جيڪو سيڪنڊ ييئر انجنيرنگ پڙهندو آهي ۽ ٻيو پٽ اميت يارهين درجي ۾ سائنس جو چانديبائي ڪاليج جو وديارٿي آهي.

شل اهڙا جواهر هرهڪ جي گهر ڄمن جي وڏن جو نالو روشن ڪن.

ائڊريس : راڪي اپارٽمينٽ، ٻيون ماڙ، نيتاجي چونڪ، سنڌونگر-٤.

فون نمبر : گهر - ٥٢٣٦٦٣، هن وقت آفيس جو فون ٤٧٠٠٩



شري منگترام ريجهومل دوداڻي

الهاسنگر ۾ مشهور هستين ۾ شري منگترام دوداڻيءَ جو نالو ڳڻيو ويندو آهي. خاص ڪري ڪاسٽ آڪائونٽنٽ ۽ سوسائٽي رجسٽر ڪرائي ڏيڻ ۾ ماهر آهي ۽ پڻ ٽئڪس ڪنسلٽنٽ ۾ ڪافي نالو ڪمايو آهي.

هو هميشه پيو نرمائيءَ پنهنجائپ نهٺائيءَ پيار سان پيو ڳالهائيندو آهي ۽ سمجهائيندو آهي.

سندس جنم پهرين جون، ۱۹۴۲ع تي سنڌ ۾ اباوڙه ڳوٺ ضلع سکر ۾ زميندار ي گهراڻي ۾ ٿيو.

سندس پتا صاحب جو نالو شري ريجهومل ۽ ماتا جو نالو ڀڳواني ٻائي هئو. ورهاڱي کانپوءِ ڪافي محنت سان اڳتي آيل آهي ۽ پنهنجي ڪٽنب کي اوچو استان ڏياريو آهي جو پنهنجي تعليمي لياقت ۽ پيار سان اڄ هو پنهنجي ڳوٺ جتي ڄائو نپنيو، اُن ڳوٺ واسين جي هندستان اچڻ کان پوءِ هتي هو اُن پئنچات جو يعني

سندن قلم ۾ اينري تہ طاقت هوندي هئي جو سندن لکڻيءَ کي کوبہ ٽاري کونہ سگهندو هو. اهڙي تہ سولي ۽ سڌي نموني نوٽ لکندا هئا، اُنکري شري لعل وچاڻي ۽ شري ٽڏاڻي پڻ سندن کي پنهنجو وڏو ياءُ کري ليکيندا هئا ۽ صلاح مصلحت کندا هئا.

مونکي شخصي آزموندو آهي کائونسلر ٿيڻ کانپوءِ کڏهن وارڊ جي سڌاري لاءِ کا صلاح وٺڻ ويندو هيس سندن کان تہ وهاري چانهہ پيئاري سهڻي سٺي صلاح ڏيندا هئا، چوندا هئا تہ ڊاکٽر سوني خيال نہ کر هاڻي تا کم کرايون، جيکو کائونسلر گسي ۾ هوندو هو تہ اُن کي بہ سٺي نموني سمجهائي کم کرائي ڏئي خوش کري موکليندا هئا، اهڙي ذات هوندي هئن.

کجهہ ٽائيم ائکٽنگ چيف آفيسر پڻ ٿي رهيا، اهڙن سٺن ماڻهن جي هٿي بہ گهرج آهي تہ سائين وٽ بہ گهرج آهي ۽ اوچتو ٻڌو تہ دادا چانڊواڻي صاحب سرڳواس پڌاريا ۱۹۸۸-۲-۹ تي اهڙو ڏڌکو دِل کي پهتو جو بيان کونہ ٿو کري سگهجي.

سڄي شهر کي ڏڌکو لڳو پر کري کجهہ کونہ ٿو سگهجي.

اهڙي ئي پريم پرئي کلڻي سپاءَ جو سندن جو پٽ شري منوج پمنداس چانڊواڻي پڻ آهي، شل هو بہ پنهنجي پتا جي نقش قدمن تي هلي پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو روشن کندو رهي.

ائڊريس : آشا کو-آپريٽوِ سوسائٽي، فلئٽ نمبر-۸، نيون ماڙو، اُلهاسنگر ميونسپل کارپوريشن پرسان، سنڌونگر - ۴۲۱۰۰۳

فون نمبر : ۷۴۱۸۱



شري شونقترا ءِ نيوندرام
ڀرسواڻي

شري شونقترا ءِ نيوندرام ڀرسواڻي اصل سنڌ جي رُستم جا ويٺل هئا، هي ڀهرين ٻي ڪنهن شهر ۾ رهندا هئا، تنهن کانپوءِ الهاسنگر شهر اچي ورسايائون. هو هڪ ناميارا وڪيل پڻ هئا.

سندن جنم ١٩٣٢-٨-٨ جي ٿيو هو. هو شروع کان وٺي الهاسنگر ۾ اچي جڏهن رهيا ته هنن ئي پنهنجو وطن سمجهي ڪرم ڪيتر سمجهي ڪاريه ۾ جنمبي ويا، هڪ مانجهي مُڙس وانگر، شروع ۾ سيڪشن ٢٧ ۽ ٢٩ ۾ ڪاريه ڪندا رهندا هئا ۽ پوءِ ڪرشن شيوا منڊل سان جُڙي اُن جا روح رواڻ ٿي ڪاريه ڪيائون ۽ اُن جا پوءِ پڇاڙيءَ تائين جنرل سيڪريٽري ٿي ڪاريه ڪيائون.

اصل ۾ هيءَ سنستا شڪارپور کان وٺي پئي هلندي آئي. ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي، روچلداس موٽواڻي ۽ ڪاڪو جيٺانند ۽ اُني هن سنستا کي ناهڻ ۾ ۽ مدد ڪرڻ ۾ ديپڪ هسپتال جو ڏاڏو هوندراجمل ۽ مهنت بابا تلسيداس رامداس اُداسي ۽ ڊاڪٽر هيرانند ڪنريءَ پڻ ڪافي سرگرم ڀرو ورتو هو. هنن ١٩٧٨ ۾ شري شونقترا ءِ ڀرسواڻي هٿ جي نشانيءَ تي جيڪا اُن وقت

اُباوڙه تعلقي سنڌي پئنچات جو پريزيڊنٽ آهي ۽ شڪتي ڪرپا چئريٽيبل ٽرسٽ جو سيڪريٽري آهي ۽ اُلهاسنگر ٽئڪس ڪنسلٽنٽ ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ پڻ آهي، هڪ سماجڪ ۽ پنگتي ڪافي سنسٿائن سان جڙيل آهي. پاڻ بي.ڪام.، ايل.ايل.بي. سان گڏو گڏ لنڊن ۽ آمريڪا جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيلِ اٿس، پڻ نج ڌام آشرم ٽرسٽ جو سيڪريٽري آهي.

هو ڪجهہ وقت نوجيون بئنڪ جو آڊيٽر پڻ رهيو آهي.- هاڻي بہ وڏين ڪمپنين جو اڪائونٽس ڪنسلٽنٽ آهي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو شان اوچو ڪري نالو روشن ڪري رهيو آهي ۽ هو ڪافي ڌرمي خيالن جو پڻ آهي ۽ ڪرم ڪي ڌرم سمجهي سڀني سان رسائي ڪري هلندو آهي.

ائڊريس : ديو سماج روڊ، ١٠/٥-سي.، نيتاجي روڊ پرسان، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٤

فون نمبر : ٥٢٩١٤١، ٥٢٢٣٧٤

نموني هڪ فند ناهي ويا جو غريب نياڻين جي شاديءَ ۾ مدد ڪرڻ جي ڪم ايندو آهي. اُهي پورا پئسا بئنڪ ۾ رکيل آهن ۽ اُن جي وياج مان اُنهن ضرورتمند گهرن جي نياڻين کي مدد ڪئي ويندي آهي، اهڙو تہ اُتم ڪاريہ ڪري ويا ۽ اُن سان گڏو گڏ اسڪول آر.جي.ايس. انگلش ميڊيم ۾ پڻ ڪافي ڪاريہ ڪري ويا جو اڄ اُهو وڏي وڻ ٿيو آهي.

اهڙا بنا نالي مشهور ڪرڻ جي ڪاريہ ڪندي هي پڻ هڪ ڪرم يوگي نموني ڪاريہ ڪندي وڃي ٢٧-٦-١٩٩٠ جي پربوءِ سان وڃي مليا. اُن ڏينهن بہ مونکي مليا ۽ ڪيترن بين دوستن سان پڻ مليا چڻ ڪيل ٿي ويو صبح جو ٧-٣٠ بجي مونسان مليا وارڊ جو چڪر هنيائون ٢٥ سيڪشن ۾ ڊاڪٽر گوڪلداس وٽ ويٺا هئا، ڳالهائيندي ٻولهائيندي چڻ ڪيل ٿي ويو، نہ تو ڏنو، نہ مون ڏنو وارو ڪِسو ٿي ويو، سڻن ماڻهن جي هتي بہ گهرج آهي تہ سائينءَ وٽ بہ آهي. پنيان ڌرمپتني دُرگا ديوي (هاڻي سرڳواسڻ) ۽ بہ پٽ، وڏو مهيش لعل ۽ ننڍو مهيندر لعل چڏي ويا ۽ ٽي ڌيئر سروج، رتنا، نمي هئن جي ٿئي شادي ڪري سڻن پڙهيل ڳُڙهيل گهرن ۾ سُکي آهن.

اهڙن سڻن همدرد نشڪام شيواڌارين کي وار وار نمسڪار آهي.

اَئڊريس : شرڌا ڪئسل، ٤٠١-٤٠٢ فلئٽ، بئنڪ آف مهاراشٽرا پرسان، سنڌونگر-٤٢١٠٠٤

فون نمبر : ٥٢٠٥٠٤ / ٥٢٠١٠٦

ـــ انڊرس جي نشاني هئي. اُن ئي الهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جي ميمبر طور اليڪشن لڙي ۽ کٽيو ۽ وڪالت پڻ ڪندو رهيو ته سماجڪ ڪاريه ڪندو رهيو. سندس خاص ساٿي مامو ڀوڄراڄمل ڪلناڻي هو. جڏهن شريمتي اندرا ان گانڌيءَ کي جيل ۾ بند ڪيو ويو، اُن وقت هو به نڪري پيو ۽ چوٿين نمبر ۾ مکي ٽيڪچند ۽ ڊاڪٽر سياش (سوني) ۽ ٻيا ڪاريه ڪرتا گڏ ڪري آندولن هلايو ۽ پوءِ پاڻ کي سيني گرفتار ڪرايو. ڀائو گوپ ڀهراڻيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ ۽ ٻين به جڻن ته ڀائو سندرداس ٻنيجا (سوتنترتا سيناني) ۽ هيمنداس ڀاڳواڻيءَ پڻ ساڻ ساڻ هئا ۽ ٽيستائين ٻاهر ڪونه آيا جيسين اندراں ماتا کي بند مان آزاد ڪونه ڪيو ويو.

تنهن ڪانپوءِ شونقنتراءِ پرسواڻي ڪرشنا شيوا منڊل سنستا ۽ اسڪول کي پورو پورو ڏيان ڏنو ۽ اوچ تي آندو دادا ڪنيالعل هسيجا، دادا روچلداس موٽواڻيءَ ۽ دادا ناگپال، هرواڻيءَ سان گڏ ۽ ٻين پنهنجن ساٿين سان گڏ ۽ ساڻ ساڻ ديپڪ ڪنيالعل هسيجا کي به آزمودو پرائڻ جو موقعو مليو ۽ اڄ هو جنرل سيڪريٽريءَ جو عهدو بخوبي نڀائي رهيو آهي ۽ سندس پتا صاحب پڻ ڪاريه ۾ لڳل آهن. پيار سان شونقنتراءِ پرسواڻيءَ کي سڀ ڀائو ڪري سڏ ڪندا هئا، هو هئا به اُن لائق، سندن کي هميشه غريبن جي مدد ڪرڻ جي اون هوندي هئي. پنهنجن ساٿين، منڊل جي ميمبرن، دوستن خاص مرلي ٻجاج (سرڳواسي) ۽ سيٺ پرسرام ڪالاڻيءَ، ڀوڄراڄ ڪلناڻي، ڊاڪٽر سوني، سرڳواسي شري ڪنيالعل موٽواڻي (فائننس بروڪر)، شري لڌارام هرواڻي ۽ ٻين ڪافي ساٿين دوستن همدردن سان صلاحون ڪري پڪي پختي

آهن، خاص ڪري سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ٻولي ۾ ... پڻ شري سيوارام
گپتا صاحب ڪافي گياني پُرش هئا. حُڪمِت يعني
طبابت سان گڏو گڏ شاسترن جو به ڪافي اونهو ابياس
۽ گيان هئن جو ڪتا ڪيرتن پڻ ڪندا هئا. خاص
ڪري رامائڻ جي ڪٿا تمام سرل نموني ارٿ سان پڙهائڻ
۾ پڙُ هوندا هئا. پاڻ ڪٿا ڪرڻ سان گڏ سٺا ليکڪ
پڻ هئا جو به ٽي ڪتاب سنڌن جا لکيل آهن، خاص
ڪري 'وچنر رامائڻ'، 'دَشِ پشپ ڪانڊ' ۽ 'ميهز دربار
جي مهما' نالي ڪتاب آهن. اهڙي اعليٰ ۽ عظيم شخصيت
جا مالڪ آخر هي سنساري سفر پوري ڪري ۲۶-۱-۱۹۷۲
تي ديولوڪ پڌاريا. وار وار پرنام آهي اهڙن سد گڻن
وارن هستين کي جيڪي اڄ به امر آهن پنهنجن اوچ
خيالن ويچارن ۽ هندوتو ڪري.

آئڊريس : بئرڪ نمبر ۱۰۷۰، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر-۴۲۱۰۰۲
فون نمبر : ۵۵۰۸۲۲



شري حڪيم شيوارام گپتا

چوڻي آهي تہ حڪيم تہ لقمان پر هن اُلھاسنگر ۾ اهڙين حڪيمن مان هڪ حڪيم شيورام گپتا صاحب بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سندن جنم سنڌ ۾ دادو ضلع جي ميهڙ ڳوٺ ۾ ٢٣-٩-١٩٠٢ تي سيٺ هريرام گپتا جي گهر ٿيو ۽ سندن ماتا جو نالو وندربائي هئو. شروع کان ئي ڌرمشٽ ماحول ملڻ ڪري هو ڌرمي خيالات جا سنت پرورتيءَ جا هوندا هئا.


اُتي اصل زميداري ۽ پوءِ آيورويدڪ وديا آچار جا ماهر هوندا هئا، سندن پرسنلٽي يعني بيهڪ بادي تمام موهيندڙ هوندي هئي ۽ صاف سڌرو ڳالهائڻ پسند ڪندا هئا.

سندن بہ پٽ پڻ اُنهن تي ئي ويا. هڪ شري ايشورلعل ۽ ٻيو شري ڌرمپال. هو ڪٽر هندو آهن ۽ ڪافي پڙهيل ڳڙهيل آهن. سندن پوٽا بہ پڙهيل ڳڙهيل

آهوجا ۽ جنرل سيڪريٽري شري رميش رامچندائڻي هئا ۽ مان پڻ انهن سان گڏ هئس.

تنهن ڪانپوءِ ته به ٽي دفعا گڏيل ڪوشش ٿي ته سڀ اخبار وارا گڏ هجن، پر الائي ڇو ڪاميابي ڪونه ملي آهي، هرڪو الڳ الڳ کچڙي پيو رڌي؟ تنهن ڪان به اڳ، شري سريچند آهوجا پنهنجي ڌرمپتنيءَ شريمتي ڪرشناديويءَ سان گڏ ڪافي ڪاريه شهر جي ڀلائيءَ لاءِ ڪندو رهيو جنهن ته ناگرڪ سمتيءَ جو روح رواڻ هئو، هريجن يونين پڻ ڪجهه وقت هلائي. هن وقت هو سنڌي هندي روزاني اخبار جڳتواسي جو مالڪ سمپادڪ آهي ته اُن سان گڏوگڏ الهاسنگر شهر پترڪار سنگهه جو چيئرمن پڻ آهي. سنڌونگر واپاري مها منڊل جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ آهي ۽ تازو ڌرم واڙي ٽئين نمبر او.ٽي. جي واپاري منڊل جو يڪراءِ پريزيڊنٽ چونڊيو ويو آهي. اهڙي نموني ميونسپل ڪارپوريشن، جنتا کي ۽ واپارين کي سجاڳ ڪندو رهندو آهي ۽ ڪاريه ڪندو رهندو آهي ۽ واپاري سنگهٽن ۾ ڀائو ناڪرداس ۽ ٻين پد اڌڪارين سان ملي ڪري ڪاريه ڪندو رهندو آهي ۽ پترڪارن جي حقن لاءِ به پاڻ پتوڙيندو رهندو آهي ۽ منهنجي سندس کي شخصي صلاح آهي ته هڪ دفعو وري ڪوشش ڪري سڀني اخبار وارن کي يعني روزاني، فارٽ نائيٽلي، هفتيوار ۽ ماهوار اخبار وارن کي گڏ ڪري هڪ پڪو سنگهٽن ٺاهي ڪاريه ڪري ته جس ڪٽندو.

ائڊريس : شري سريچند پي. آهوجا، بئرڪ نمبر-١٠٩١،
او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر-٣٠٠٢١٤
فون نمبر : ٥٥٤٢٤٢



شري سريچند آهوجا

سنڌونگر ۾ سريچند آهوجا جو نالو ڪنهن کان ڳجهو ڪونه آهي. شهر ۾ اهڙو مان ڪونه ٿو سمجهان ته ڪو سياسي پنگتي يا تعليمي پروگرام يا جشن هوندو يا واپارين جي تڪليفن يا شهرواسين جي تڪليفن لاءِ هي نڊر شخص نڪري نروار نه ٿيو هجي، اهڙو مثال تمام گهٽ ملندو. هي اصل ۾ شڪارپور شهر ۾ شري پنجومل آهوجا جي گهر جو چراغ آهي، سندس ماتا صاحب جو نالو پارپتي ٻائي آهي.

هن وقت شري سريچند پنجومل آهوجا ٦٦ سالن جو نوجوان ڦڙت ۽ گڙڪي سان ٻالهائيندڙ ڪاريه ڪرتا آهي ۽ هن وقت هو سنڌي جڳتواسي اخبار ڪڍندو آهي ۽ پاڻ ئي اُن جو هرتا ڪرتا آهي.


(جڳتواسي اخبار شروع ڪرائڻ ۾ مددگار طور ۽ آنرري سهايڪ سمپادڪ شروع ۾ مان يعني ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسي پڻ رهي چُڪو آهيان، اُنڪري شري سريچند آهوجا مان اخباري ڪم ۾ مونکي پڻ سني جاڻ پيئي)

شروعاتي دؤر ۾ اُلهاسنگر پترڪار سنگهه ڳڏيل روزاني، هفتيوار ۽ مهنيوار اخبارن جو ٺهيل هئو، جنهن جو پريزيڊنٽ شري موهنداس ڦتناڻي ۽ چيئرمن شري سريچند

ورهاڱي کانپوءِ اُلهاسنگر ۾ پڻ ڪافي ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ پنهنجي ڪتنب کي مظبوط ڪرڻ لاءِ پريس لاٿين ۽ اخبار نويسي ڪرڻ لڳا. پهرين چترڪلا ۽ پوءِ سائين ڪلا پرنٽنگ پريس کولبائين ۽ پاڻ پختو ڪري ڪتنب کي به اڳيان آندائون. سندن پٽ لعل پنجواڻي جيڪو پڻ هڪ سرل مٺي سڀاءَ ۽ غريبن جو مددگار پڻ آهي. پنهنجي پتا صاحب جي نقشي قدمن تي هليو ۽ اخبار جو ڪم پڻ ڏسڻ لڳو. سندس جنم پڻ اُلهاسنگر ۾ ٢١-٧-١٩٥٤ تي ٿيو آهي. هو هڪ سڦل بلڊر ۽ بي.اي. پاس نوجوان آهي. ڪجهه ٽائيم هو مهاراشٽرا گورمينٽ جو ايس.اي.ايم. پڻ هئو. سندن ٻيو پٽ شري بلراج پنجواڻي پڻ هن وقت نگر جي مشهور اخبار نگر نيوز سنڀاليندو آهي ۽ سندس جنم پڻ اُلهاسنگر ۾ ١٠ آگسٽ ١٩٥٨ تي ٿيو. هو بي.اي. (آنرس)، ايل.ايل.بي. پاس ڪري وڪالت شروع ڪئي ۽ هاڻي پڻ ميونسپل ڪارپوريشن اُلهاسنگر جو صلاحڪار آهي ۽ نگر نيوز جو سمپادڪ پڻ آهي ۽ نگر نوجوان ائسوسيئيشن جو پڻ پرڌان آهي ۽ ساٿين سان گڏ غريبن لاءِ ميڊيڪل ڪئمپون پڻ لڳائيندو رهندو آهي.

اهڙي نموني هي سڄو خاندان شبوا جي ڪاريه ۾ اڳرو ثابت ٿيو آهي.

سندس ٽيون پٽ پرڪاش پڻ ڊاڪٽر آهي. دادا پرسرام پنجواڻيءَ کي سنڌونگر ۾ اخبار نويسيءَ جو اڳري



شري پرسرام پنجواڻي

اڄ شهر ۾ جن کي ڪافي ماڻهو عزت جي نگاهه سان ڏسندا آهن، انهن ۾ دادا پرسرام گلومل پنجواڻي يعني نگر نيوز اخبار وارو دادا ۽ سوتنترتا سنگرامي به هڪ آهي.

اصل هو سنڌ جي دادو ضلع جا آهن. سندن جنم ١٥-١-١٩١٨ تي ٿيو، سندن ماتا صاحب جو نالو آتم-ٻائي گلومل پنجواڻي هئو. جئين ئي جوان ٿيا ته ان وقت انگريز ڀارت ڇوڙو هلچل زورن تي هئي ۽ هي نوجوان به ان ڪُرو ڪيتر يعني آزاديءَ جو سپاهي بڻجي ڏِپي پيو هڪ پرواني وانگر باهه ۾ ۽ انگريز سرڪار جي ظلمن خلاف هڪ پڪو ڪانگريسي ٿي هلچل چالو رکي ۽ ڪن وڏن ليڊرن سان جئن ته ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ شري لوڪرام چوئٿراماڻيءَ سان گڏ نڪري نروار ٿيو ۽ اٽڪل ١٢ مهنا جيل جي سزا پڻ لڳس ۽ خوشي خوشيءَ قبول ڪيائين پر جُهڪيو ڪونه.

ڊاڪٽر ارجن ڏيتارام ناٿاڻي 'سڪايل'



(شريمتي ڪرشناديوي ارجن 'سڪايل')

ساهتيه جي کيتر ۾ هندستان ڀر ۾ ڪافي اعليٰ اظيم سنڌي شخصيتون ٿي گذريون آهن ۽ اڃان به آهن، انهن مان هڪ پيارو دادا جنهن کي هرڪو پيار سان 'سڪايل' چوندو آهي.


سندس جنم سنڌ جي سَڏوجا ڳوٺ ساهتيءَ نواب شاه ضلع ۾ ٿيو، ۵-۱۱-۱۹۱۹ تي، شري پتا صاحب ڏيتارام هيرانند ناٿاڻيءَ جي گهر، سندس ماتا جو نالو رُڪمڻي ديوي هئو. هو زميندار يءَ سان گڏوگڏ پتا صاحب ۽ ڏاڏي صاحب جراه حڪيم پڻ هوندا هئا، انڪري شري ارجنداس يعني سڪايل کي پڻ حُڪمت ڪرڻ ورثي ۾ ملي جو شروعاتي ورهاڱي ڪانپوءِ هي صاحب پهرين بڙودي ۽ پوءِ نظاماباد دکن مان لڏي سنڌونگر يعني الهاسنگر اچي ورسايو. پهرين سندس کي امبرناٿ ۾ آيرويدڪ جو پئنل ڊاڪٽر طور گورنمينٽ طرفان مقرر ڪيو ويو هو جو هو آيرويدڪ ۽ يوناني علاج جو ماهر ليکيو ويندو آهي ۽ سندس وٽ ڪافي تاداد ۾ اُن جا ڪتاب پڻ آهن. هن وقت به سندس سُرمو هيرانندا ڻي مشهور آهي. شري سڪايل صاحب هڪ گَٽي ۽ ودوان

لائين جو سمپادڪ مالڪ ليکيو ويندو آهي، جو هو ڪينترن ڪي هن لائين جي ٽريننگ اسڪول وانگر ٽريننگ ڏئي چڪا آهن. پهرين سنڌي اخبار نگرواسي چالو ڪرائڻ ۾ پڻ سندن بوگدان هئو جو مان يعني ڊاڪٽر سوني پڻ اُن اخبار جو ڪجهه ٽائيم سهايڪ سمپادڪ رهي چڪو آهيان. شل دادا پرسرام ڪي سائين اجان به وڏيڪ سگهه ڏي جئن هو هن ديش، هن شهر لاءِ ڪتنب سوڌو اجان به وڏيڪ ۽ وڏيڪ شيوا ڪرڻ جي همٿ ڏي. ڏن آهن اهڙا ديش ڀڳت سوتنترتا سيناني. شڀ ڪامنائن سان.

ائڊريس : سائين ڪلا پريس، نگر نيوز مارگ، اندران گانڌي
گارڊن جي سامهون، سنڌونگر - ٠٠١ ٤٢١

فون نمبر : ٥٤٤٣٣١

ڌيان ڪرڻ ويل من ايڪاگر نه ٿئي ته وري وري ڀڳوان جي نام جو چنتن ڪريو.
— شري رامچندر ڪيشو ديو ڊونگري جي مهراج.



شري کيمچند راچاوَمل
رچنداڻي

ألهاسنگر ۾ سنڌي اخبار جو ڇاپو وجھندڙ أها ٻـ
وزاني أن ٽائيم تي تمام وڏو ڪم هئو، أن ۾ ڇڻ
سندن جي سڄي ڪُتب يوگدان ڏنو هئو ١٩٧٨ع ۾ ۽
ڪجھ سندن مت مائٽ پڻ هئا، اها آهي ألهاسنگر جي
وزاني اخبار نگرواسي ۽ أن جو شرف آهي شري کيمچند
هرچنداڻيءَ، هڪ سرل مني ۽ صاف سٿرو ڳالهائيندڙ
۽ گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ ڪم گهڻي ڪرڻ واري شخصيت
ڪي.

سندس جنم ٢٥ ڊسمبر، ١٩٣٨ع تي سنڌ ۾ دادو
ضلع ۾ ٿيو. سندس ماتا پتا جو نالو شريمتي تارا ٻائي
اچاوَمل هرچنداڻي هئو. ورهاڱي ڪانپوءِ ألهاسنگر ۾
اچي رهيا ۽ ١٩٧٠ع ۾ شروعاتي دور ۾ ڪجھ ٽائيم
شبنم هندي فلمي مئگزن هفتيوار چالو ڪيائون. سندن
گهر واري يعني ڌرم پتني اندران ٻائي کيمچند
هرچنداڻيءَ جو سندن کي ڪافي همٿائڻ وارو رُخ هوندو
هو. چوندا آهن ڪنهن نـ ڪنهن نموني ڪاميابيءَ پٺيان
استريءَ جو هٿ پڻ هوندو آهي، اهو سندن سان بروبر
لاڳو هئو. هاڻي سندن وڏو پٽ راجيشلعل ۽ ننڍو پٽ

ليڪڪ ۽ مانيور ڪوي پڻ آهي، سندس جا اٽڪل ٢٥ ڪن سنا شهٽا ۽ سرل سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيل آهن ۽ ڳهرو علاج تي بڻ سندس ڪتاب ڇپيل آهي ۽ ريڊيو ۽ ٽي.وي.ءَ تان پڻ سندس ڪوتا پاٺ ۽ مشاعرن ۾ ڀاڱہ ورتل اٿس ۽ ڪيترا ڪتاب تہ ٦-٧ دفعا ڀيهر پڻ نڪتل آهن.

هي صاحب ٻن ٽن اخبارن جو سمپادڪ پڻ رهي چڪو آهي. سندس ڪي شهرواسين قدر ڪري سون جو ٻلو انعام طور ڏنو آهي تہ سرڪار طرفان اٽڪل ٢٠ هزار رپيہ انعام طور مليل اٿس ۽ هڪ دفعو رَشيا سرڪار پڻ سندس قدرشناسي ڪندي انعام ڏنو آهي. سندس ڌرمپتني ڪرشنا ديويءَ جو پڻ سندس ڪي سنو ساٿ سهڪار ۽ دوستاڻو ماحول مليو آهي. جئن چوٽي آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ترقيءَ پنيان استريءَ جو هٿ هوندو آهي، اها چوٽي سندس سان سورهان آنا سچ لڳي ٿي.

پاڻ سندس ڪي مهاراشٽرا گورنمينٽ هڪ دفعو ايس.ايِ.ايم. پڻ مقرر ڪيو هو ۽ هو پهريون دفعو ١٩٦۴ع ۾ سنڌي ٻولي پرچار سڀا جو پريزيڊنٽ پڻ بڻيو ۽ پاڻ شهيد هيمون ڪالاڻي لئبرري ۽ سنڌو تصوير گهر پڻ برپا ڪيو جنان روز سوين ماڻهو فائدو وٺي رهيا آهن ۽ هر سال هونهار ٻارن جي همٿ افزائي ڪري انعام ڏيندا رهندا آهن، پنهنجن ساٿين سان گڏ. اهڙي شخصيت ايتري عمر ۾ بہ ٻئي پٽي پتني سنڌيت لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهندا آهن.

شال سائين اَجان سگهہ ڏين جو سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهن. آفرين آفرين آفرين.

ائڊريس : ڊاڪٽر ارجن 'سڪايل'، هيراپوري چونڪ، اي.-٧٠٠، نيناجي اسڪول پنيان، سنڌونگر - ٠٠٢ ٤٢١

فون نمبر : ٥٢٢٣٤٠



شري هري هوتومل تنواڻي 'نماڻو'

نئون سال، نئون مهنو، نئون ڏينهن، سال جو مُبارڪ ڏينهن ڪيئن نہ ياد رهندو.

اهڙي شبہ ڏينهن تي سوامي ديو پرڪاش مهراجن جو جنم دن يعني پهرين جنوري، اُن ڏينهن ڀائي ڊاڪٽر سياش (سوني) اُداسيءَ جو جنم بہ پهرين جنوريءَ تي مشهور اخبار نويس، سماجڪ ڪاريہ ڪرتا، ليکڪ ۽ ساهتيڪ سرگرمين ۾ اڳرو شري هري تنواڻيءَ جو جنم دن پڻ پهرين جنوري ١٩٤٩ع تي ٿيو آهي، تہ مشهور ڪوي ليکڪ ڪلاڪار ساون ڪمار اُداسيءَ جو جنم دن پڻ پهرين جنوري.

شري هري تنواڻي 'نماڻو' هڪ ڪلمڪہ مجاز انسان آهي ۽ خاص غريبن جو همدرد پڻ آهي، پاڻ هڪ سٺو جرنلسٽ ۽ هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر آهي، سندس بيباڪ لکڻيءَ ڪان ڪافي تعداد ۾ ماڻهو واقف آهن، هو ڪيترين ئي سنسٿائن سان جڙيل آهي، پهرين هو رزرو بئنڪ ۾ نوڪري ڪندي بہ ساهتڪ سرگرمين سان جڙيل هو ۽ هاڻي پورو وقت سنڌيت ۽ اخبار نويسيءَ سان پوري نموني ڳنڍيل آهي.


نريشلعل بئي ملي وري نگرواسي روزاني ۽ تبر ڪمان هندي هفتيوار اخبارون ڪڍندا آهن ۽ شهر ۾ سٺي ڄڃهه والاريندڙيون آهن. هو بہ پنهنجي پنا صاحب جي قدمن تي هلي پيلي پترڪارتا ڪان پري آهن ۽ شانائتي سُهٽي سٺي سنڌي هندي ٻولين ۾ اخبارون ڪڍندا آهن.

شروعاتي دؤر ۾ مان يعني ڊاڪٽر سياش (سوني) أداسي پڻ نگرواسي اخبار ۾ ڪافي آرٽيڪلس شهر جي لاءِ لکندو هوس، منهنجي لکٽي ڏسي دادا کيمچند هرچندائڻيءَ مونکي آنرري سب ايڊيٽر پڻ نگرواسي اخبار جو بڻايو هو ۽ سٺيون صلاحون ڏيندا رهندا هئا ۽ همٿ وڌائيندا هئا جو اڄ مان پڻ مهنيوار اخبار 'سوني' پنهنجي ڪڍندو آهيان. سڪڻ لاءِ تہ هي جيون بہ ٿورو آهي، جيترو سِکُم، اوترو ٿورو آهي.

شل سنڌن جي آسيس سنڌن پٽن سان گڏ اسان کي بہ ملندي رهي جئن صحي نموني شهر لاءِ ڪجهه ڪري سگهون.

سنڌن ائڊريس: کيمچند هرچندائڻي آپارٽمينٽ، فليٽ ١٠١، پهريون ماڙ، گول مئدان، سنڌونگر - ٠٠١ ٤٢١

فون نمبر : آفيس - ٥٤٠٢٦٦، گهر - ٥٤١٨٤٤



شري روچيرام تيرٿداس کانواڻي

شري روچيرام تيرٿداس کانواڻيءَ جو جنم ۱۹۲۹-۱۰-۱ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو، سندس ماتا جو نالو ويران ٻائي هئو. اڳ تمام گهٽ ماڻهو ڪا وڏي تعليم حاصل ڪري سگهندا هئا، اُتان جي فائينل پڙهي سگهيو ۽ پوءِ اُتان جي ڪورٽ ۾ درخواستون يعني عريضيون لکي ماڻهن کي ڏيندو هو ۽ گذران ڪندو هو.

پاڻ شروع کان سنڌيت جو شيدائي ٿي رهيو آهي، اُلهاسنگر ۾ اچڻ سان نئشنل لئبرري کوليائين ۽ هتي اچڻ کان پوءِ هڪ دفعو پنهنجي وطن پاڪستان پڻ ويو ۽ اُتان هن کي نيڪالي ڏني ويئي ۽ وري اچي هتي ساڳي لئبرري سنڌو نالي سان کوليائين، هو هميشه سنڌيت جي پرچارڪ طور سنڌيت کي زنده رکڻ لاءِ سڄي هندستان جو رٿن ڪندو رهندو آهي. هو هميشه ساهتڪارن، ڪلاڪارن، ساهتيہ ڪلا ڪيتر ۾ محنت ڪندڙن کي همٿائيندو رهندو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪا ڳالهہ ڪونہ وڻندي اٿس تہ پريم سان آلوچنا ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هن صاحب ’گلدستو‘ جهڙي ڀال مخزن پڻ ڪڍي آهي ۽ هڪ سنڌي ڪتاب ’ساهتيه ڪلا درسني‘ نالي سنڌر ڪتاب پڻ لکيو آهي ۽ هاڻي ٻہ سنڌس هڪ ڪتاب ڇپجي رهيو آهي.

سنڌس شبوا ڪارين ۽ ساهتيہ سرگرمين ۽ سنڌس عهدا ۽ ڪم ڏسبا تہ اُن تي پڻ هڪ ڪتاب سهڻي نموني ٺهي ويندو.


اُسان جون سنڌس کي هميشه هڪ ڀاءُ وانگر شڀ ڪامنائون آهن تہ اُجان ٻہ وڏيڪ ۽ وڏيڪ سنڌيت لاءِ ڪاريہ ڪندو رهي.

سنڌس ماتا صاحب جو نالو نانڪي ٻائي آهي.

پاڻ هڪ سهڻي ڊائريڪٽري پڻ ڪڍي اٿس، جيڪا ڏاڍي ڇاڻ سنڌونگر لاءِ ڏيئي رهي آهي ’مانجهي منهنجي شهر جا‘

آئڊريس : سپر اسٽار اپارٽمينٽ، گول مئدان، آفيس نمبر-١، گرائونڊ فلور، سنڌونگر - ٠٠١ ٤٢١

فون نمبر : آفيس - ٥٥٤٠٦٦، گهر - ٧٩٤٢٤



شري ڏنراجمل ڪوڏومل نچلاڻي

سنڌونگر ۾ اهڙو ڪو واپاري ڪونه هوندو جو شري ڏنراجمل کي ڪونه سڃاڻي، هرهڪ گهٽيءَ ۾ سڃي شهر ۾ سندس جو واپار هلندو آهي. شروع ۾ شري ڏنراجمل کي سيٺ ڏنراج ڳليءَ واري جي نالي سڃاتو ويندو هو، جو هو ڳليءَ جو وڏو واپاري هوندو هو. اصل ۾ هو شڪارپور سنڌ جا هئا.

سندس جنم ڏن تيرس جي شڀ ڏينهن تي ١٩٢٧ع ۾ ٿيو هو. سندن ماتا جو نالو شريمتي چتري بائي ڪوڏومل آهي. سندن گهرواري يعني ڌرمپتنيءَ جو نالو ساوتري بائي ڏنراجمل آهي. دادا ڏنراجمل جي پنهنجي محنت، سُٺائي، مٺو ڳالهائڻ، سچائيءَ سندس کي اول درجي جو واپاري بڻايو ۽ ڪافي وڏين ڪمپنين جو هول سيل جو ڊيلر بڻايو ۽ هن به ڪافي محنت ڪئي ۽ پنهنجا ۽ پنهنجن ڪٽنبين جا پير پختا ڪيا ۽ پوءِ راڄنيتيءَ ۾ پڻ آيو ۽ پنهنجو نالو چمڪايو.

هر سال چيٽي چنڊ جي شپ ڏينهن تي پنهنجي هٿ سان رنگه برنگي پينسلن سان لکيل جهوليلال سائين جي فوٽو وارو ڪارڊ لکي همٿ افزائي ڪندو رهندو آهي.

سنڌيت جو ڪٿي به پروگرام پوءِ اُلهاسنگر هجي يا بامبي، اُتي ضروري ويندو آهي پوءِ جي ٽڪيٽ هوندي آهي ته اُها خريد ڪري به اُهو پروگرام ڏسندو آهي. ريڊيو تي به پروگرام ٻڌڻ چڻ سندس خوبي آهي.

هو هڪ سچار ۽ سنڌيت جو شيدائي، ڪلا ۽ ڪلاڪارن جي همٿ وڌائڻ، سنڌي لکڻ - سنڌي پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ هرهڪ کي صلاح ڏيندڙ هڪ سنڌي سپوت ۽ پرچارڪ پوڄاري آهي.

سندس کي ڪيترن ئي سنستائن وٽان سنمان پتر ۽ انعام مليل آهن.

هو چوندو آهي ته سنڌي ٻولي ۽ سيتا سيني ڪان اوچي ۽ پراچين سيتا آهي، جيڪا هميشه قائم دائم رهندي.

شل هو هميشه سنڌيت جي جوت جڳائيندو رهي ۽ روشن ڪندو رهي.

ائڊريس : سنڌو لئبرري، وينسي جڳناٿي مارگه، سنڌونگر- ٢٢١٠٠٢

آخر ۾ سساريءَ سفر پورو ڪري ۸-۱۱-۱۹۹۷ تي سرڳڌام
پڌارا.

سندن کي ٽي سپاٽر آهن وڏو شري اشوڪلعل يعني
لالومل سيٺ جنهن کي پيار مان چوندا آهن ۽ برک واپاري
پڻ آهي ۽ اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ پڻ رهي
چڪو آهي، ٻيون نمبر شري ٻهاري لعل آهي ۽ ٽيون
ڪشور ڪمار اٿس، اُهي پڻ ٻئي گڏجي وڏي پاءُ سان
گڏ ڌنڌو ڪندا آهن ۽ دادا ڏنراجمل جي ناهيل امپائر
کي اڳتي محنت ڪري وڌائي وڏن جو نالو روشن ڪري
رهيا آهن.

شل هو ٻ پنهنجي وڏن جي پرمپرا رکندا ۽ شهر
۾ پنهنجو ۽ پنهنجي وڏن جو نالو روشن ڪندا رهندا.

هو ٻالڪرام مڙهي ڌرمشالا پهرين نمبر جا پڻ روح
رواڻ هئا.

آئڊريس : بلاڪ ۱۵/اي. روم ۸۸-۸۷، شهيد دنيچند ڪاليج
پرسان، سنڌونگر - ۴۲۱ ۰۰۱

فون نمبر : گهر - ۵۴۱۸۵۸، دُڪان - ۵۴۶۶۶۶

پهرين هو ميونسپل ڪائونسلر بڻيو ٿي دفعا ۽ ڪافي ڪاميٽين جو چيئرمن بڻيو. سينيٽيشن، ميڊيڪل، هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۽ پرچيس ڊپارٽمينٽ جو چيئرمن تنهن ڪانسواءِ آڪٽراءِ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن بڻيو ۽ بين جدا جدا ڪاميٽين جو ميمبر پڻ بڻيو. اُن ڪانسواءِ اُلهاسنگر تالوڪا ڪانگريس (آءِ) جو پريزيڊنٽ پڻ بڻيو ۽ هن انوکي محنتي انسان اُن عهدي جوشان برقرار رکندي اُن کي ڪافي اڳيان آندو ۽ پڻ هميشه لاءِ هڪ يادگار ۽ ماڊرن آفيس پڪي نموني ٺهرائين ۽ شاندار آفيس جو ڪانگريس مندر نهرو يون نالي ٺهرايو ۽ هڪ اُن وقت جي آفيس بيئررس جو گرينائيٽ جو سونهري اکرن ۾ پٿر هڻايو جو سندس جي ۽ اُن وقت جي سهيوگين جي يادگار آهي.

هو پنهنجي بزرگيءَ ڪري سيني سان مٺي ۽ پيار جي نموني هلندا هئا ۽ ننڍي ۾ ننڍي ڪاريہ ڪرتا جي عزت ڪندا هئا. ڪڏهن صبح جو سندن گهر وڃڻ ٿيندو هو تہ وهاري ۽ عزت سان حال چال پڇندو هو ۽ اهو ڪم ڪرائي ڏيندو هو ۽ خاص ڪري مونکي تہ پٽن وانگر سمجهندو هو ۽ گهر جو حال چال پڻ پڇندو هو پنهنجائپ ڪان.

هو سنڌونگر واپاري مهامنڊل جو پريزيڊنٽ پڻ هئو، جيڪا پاڻ پوکيائين، اُها سنستا هاڻي واپارين جو هڪ وڏو وڻ ٿي شهر لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

هو اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ ٿي پڻ رهيو،


ائين ۾ اٽڪل ٤٨ سالن جو آزمودو پڻ آهي، مٺي شياءَ جو هوريان ٻالهائيندڙ ٥ فوٽ ٨ انچ ڊگهو قداور سني اُٿٺي ويهڻيءَ ۽ ڳالهيءَ جا ڪپڙا پائيندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. هو بامبي ۾ پڻ هڪ وڏي اسپتال جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ پڙهيل ڳڙهيل شخص آهي ۽ غريبن جو همدرد انسان آهي، سندس ڌرمپتني پڻ سندس ڪي شروع کان اهڙي سٺي ڪم ۾ مدد ڪندي رهندي آهي ۽ سندس جي ممبئيءَ وڃڻ کان پوءِ اسپتال جي ديک ريک ڪندي رهندي آهي.

هن اسپتال جي اسٽاف کي به شاباس آهي جو سٺي نموني جننا کي سمجهائي علاج ڪري ۽ ڪرائي خوش ڪلندو موڪليندا آهن.

ڪم ڪرڻ سولو پر نڀائڻ ڏکيو پر هي شخص هر وقت پيو شيوا ڪاريہ ڪري. شل سائين اجان وڌيڪ سگهہ ڏيندس جو اجان وڌيڪ ۽ وڌيڪ سهوليتون ميسر ڪرائي جس کٽندو رهي.

آئڊريس : سيوا نڪيتن هاسپيٽل، اَمن سئنيما جي پرسان، سنڌونگر - ٤٢١ ٠٠٣.

فون نمبر : هاسپيٽل - ٥٤١٥٦٧، گهر - ٥٤٠١٠٤



شري نيوندرام واڌواڻي
(سيوا نڪيتن هاسپيٽل)

شهر ۾ شروعاتي اسپتالن ۾ شمار سيوا نڪيتن اسپتال ڳڻي ويندي آهي، اُن جو روح رواڻ شري نيوندرام واڌواڻي ليکيو ويندو آهي.

سندس جنم سنڌ خيرپور رياست ۾ ٿيو. شري ڏيونداس واڌواڻيءَ جي گهر ۳۱ آڪٽوبر، ۱۹۳۱ع ۾. سندس ماتا جو نالو پانواري بائي ڏيونداس واڌواڻي هو.

پاڻ هڪ سٺو ساماجڪ ڪاريه ڪرتا آهي ۽ سندس کي شروع کان غريبن جو خيال رهندو هو جو اُن ٽائيم تي علاج لاءِ پورا ساڌن ڪونه هوندا هئا، اُنڪري هن پنهنجن ساٿين دوستن دانويرن کي ڪٺي هڪ شاندار اسپتال کولائي ۽ اُن جو نالو سيوا نڪيتن رکيو ويو، جيڪو اڄ شهر ۾ سٺين اسپتالن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، هتي فزيوٿيراپي، ايڪسري مشين، ليڊيز وارڊ، جينس وارڊ، آپريشن ٿئيٽر ۽ هر روز ڪونه ڪو وڏو ڊاڪٽر ۽ ٻيا اسپيشل ڊاڪٽر ۽ آرٿوپيڊڪ ڊاڪٽر اهي به مشهور ڊاڪٽر ايندا رهندا آهن ۽ ڪڏهن ميڊيڪل ڪئمپس پڻ لڳنديون رهنديون آهن ۽ سندس جو هن ميڊيڪل

هوائي جهاز رستي پاڪستان مان روانو ڪيو ويو لڪل رستي.

هتي اچڻ کانپوءِ به سندس خيالات ڪرانتڪاري پر اهنسڪ هوندي هئي. هتان جون حالتون ڏسي روزگار وٺي ڏيڻ ۽ تعليم لاءِ پاڻ پنوڙياڻين ۽ شري رائصاحب سيتلداس سان گڏجي سنڌي ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو روح رواڻ بڻيو ۽ ڪافي ماسترن ۽ ماسترياڻين کي جڻ روزگار وٺي ڏنائين ۽ ٻين به ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار وٺي ڏنائين. هو پريس ٽرسٽ آف انڊيا جو عيوضي پڻ ٿي رهيو ۽ اندر جو آواز اُن رستي اختياريءَ وارن وٽ پهچائيندو رهيو ۽ پنهنجي جوابداري نڀائيندو رهيو. هو سوشلسٽ خيال جو هوندو هو. هو پنهنجو فائدو ڪونه ڏسندو هو. چاهي ها ته ڪنهن وڏي عهدي تي پهچي سگهي ها پر اهو سندس جي سڌانتن جي خلاف هو، هو هڪ سچو ڪرم يوگي ثابت ٿيو جو هو ديش لاءِ، قوم لاءِ ڪم ڪندو رهندو هو پر بنا سوارٿ جي. هو سرڪاري پينشن جيڪا سوتنترتا سنگرامين کي ملندي آهي اُها پڻ هن قبول ڪونه ڪئي. سندس جا آدرش اهڙا ته سٺا ۽ سهڻا هوندا هئا. هو پارٽ اسڪائوٽس ۽ گائيڊس جو ۽ هوم گارڊس جو سنڌونگر ۾ پايو وجهندڙ شخصيت هئو. اينترين ڳالهين ڪرڻ ۽ ڪاريه ڪرڻ کانپوءِ به هو هڪ جاتيءَ جو سپاهي ٿي ڪم ڪندو رهندو هو.




شري سخاوت چوٽواڻي
(ريڊ ڪراس سوسائٽي
هاسپيٽل)

سنڌ ۾ ڏيئا (جاڳڻ) ڳوٺ ۾ زميندار ي خاندان ۾ جنم ورتل شري سخاوت چوٽواڻيءَ جي پنا صاحب جو نالو سيٺ سيرومل چيتومل چوٽواڻي هو ۽ ماتا جو نالو وشني بائي هئو.

سندس جنم ۵-۲-۱۹۲۵ تي ٿيو هو. شروعاتي دؤر ۾ ورهاڱي کانپوءِ سنڌونگر يعني اُلهاسنگر اچي وسايائين.

ورهاڱي کان اڳ ۾ هي ڪانگريس جو سپاهي ٿي آزاديءَ جي جنگ ۾ جوڌي جوان وانگر ٽپي پيو ۽ ڪيترائي دفعي جيل ياترا ڪيائين ۽ هميشه کادي پائيندو هو ۽ پڪو گانڌي وادي هو.

هو اُتي ئي سنڌ اسٽوڊنٽ يونٽ جو سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽر هئو، اُن کان پوءِ ڪراچي جيل ۾ هئو ۽ اُتان ڇُٽي



سائين پروفيسر گوپ روپچنداڻي

سائين جن جي واڪاڻ ڪرڻ آئيني کي ڏسڻ برابر
آهي جو هو هنديءَ ۾ منهنجا اُستاد پڻ رهي چڪا آهن،
منو ڳالهائڻ، نرم دِل، نرمل سڀاءُ، سڀ کي عزت ڏيڻ،
پيار ڏيڻ، اُنهن جي خاص خوبي آهي.


سائين جنهن کي هاڻي پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ
جي نالي پورو شهر سڃاڻي، اُنهن جو جنم ٻه سنتن جي
ڀومي روهڙيءَ سنڌ ۾ ۱۰ جولاءِ، ۱۹۲۳ع ۾ ٽيبو شري
پريتمداس روپچنداڻيءَ جي گهر.

هو شروع ۾ ۱۹۴۹ع کان هندي سيوا مندر اُلهاسنگر-۴
۾ هنديءَ جا پرچارڪ ٿي رهيا. وري ۱۹۵۲ع کان ۱۹۶۲ع
تائين سنڌو ايديوڪيشن سوسائٽيءَ جي نيتاجي اسڪول
۾ ماستر ٿي ڪم ڪيائون، تنهن کانپوءِ ۱۹۹۳ع تائين
جيءِ هند ڪاليج، ممبئيءَ ۾ پروفيسر ٿي رهيا ۽ ٻين
ڪيترين سنستائن سان ساماجڪ، تعليمي ۽ ڌارمڪ
سنستائن سان جڙيل آهن جئن ته ڪائونسل آف سنڌي
پروموشن هند سرڪار دهلي، وائيس پريزيڊنٽ پوج

صحت جي ڪيتري سندس لاثاني ڪاريه رهيو آهي.
هن هڪ اهو اهم ڪاريه شهرواسين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيو جو ۱۹٦۳ع ۾ ريڊڪراس سوسائٽيءَ جو پايو وڌو ۽ سنا سنا ڊاڪٽر گهرائي غريبن جو علاج ڪرائڻ ۾ ساراهه جوڳو ڪم ڪيو ۽ ائمبولنس سروس به چالو ڪرائي ۽ هر بيماريءَ جا الڳه الڳه ڊاڪٽر مشنري رکي ڪاريه ڪيو، اهو سندس جو هڪ يادگار طور اڄ به ڪاريه ڪري رهيو آهي ۽ بنا جاتي ڀيد ڀاوَ جي ڪاريه تي رهيو آهي. شل اهڙا لال سڀ تين جي پنهنجي جاتيءَ سان گڏ سيني لاءِ ڪاريه ڪن، اهڙن شخص کي پرنام آهي.
اهڙي شخصيت جو ديهانت ۲۵-۱۲-۱۹۹۴ تي ٿيو.

ائڊريس : شري چوئٿرام سخاوتراءِ بٺرڪ ۱۹۹۲، روم ۲۰-۲۱، اوٽي. سيڪشن، سنڌونگر - ۰۰۳ ۴۲۱

فون نمبر : ۷۵۹٦۰



شري ديويداس ڦننداس
جيسواڻي

شهر ۾ ائين نہ ڪينترائي جيسواڻي آهن پر اُنهن مان بہ ڪي ٻاڻ ڳڻيا جيسواڻي ڪافي مشهور آهن، اُنهن ۾ بہ شري ديويداس ڦننداس جيسواڻي پنهنجي الڳہ پهچاڻ ناهي آهي. سندس جنم سنتن جي ڳوٺ عبدو سڪر ضلع ۾ ٿيو، اُن شهر يعني ڳوٺ ۾ برهملين سوامي تلوڪداس اُداسين پڻ جنم ورتو هو نہ مشهور ڀڳت سائين سڳنارام جيسواڻي پڻ جنم ورتو هو.

اهڙن سنتن يعني ڀڳتن جي پٽ ڦننداس جي گهر شري ديويداس جو جنم ١٩٤٢-٦-١٢ تي ٿيو، سندس ماتا صاحب جو نالو وشني ٻائي ڦننداس هئو.

سنڌ ۾ ڀڳت ٿهلرام صاحب ڪافي مشهور هوندا هئا، اُنهن سان گڏ ڀڳت سڳنارام جن پڻ سندن سان گڏ ڀڳت ڪندا هئا. (ڀڳت ٿهلرام صاحب شري ڊاڪٽر ديال آشا صاحب جا پڻ ويجها مائٽ هئا)

ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪجهہ ٽائيم ڪان پوئِي ديويداس ڦننداس جن جا ماتا پتا صاحب چالاڻو ڪري ويا. اُن ڪانپوءِ شري ديويداس ڦننداس جن پتا وانگر مانجهي مڙس ٿي سندن جي ٻڌايل راه تي هلندا رهن ٿا ۽ غريب غربن

او.ٽي.، آلهاسنگر-۲، سيڪريٽري جننا جنارڌن پريشد، سوامي ٽينئورام آشرم، ميمبر مهاراشٽرا سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري ڪنائي بورڊ، پونا، ائسوسيئيٽ، پريزيڊنٽ، سنڌو ادبي سنگت، سنڌونگر.


سائين جن ايم.اي.، ايم.ايڊ. پاس آهن ۽ سنڌن کي ٻائڻ خاص ڪري پڳڻي گيت، لکڻ پڙهڻ جو خاص شونق آهي ۽ شروع کان ئي مٿين ڪارين ۾ لڳل آهن.

سندن کي ڪافي انعام پڻ مليل آهن ۽ سنا اداڪار پڻ آهن ۽ ڪجهه وقت هو ايس.اي.ايم. پڻ هئا. اهڙي نموني دين دکين جي شيوا ڪاريه ڪندا رهندا آهن.

أڊريس : ۲۱/۱۲۹۲، او.ٽي. سيڪشن، سنڌونگر-۴۲۱۰۰۴
فون نمبر : گهر - ۵۲۴۴۱۴، آفيس - ۵۲۹۴۱۴ / ۵۳۰۴۱۴

جيڪي سندا ۽ سند تي فتح پائيندا، اهي پنهنجي ڪرم ۾ سمرت ٿين ٿا.

— شري رامچندر ڪيشو ديو ڏونگري جي مهراج



شري ساون ڪُمار اُداسي

نئون سال، نئون مهنو، نئون ڏينهن يعني پهرين جنوري تي سندس جنم ١-١-١٩٤٠ تي سنڌ جي بنگلديرو ضلع لاڙڪاڻي ۾ سنتن جي ڪٽنب بابا ساڌورام اُداسيءَ جي گهر ٿيو.

شروع کان ڌرمي خيالن ۽ سنتن جي آسيس سان وڏو ٿي پاڻ به هڪ برک ليکڪ شاعر هندي سنڌيءَ جو ٿيو ۽ ڪافي نالو ڪمايو، اهو سندس شونق هئو ۽ آهي، سندس جا چار ڪتاب لکيل ۽ ڇپايل شايع ٿيل آهن.

هڪ گهڙي مونسان به گهار (شعرن جو مجموعو)

عجب هي آيو هي زمانو (شعرن جو مجموعو)

ٻال سپا (ٻال ڪهاڻيون ۽ گيت)

گل جي تمنا (شعرن جو مجموعو)

سندس ڪي پنهنجي گهرو پالنا لاءِ ريڊيمينٽ جو

۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ سان گڏو گڏ پنا صاحب ڪان ورثي ۾ مليل سائين پرپارام مندر جي پرسان دُڪاندارن جا پريزيڊنٽ بڻيا جو سندن پنا صاحب پڻ اُن بزار جا بزرگ پريزيڊنٽ ٿي رهيا هئا.

شري ديويداس اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل تي چونڊيا ويا ۽ هو جدا جدا ڪاميٽين جا چيئرمن ۽ سينيٽيشن ڪاٽي جا پڻ چيئرمن ٿي رهيا ۽ ايس.اي.ايم. يعني اسپيشل ايگزيڪيوٽوِ مئجسٽريٽ پڻ ٿيا.

هو ڪانگريس پارٽيءَ جا ميمبر هئا جو سندن لڳ ڀڳ سڄو خاندان ڪانگريسي رهيو آهي، سندن جي ڏاڏي جو ڀاءُ شري پرسرام ڪانگريسي ڪنهن ڪان گهڻو ڪونہ آهي، سندن ڀاءُ پڻ ميونسپل جو ميمبر ٿي رهيو آهي شري سترامداس جيسواڻي.

هن وقت شري ديويداس جيسواڻي پنجين نمبر ۾ فلور ملس جو پريزيڊنٽ آهي ۽ اُمن ڪاميٽيءَ جو سرگرم ميمبر آهي، پڻ جئہ بابا ٽلوڪداس آشرم جي نهج ڏام ٽرسٽ جو ٽرسٽي آهي ۽ پنجين نمبر جي شاپ ڪيپرس آئسوسيئيشن جو آئسوسيئيٽ پريزيڊنٽ آهي، ڪم انسان جون خوبيون پاڻيهي بيان ڪندو آهي.

هن وقت هو ڪافي سرگرم ڪاريہ ڪرتا آهي ۽ سماجڪ پنگتي ادبي ڪافي سنستائن سان جڙيل آهي.

شل اجان بہ وڏيڪ ڪاريہ ڪندو رهي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجن وڏن جو نالو روشن ڪندو رهي.

ائڊريس : بلاڪ نمبر - ۱۵۵۸/۷۷۹-سي.، نهج ڏام روڊ، سنڌونگر ۴۲۱۰۰۵ .

فون نمبر : ۵۴۹۵۷۷

شل سيني گرُن ۽ سنتن مهاتمائن جي آسيس

اَسان مٿان رهندي اَچي

سٺو ڏنو آهي. سندس جا ڪيترا پيرا ريڊيو تان پروگرام پيش ٿيا آهن ۽ ٽي.وي ۽. ٽي پڻ سندس مشاعري ۾ ڀاڱو ورتل آهي.

هن صاحب جون ڪافي رچنائون گهڻن ئي لوڪل اخبارن ۽ هندواسي ۽ ۾ اڪثر شايع ٿينديون رهنديون آهن ۽ ڪيترن هندستان جي جدا جدا ساهتڪ رسالن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن.

اهڙين سنڌيت جي دوستن همدردن لاءِ شڀ اشائون آهن تہ هميشه سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهن.

ائڊريس : سائين مهر، ٤٠١ - بي. بلاڪ چونڪ، سنڌونگر - ٤٢١٠٠١

فون نمبر : آفيس - ٥٤٧٠٢ / ٥٦٠٠٠٢، گهر - ٥٤٢٣٩٥



دادي ڀڳونتي ارجنداس ڀاٽيا

سنڌونگر ۾ گهڻائي ماستر ماستريائڻيون آهن پر دادي ڀڳونتيءَ جي الڳ ئي پهچاڻ آهي، سندس جي ننڍڙن ٻارن لاءِ پيار ۽ اُنهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ ڪري ۽ اسڪولن کي ناهڻ ۽ سنوارڻ جي ڪري.

سندس جنم ١٥-٣-١٩٣٩ جي ٿيو، اصل سنڌ ۾ مانجهاندن جي ڳوٺ جا آهن. سندس پتا ريواچند هاسانند ڏنواڻي ۽ ماتا جو نالو ريجهي ٻائي هئو.

هوءَ هڪ وڏي خانداني گهر جي مهلا آهي جو سندس چاچو اُن کي راءِ صاحب جو لقب مليل هئو، سندس پورو نالو راءِ صاحب منگهرمل ڏنواڻي هئو.

دادي ڀڳونتيءَ ١٩٥٧ع ۾ ايس.ايس.سي. ۽ ١٩٦٩ع ۾ ڊي.ايڊ. پاس ڪئي، اسڪول نمبر ١٠، سيڪشن ٢٧ پائي تلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ، سنڌونگر-٣ ۾ سانده ١٩٦٦ع کان وٺي ماستري ڪئي ۽ جڻ تہ چوٿين نمبر ۾ رڪارڊ قائم ڪيو ماستري ڪري.

دادي هميشه ماسترن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندي آهي.



شري ٽانڪرام ٽيجواڻي

شري نانڪرام جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيل آهي ٣١-٧-١٩٤٤ تي، اصل هو سيواڻي آهن.

هو هڪ الڳ ۽ نرالي شخصيت آهي، سرل ۽ مٺي زبان وارو رلڻو ملڻو جوان آهي ۽ هميشه ڪم ڪرڻ ۾ وشواس رکندڙ آهي.

هو بامبي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڊپوٽي ڪمشنر جو پرسنل اسسٽنٽ رهي چڪو آهي ۽ هن وقت رٽائرڊ آهي.

سندس کي لکڻيءَ جو شونق آهي، هن ٿي نندا نندا ڪتاب فيلسوفيءَ تي لکيا آهن، هاڻي سندس ويچار پي.ايچ.ڊي. ڪرڻ جو پڻ آهي ۽ اڳتي بہ ٻيا ڪتاب لکڻ جي تمنا اٿس.

هو هڪ سٺو سوشل ورڪر پڻ آهي، سندس جو مڃڻ ۽ چوڻ آهي تہ ايشور جي سچي پڳتي غريبن جي شيوا ۾ ئي آهي. هو ڪيترين ئي سوشل ساماجڪ سنستائن سان جڙيل آهي.

ائڊريس : مان لڪشمي ڪو-آپريٽو سوسائٽي، فلئٽ نمبر-٣٠١-١،
پاٽيا هاسپيٽل پرسان، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٥

فون نمبر : ٥٣٠١٥٢



يمتي جيا موهن ساڌواڻي

جئن سورج کي ٽِريءُ سان ڍڪي ڪونہ سگهبو آهي،
هڙي نموني جيا ساڌواڻيءَ کي بہ وساري ڪونہ ٿو سگهجي.

اصل ۾ هوءَ بہ سنتن جي اؤلاد آهي.

سندس جنم هتي هن سنڌونگر جي ڌرتيءَ تي ٿي
يو آهي، ۱۹٦۲-٦-۱۱ جي، سنڌونگر-۵ ۾. ننڍي هوندي
ان ئي هوءَ هوشيار ۽ تيز هوندي هئي (ننڍپڻ کان
يس گهر ۾ لاڏ پيار ۽ سٺي سکيا ملي ۽ پاڻ بہ اُن
ي ساڪار ڪيائين ۽ بي.اي.، بي.ايڊ. پاس ڪري
وڪري ڪيائين. تنهن کانپوءِ سندس جي شادي موهن
اڌواڻيءَ سان ۸۲-۵-۸ جي شڀ ڏينهن تي ٿي. سندن
جي تمنا هميشه راجنيتيءَ ۾ اَچڻ جي هوندي هئي
کجهہ ڪرڻ جي تمنا دِلِ ۾ هوندي هئس. پهرين
هوءَ سماجڪ، سيبتڪ، پنگتي ڪاريہ ڪرمن ۾ سرگرم
هرو وٺي پوءِ اڳتي وڌي، اُن ۾ سندس چاچي پڻ يعني
اڪٽر سپاش (سونيءَ) جيڪو پڻ مشهور انسان سان گڏ
سٺو ڪاريہ ڪرتا ۽ ميونسپل ڪائونسلر هئو، اُن وقت
ن ۱۹۹۱ع ۾ (اڌويهيہ سؤ ايڪانوي) ۾ سندس ڪي پپو

رٽائرڊ ٽيڻ ڪانپوءِ بہ هوءَ اسڪولن لاءِ ٻارن ڪي سٺيون سهوليتون ملن، اُن لاءِ پڻ جتن ڪندي رهندي آهي. سندس کي ڪافي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ همٿ افزائيءَ طور مليل آهن.

اسڪول بورڊ ميونسپل طرفان بيسٽ ٽيچر آوارڊ ٽي دفعا مليل اٿس تہ لائنس ڪلب ٻہ دفعا بيسٽ ٽيچر آوارڊ ڏنو اٿس ۽ پڻ هڪ سهڻي ٽرافي پڻ ڏني اٿس، تنهن ڪانسواءِ ايسٽ ۽ ويسٽ ٻنهي روٽري ڪلبن طرفان بيسٽ ٽيچر ٻہ ٻہ دفعا آوارڊ مليل اٿس. اها هڪ قسم جي فخر جي ڳالهہ آهي، اُن ڪان سواءِ سندس کي مهاراشٽرا جي سول ڊفينس جو سرٽيفڪيٽ پڻ مليل آهي سٺي ڪم ڪرڻ ڪري.

رٽائرڊ ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجو قيمتي وقت بيڪار نہ وڃي، اُنڪري هوءَ سوامي شانتي پرڪاش يوگا ڪيندر ۾ وڃي شيوا ڪاريہ ڪرڻ ۽ اسڪولن خاص اسڪول بورڊ جي پرائمري اسڪولن جي ڀلائي ۽ ڀهبوديءَ لاءِ ۽ ٻارن خاص ڪري غريبن کي مدد ڪرڻ ۽ اُنهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو ڪاريہ ڪرڻ جو سنڪلپ ورتو آهي.

شل سائين سندس جي نيڪ ارادن کي اجان مظبوطي بخشي.

ائڊريس : بئرڪ نمبر ١٣٧٦/٩، سيڪشن ٣٢، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٤

فون نمبر : ٥٢٢٤٦٦

داڪٽر سُياش (سوني)
تلسيداس اُداسي



توري ۾ جيون پريچيہ

پورو نالو :- ڊاڪٽر سياش (سوني) ٿُلسيداس اُداسي

جنم جي تاريخ :- ا جنوري، ١٩٣٥
(پاسپورٽ ۽ اِسڪول ۾ ا آڪٽوبر، ١٩٣٥)

پوري ائڊريس :- بئرڪ نمبر-١٥٨٥، روم نمبر-٢، سيڪشن-٢٧، ڀائي ٿُلسيداس رامداس اُداسي دربار مارگ، سنڌونگر-٣٢١٠٠٤، ضلع : ٺاڻا (مهاراشٽرا)، ڀارت.

ڪم هن وقت :-

مهنيوار 'سوني' اخبار جو مالڪ ۽ مکيہ سمپادڪ،
ليکڪ ۽ روپ ٿُلسي فئشن اِسٽور جو مالڪ.

اڳ ۾ ڪم :-

ميڊيڪل پرئڪٽس ڪنڊڙ ۽ پرنٽنگ پريس جو مالڪ ۽ ڪرسٽل ليمينيٽس لميٽيڊ ڪمپنيءَ جو لائزننگ آفيسر.

ڪلاڪيءَ جي مارڳ درشن ۾ ٽڪيٽ ڏياري ۽ جيا پڻ اُن کي بخوبي شيوا ڪاريه ڪري نالو ڪمايو، چونڊجي آئي سنئي گهٽائيءَ سان، پر گورنمينٽ جي ڏاڍائيءَ ڪري ڪائونسل کي اٽڪل ۱۵-۱۸ مهنن ۾ ڊانو ويو (ڊزالِو) ڪيو ويو راڄنيتيءَ اثر ڪري.

وري ٻيهر جيا موهن ساڌواڻي ۱۹۹۷ ۾ اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن ۾ چونڊجي آئي ۽ پهرين ئي دفعي ۾ اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبر بڻي ۽ پنهنجي وارڊ کي (ڪانگريس (آءِ) ٽڪيٽ تي چونڊيل آهي) ناهڻ سنوارڻ ۽ ڏُکه درد دور ڪرائڻ ۾ هڪ مانجهي مڙس وانگر لڳي ويئي آهي. وارڊ واسين ۾ ڪافي عزت ۽ پيار پئدا ڪيو آهي؛ ڪم ئي انسان جي وڏي خوبي آهي.

اُن سان گڏو گڏ هوءَ مهلا سنگهرش سمتيءَ جي پريزيڊنٽ، ينگه اُلهاس ويلفيئر ائسوسيئيشن جي پريزيڊنٽ پڻ آهي ۽ زالن جي حقن لاءِ هميشه سنگهرش ڪندي رهندي آهي. هاڻي تازو هوءَ ڊي.ايم.ٽي.، ڊي.اي.ٽي.، ڊي.اين.، سي.سي.اي. ۽ آر.ايم.پي.، ڊاڪٽري ڪورس ڪري سرٽيفڪيٽ ورتا آهن. هاڻي هوءَ ڊاڪٽر (شريمتي) جيا موهن ساڌواڻي آهي.

شل اجان به وڏيڪ ۽ وڏيڪ شيوا ڪاريه ڪري سماج ۾ پنهنجو ۽ وڏن جو نالو چمڪائي.

سندن ائڊريس : ۱۰۲، شري گوڪل ڌام، پريات سئنيما جي پٺيان، ميڪر ٽاور جي پرسان، سنڌونگر-۴۲۱۰۰۵
فون نمبر : (گهر جا) - ۵۴۸۷۸۰ / ۵۳۰۸۷۰

ڪلر ڪرايون، جو هڪدم خبر پوندي هئي ته هيءَ ميونسپل جي ڪچري جي گاڏي آهي.

- مهاراشٽرا گورنمينٽ طرفان سنجيه گانڌي نراڌار انوادن ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيس.

- سيوادل ڪانگريس (آءِ) رورل ايريا جو ٺاڻا ضلع جو آرگنائيزنگ سيڪريٽري.

- چيئرمن، ٽرانسپورٽ ڪاميٽي.

- چيئرمن، سالڊ ويسٽ ٽريٽمينٽ پلانٽ (ڪچري مان گئس يا بجلي ناهي ڪم آڻجي، سينچري ريئان ڪمپنيءَ سان گڏ ۽ لنڊن جي فيوچر فيول ڪمپنيءَ سان گڏ هي ڪاريه ٿيو هو، اُن ۾ ڪافي جانڪاري حاصل ٿي ۽ ڪيترا دفعا دهليءَ پڻ وڏن آڏڪارين سان ملاقات ڪئي)، پر اهو ڪم ڪن قانوني اڙچڻن جي ڪري پورو ٿي ڪونه سگهيو.

- پهرين پهرين اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ ٿيس.

- پاليسي ناهڻ جي ڪو-آرڊينيشن ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ آئڊمنسٽريشن اِمپرووومينٽ ڪاميٽي ميمبر، ميمبر - آڪٽراءِ ڪاميٽي، ميمبر - پي.ڊبليو.ڊي. ڪاميٽي، ميمبر - لائيٽ اِمپرووومينٽ ڪاميٽي، ميمبر - ٽائون پلئننگ ڪاميٽي ٿي رهيو آهيان.

- زونل سيڪريٽري :- انٽرنئشنل سنڌي پئنچائٽ فيڊريشن، الهاسنگر يونٽ. (پريزيڊنٽ سنڌين جو لاڏلو نيتا شري ناري گرسهاڻي صاحب)

- جنرل سيڪريٽري، آل اِنڊيا سنڌي سماج، انڊور (الهاسنگر يونٽ) (اُن وقت پريزيڊنٽ شري ايسرسنگهه

اڳ جو اسٽيٽس :-

- ١٩٦٦ تائين ناگپور جي بڙا اِندورا جي بابا صاحب امبيڊڪر مندر ٽرسٽ ۽ اُنڪرش واچناليہ (رجسٽر) جو وائيس پريزيڊنٽ.

- جنرل سيڪريٽري، جهوپڙپٽي وڀاڳ، اُلهاسنگر تالوڪا ڪانگريس (آءِ) ڪاميٽي.

- اُلهاسنگر چوٿين جو ڪانگريس (آءِ) جو پريزيڊنٽ.

- اُلهاسنگر شهر ڪانگريس ڪاميٽيءَ چوٿين نمبر جو جنرل سيڪريٽري

(نهرو يوَن ڪانگريس آفيس جي گريناٽيٽ پٽر تي نالو اُڪريل آهي، اُن وقت سرگواسي ڏنراجمل پريزيڊنٽ هئا)

- اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ - ٣ دفعا (هڪ دفعو امبرنات مان پڻ ايس.اِي.ايم. ٽيل)

- ٻہ دفعا اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل جو چونڊيل ميمبر (وڏي گهٽائيءَ سان (١) ١٩٨٦ ۽ وري (٢) دفعو ١٩٩١ ۾)

- هڪ دفعو چيئرمن، سينيٽيشن، ميڊيڪل ۽ پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ تي رهيو ۽ اُن ٽائيم ۾ پريزيڊنٽ پپو ڪالاڻيءَ جي ساٿ سهڪار سان ٣٠٥ هريجن ڪامگار گورنمينٽ ڪان پڪا ڪرايا، جيڪو هڪ اُلهاسنگر جو اتهاس آهي ۽ رات جو صفائيءَ جو اڀيان هلايو، جيڪو پڻ ڪافي ڪامياب ويو، ٻيا بہ ڪيترا سُڌارا ڪرايا، جانورن جي ڍڪ ۾ آمدني وڌائي، جيڪا پڻ رڪارڊ آمدني آهي، ڪچري جون ٽرڪون هڪ ئي گولڊن ييلو (پيلو)

تمهاڻي جهڙا اڳوان شامل هئا ۽ جيسين تائين شريمتي اندران گانڌيءَ کي ڇڏيو ڪونہ ويو، اُن مهل تائين اسان جيل ۾ هئاسين.

ٽرانسپورٽ ڪاميٽي - چيئرمن جي حيثيت ۾ وٺلوازڙيءَ کان شرڊي ۽ ٻين ڪيترن هنڌ گورنمينٽ کان موڪل وٺي نون رستن ۽ ٻاهرين هنڌن لاءِ بسيون چالو ڪرايون ۽ مهورت شري نَڪُل پاٽل صاحب، شري رام ڀائو ڪاپسي، شري منوهر جيسواڻي ۽ مونکان يعني ڊاڪٽر سونيءَ کان ڪرايو ويو هو.

اهڙي نموني پنهنجي وارڊ واسين، شهرواسين، ايم.ايل.اي.، ايم.پي. جو سهڪار ملندو رهيو ۽ ڪم ڪندو رهيس.

هن وقت سنڌونگر پوڄ ٻيڪہ منڊل جو ۽ اَکل ڀارت سنڌي ساڌو سماج جو ميمبر پڻ آهيان.

داس
ڊاڪٽر سياش (سوني) تلسيداس اُداسي

بيدي هئا)

- دادا دولترام منگنياڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ مون سرڪاري ۽ خانگي ڊاڪٽرن جي مدد سان ليپرسي (ڪوڙهين) جي ڀلائيءَ لاءِ ڪئمپ لڳائي ۽ دوائون پڻ مفت ورهايون، ونلوازي ريلوي اسٽيشن ڀرسان، سنجيه گانڌي ليپرسي ڪالونيءَ ۾.

- خون دان جي ڪئمپ ۾ خاص بهرو ورتو، الهاسنگر اسٽيشن ڀرسان، اُن جو روح رواڻ وجيه منگناڻي هئا.

ميونسپل ڪائونسلر هوندي ٻئي دفعا پنهنجي وارڊ کي ڪافي سٺي نموني سڌاريو ۽ سنواريو ۽ چيئرمن - سينيٽيشن جي حيثيت ۾ مشين جي.سي.بيءَ رستي نالا صاف ڪرايا جو ڪٿي به ٻوڏ ڪونه آهي، اُن وقت (اُها مشين به دوست نه پر ڀاءُ وانگر دوست مُرلي وزيراڻيءَ جي مهربانيءَ سان بنا پئسن وٺڻ جي فريءَ ۾ ڪم لاءِ پورو هڪ هفتو ڪن ملي هئي)

(پوري ڪمن جي مووي ڪئسٽ نڪتل آهي)

هر اليڪشن ۾ ڪانگريس ڪاريه ڪرتا ٿي پوءِ اُها اليڪشن ايم.ايل.اي.، ايم.ايل.سي. يا ايم.پي. لاءِ هجي، ڪاريه ڪيل آهي.

شريمتي اندرا گانڌي جيل ڀرو آندولن ۾ ڀائو گوپ ڀهراڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ پڻ بهرو ورتو، جنهن ۾ ڀائو شونڪنتراءِ پُرسواڻي، هيمنداس ڀاڳواڻي، ڀائو سندرداس ٻنيجا، نڪُلُ پاٽل صاحب، وڪار مومن، پرڀاڪر نلاوڙي، بابا شامداس، دنا گري جي، يونس ڀائي ۽ دليپ



























